

# اجي اڀياس

## (جاگرافي)

ستين ڪلاس لاءِ


پاران :

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد سنڌ

ڇپائيندڙ :

سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ






# سماجي اڀياس

## (جاگرافي)

ستين ڪلاس لاءِ

پاران :
سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد سنڌ
ڇپائيندڙ :
سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ



# سماجي اڀياس

## (جاگرافي)

ستين ڪلاس لاءِ

ٻاران:
سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد سنڌ

ڇپائيندڙ:
سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ.

| تاريخ اشاعت | ڇاپو | تعداد اشاعت | قيمت |
|---|---|---|---|
| جون 1973ع | پهريون | 2000 | |

هن ڪتاب جا سڀ حق [illegible]
بڪ بورڊ، حيدرآباد سنڌ وٽ محفوظ آهن.

---

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد جو تيار ڪيل
تعليم کاتي جي سرڪيولر نمبر/IREAU/CD/EDU
1-54/65 تاريخ 19- مارچ 1968ع هيٺ، صوبي سنڌ
جي مڊل ۽ سيڪنڊري اسڪولن لاءِ، درسي ڪتاب
طور منظور ڪيل.

مصنف:

چوڌري نذير احمد بي. اي آنرز

ايم. ايس. سي (انڊيانا. يو. ايس. اي)

سي. او. ايم (صدر دفتر تعليم يو. ايس. اي)

مترجم:

سيد پناهه علي شاهه

پاران ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

---

**Printed at the Sindhi Adabi Board's Printing Press,
Tilak Incline, Hyderabad Sind and Published
by Mr. Ghulam Rabani A. Agro, Secretary,
Sindhi Adabi Board, Hyderabad Sind.**

## مضمونن جي فهرست


1- ڌرتيءَ جو ٻاهريون تهه 1
2- ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي ڦيرگهير جا
قدرتي ذريعا 7
اندريان ذريعا 7
قدرت جا ٻاهريان ذريعا 14
3- ويڪرائي ڦاڪ ۽ ڊگهائي ڦاڪ ليڪون 31
ويڪرائي ڦاڪ ليڪون 32
ڊگهائي ڦاڪ جا گهيرا 34
مکيه مڏيان ڦاڪ 35
ڪي مکيه ويڪرائي ڦاڪ ليڪون 36
4- ڊگهائي ڦاڪ ۽ وقت 41
وقت معلوم ڪرڻ جو طريقو 43
مڪاني ۽ اسٽينڊرڊ وقت 45
گرميءَ ۽ سرديءَ جي خيال کان
ڌرتيءَ جي گولي جا پٽا 46
5- اسان جو وطن - پاڪستان 50
زراعت ۽ جانورن سان تعلق
رکندڙ هنر ۽ دستڪاريون 50
ڪپهه ٽالڻ جا ڪارخانا 54
سٽ تيار ڪرڻ ۽ ڪپڙي اُڻڻ جا ڪارخانا 54

هوزري
گهريلو هنر
مٽي ۽ آنَ جا هنر
الي ۽ ميدي پيهڻ جا ڪارخانا
جانور ۽ جانورن صاف ڪرڻ جا ڪارخانا
62 تيلي ٻج ۽ بناسپتي گيهه جا ڪارخانا
62 ڪمند مان کنڊ ٺاهڻ جا ڪارخانا
63 چانهه
63 تماڪ
64 ميوا
65 چوپايو مال
کير سڪائڻ، چمڙي رڱڻ ۽
67 بوٽن ٺاهڻ جا ڪارخانا
68 غاليچن ٺاهڻ جا ڪارخانا
68 مڇي
6ـ معدني شين تي مدار رکندڙ
71 هنر ۽ ڪارخانا
73 پاڻ ۽ ڪيميائي شين ٺاهڻ جا ڪارخانا
75 شيشي ٺاهڻ جا ڪارخانا
75 سيمنٽ جا ڪارخانا
77 تيل جا ڪارخانا
لوهه ۽ ٻين ڌاتن مان ٺهڻ وارين
78 شين جا ڪارخانا
چاقو، ڇريون، ڪاتا ۽
80 وڍڪٽ جو سامان


| | |
|---|---|
| چيني ۽ مٽيءَ جا ٿانوَ | 80 |
| 7- هلڪن سان واسطو رکندڙ هنر | 82 |
| فرنيچر ۽ عمارتي سامان | 83 |
| رانديڪن جو سامان | 83 |
| سريهه، تارپين جو تيل، روغن | |
| ۽ پالش جا ڪارخانا | 84 |
| ماچيس جا ڪارخانا | 84 |
| پني ٺاهڻ جا ڪارخانا | 85 |
| پينسلن ٺاهڻ جو ڪارخانو | 85 |
| هارڊ بورڊ ۽ پلائي ووڊ | 85 |
| ربڙ | 86 |
| 8- مکيه واپاري شهر ۽ مارڪيٽ | 87 |
| 9- آمدرفت جا وسيلا ۽ رسل رسائل | 99 |
| 10- بجلي جي قوت جون رٿائون | 112 |
| 11- آفريڪا | 125 |
| 12- آسٽريليا | 153 |
| 13- ڏکڻ آمريڪا | 168 |

# ڌرتيءَ جو ٻاھريون تھہ

ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي اسان کي ڪٿي مٽي نظر ايندي آھي تہ ڪٿي پٿر ۽ ڪٿي واري. جاگرافيءَ جي اصطلاح ۾ انھن مان ھرھڪ کي ٽڪر چوندا آھن. ڌرتيءَ جو ٻاھريون تھہ، سمورو ھڪ ئي قسم جي ٽڪر جو ٺھيل نہ آھي، ۽ نہ ئي وري سندس ٿولھہ ھرھنڌ ھڪجيتري آھي، پر ڌرتيءَ جو اھو تھہ يا ڪَل ڪٿي سخت مٽيءَ يا پٿر جي ٺھيل آھي ۽ ڪٿي نرم مٽيءَ يا واريءَ جا ذرڙا آھن. ڪٿي ان جي ٿولھہ گھٽ آھي تہ ڪٿي وڌيڪ. جتي اسان کي سمنڊ نظر ٿو اچي، ان جي ھيٺان بہ ڌرتيءَ جو تھہ موجود آھي، يعني ڌرتيءَ جو مٿاڇرو ھڪ ڪينڊوڙي جي مٿاڇري وانگر لسو نہ آھي، پر ڪٿي ھيٺ تہ ڪٿي مٿي. جتي ھيٺ آھي، اتي سمنڊ آھي، پر سمنڊ جي ھيٺان جيڪو زمين جو تھہ آھي، اھو بہ خشڪيءَ وانگر جدا جدا قسمن جي ٽڪرن مان ٺھيل آھي ۽ ھيٺ مٿي آھي.

اھي ٽڪر جن مان زمين جو تھہ ٺھيل آھي، سي ٽن قسمن جا آھن: ٻاھہ وارا ٽڪر، تھدار ٽڪر ۽ بدليل يا تبديل ٿيل ٽڪر. اچو تہ ڏسون تہ اھي ٽڪر ڪيئن جڙندا آھن.

1_ باھ وارا ٽڪر: ڌرتيءَ تي ٻاهرئين تهہ، جي هيٺان تمام گرم رجيل مادو موجود آهي، ان کي ”ميگما“ چوندا آهن. ڪن وقتن تي اهو رجيل مادو زمين جي ٻاهرين تهہ، جي ڪنهن ڏار مان ٻاهر نڪري، زمين تي وهڻ شروع ڪري ڏيندو آهي، ان وهندڙ گرم مادي کي ’لاوا‘ ڪوٺيندا آهن. هوا جي لڳڻ سان اهو مادو ڄمي، پٿر جي شڪل اختيار ڪندو آهي، جنهن کي ’باھ وارو ٽڪر‘ چوندا آهن. اهڙن ٽڪرن جو نالو باھ وارا ٽڪر انڪري رکيو ويو آهي، جو اهي ڌرتيءَ جي اندرينءَ گرميءَ يا باھ مان ٺهندا آهن.




اهڙن ٽڪرن جو رنگ گهڻو ڪري ڪارو ٿيندو آهي ۽ منجهن ڪوبه تَهه نه ٿيندو آهي. اولهه پاڪستان ۾ اهڙا ٽَڪر بلوچستان ۽ آتر- الهندي وارن جابلو علائقن ۾ آهن.

ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته ميگما، ڌرتيءَ جي پيٽ ۾ سخت شڪل اختيار ڪندو آهي، اهڙيءَ طرح ڌرتيءَ جي پيٽ ۾ به، باهه وارا ٽَڪر آهن. انهيءَ ڳالهه جي تصديق هن مان ٿئي ٿي ته جڏهن ڌرتيءَ جي اندرئين تَهه وارو رڃيل مادو ڌرتيءَ جي ٻاهرئين تَهه کي چيري، ٻاهر ايندو آهي، ته ان ۾ گهڻو ڪري باهه وارو ٽَڪر ڇڃيل يا سخت صورت ۾ به موجود هوندو آهي.

2- تهدار ٽَڪر: نديون پنهنجي وهڪري ۾ جبلن مان مٽي ڪٽي اينديون آهن. اهائي مٽي ميدانن، ڊيلٽائن ۽ سمنڊ ۾ تَهن مٿان تَهه ڪري ٿيندي رهندي آهي. ندين جي وهڪري ۾ آيل مٽيءَ ۾ چُن جي قسم جا معدني ذرڙا به شامل هوندا آهن، جڏهن مٽيءَ جي تَهن تي مٿان دٻاءُ پوندو آهي، ته انهن معدني ذرڙن جي مدد سان اهي تَهه پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي ويندا آهن. سالن جا سال انهن جا مٿيان تَهه، پاڻيءَ جي دٻاءُ ڪري هڪبئي سان ڳنڍجي، تَهه وارن ٽَڪرن جي صورت اختيار ڪري وٺندا آهن. ڪڏهن ڪنهن سبب ڪري سمنڊ جو پاڻي پوئتي هٽي ويندو آهي، يا زلزلو

ايندو آهي، ته ڪن حالتن ۾ اهي ٽڪر مٿي اڀري ايندا آهن. اهڙا ٽڪر گهڻو ڪري جبلن جي مٿرين، دريائي ميدانن، ڍنڍن ۽ سمنڊن جي تهن ۾ ملن ٿا. انهن کي لوڙيو وڃي ته منجهن تهه نظر ايندا. جيڪڏهن اهي تهه وارا ٽڪر واريءَ يا مٽيءَ مان ٺهيل هوندا آهن، ته انهن مان وارياسا يا ڳاڙها پٿر ٺهي پوندا آهن، جهڙا بادشاهي مسجد لاهور ۽ ڪراچيءَ جي چيف ڪورٽ واريءَ عمارت ۾ لڳل آهن.




تهدار ٽڪريون

جيڪڏهن اهي جبل سمنڊ جي تهه ۾ ٺهيل هوندا آهن، جتي ننڍن سامونڊي جانورن جي ڪَلن، سپن يا ڪوڏن جي صورت ۾ موجود هوندا آهن، ته پوءِ اهي چن جي پٿر واري صورت اختيار ڪري ويندا آهن.

اڄ ڪان لکين سال اڳ انهن پاڻيءَ وارن جبلن ٺهڻ وقت ڪٿي پيلن جا پيلا زمين تي ڪري پيا هئا ۽ پوءِ زلزلن يا ڌرتيءَ جي مٿاڇري هيٺان اچڻ ڪري

اهڙيءَ طرح ڏرتيءَ جو گولو باهه وارن ٽڪرن، تهدار ٽڪرن ۽ تبديل ٿيل ٽڪرن مان ٺهيل آهي، ۽ انهن ٽڪرن جي ٺهڻ جو سلسلو هميشه جاري آهي.

گرينائيٽ، بسالٽ ۽ سنگ سماق باهه وارا ٽڪر آهن، پٿر، واري، واريا سي مٽي، چيڪي مٽي، چاڪ ۽ چڻن جا پٿر تهدار ٽڪر آهن ۽ سليٽ، سنگمرمر وغيره بدليل صورت وارا تبديل ٿيل ٽڪر آهن.

## سوال

1ـ ٽڪر ڇا کي چوندا آهن؟

2ـ ٽڪرن جا ڪهڙا قسم آهن؟

3ـ تهدار ۽ باهه وارا ٽڪر ڪيئن ٺهندا آهن؟

4ـ باهه وارا ٽڪر، تبديل ٿيل ٽڪرن مان ڪيئن سڃاتا ويندا آهن؟

5ـ باهه وارن ۽ تبديل ٿيل ٽڪرن جا مثال ڏيو.

# ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي ڦيرگهير جا
# قدرتي ذريعا

اوهان کي خبر آهي ته ڌرتيءَ جو مٿاڇرو هر هنڌ هڪجهڙو نه آهي: ڪٿي پٿريلو آهي ته ڪٿي وارياسو، ڪٿي هيٺ آهي ته ڪٿي مٿي، ڪٿي وري ان تي وڏا وڏا ٽڪر، ماٿريون ۽ بيابان آهن.

زمين جي مٿاڇري تي اهي مختلف شڪليون قدرت جي مختلف ذريعن جي لڳاتار عمل جو نتيجو آهن. جاچ مان معلوم ٿئي ٿو ته زلزلا، سج جي تپت، هوا، پاڻي، برف ۽ ساموندي وهڪرا ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي ڦيرگهير ڪرڻ ۾ مشغول هوندا آهن. زلزلا جيئن ته ڌرتيءَ جي ڦيرگهير جو نتيجو آهن، تنهنڪري زلزلن کي قدرت جا اندريان ذريعا چيو ويندو آهي، ۽ سج جي تپت، هوا ۽ پاڻي جيئن ته ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي ٻاهران اثر ڪن ٿا، انهيءَ ڪري انهن کي ٻاهريان ذريعا چوندا آهن.


اچو ته ڏسون ته اهي اندريان ۽ ٻاهريان ذريعا ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي ڪهڙي ڦيرگهير ڪندا آهن ۽ ڪيئن ڪندا آهن.

اندريان ذريعا: (زلزلا ۽ ٻرندڙ جبل) انسان کي رکو ڌرتيءَ جي مٿاڇري جي ئي ڄاڻ آهي، ڪيس

ان ڳالھ جي اڃا چڱيءَ طرح خبر نہ آھي تہ ڌرتيءَ ۾ اندر ڇا آھي. ڌرتيءَ ۾ کوٽيل کاٽيون رکو ٻہ ميل ھيٺاھينءَ جي خبر ڏين ٿيون. ان کان ھيٺ ڇا آھي، ان جي پوري ڄاڻ ڪنھن کي بہ ڪانھي. تڏھن بہ ھيءَ ڳالھ يقيني آھي تہ زمين جو اندريون ڀاڱو بيحد گرم آھي. جيڪڏھن اسان ڪنھن کاڻ ۾ ھيٺ لھندا وڃون ٿا تہ ھر سٺ فوٽن جي اونھائيءَ تي گرميءَ جو ھڪ درجو وڌي وڃي ٿو. ان مان معلوم ڪري سگھجي ٿو تہ ڌرتيءَ ۾ ھيٺ گرمي موجود آھي. گرميءَ جي خاصيت اھا آھي تہ ھرھڪ شئي کي رجائي ڇڏي ٿي. توھان ڏٺو ھوندو تہ گھڻي گرميءَ سان لوھ جھڙي شئي بہ رجيو وڃي. انڪري ڌرتيءَ جي سخت ڪلي يعني جبلن ھيٺان ڏاڍو گرم ۽ رجيل مادو موجود آھي. اھو ڌرتيءَ جي ڪلي ھيٺان اھڙيءَ طرح موجود آھي، جيئن ڪلي ان جي مٿان تري رھي ھجي. پون وديا يا علم ارض جي ماھرن جو خيال آھي تہ ڌرتيءَ جي اندر مرڪز ۾ جيڪو مادو آھي، ان ٻاھرينءَ بيحد دٻاءَ ڪري سخت صورت اختيار ڪئي آھي.

سامھون صفحي واريءَ تصوير ۾ ڏسو. ڌرتيءَ جي گولي جي وچ ۾ سخت مادو آھي ۽ ان جي چوڌاري پگھريل مادو يعني ميگما آھي، ٻاھرئين پاسي سخت گولو آھي ۽ پوءِ ھوا جو ٿلھو پوش آھي.


جيڪڏهن ڪٿي ڌرتيءَ جو مٿاڇرو وارياسي جبل جو اهيل آهي ۽ مينهن، ندين يا سمنڊ جو پاڻي،




ڌرتيءَ جو ٻاهريون تهه

جو زمين ۾ جذب ٿيندو رهي ٿو، سو ٽمي ٽمي، تمام هيٺ هليو وڃي ٿو، جتي تمام گهڻي گرمي آهي، ۽ اهو پاڻي ٻاڦ بڻجي، زور سان ڌرتيءَ جي ڪل کي ٽوڙي ٻاهر نڪرندو آهي ته ان وقت ڌرتي لڏندي آهي، جنهن کي زلزلو چوندا آهن. ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته ڌرتيءَ ۾ اندر جيڪو ٻرندڙ ۽ رجيل مادو موجود آهي، سو ڌرتيءَ جي ڪنهن به ڪمزور حصي کي ڦاڙي ٿو. جيڪڏهن زمين جو

ڏڪ ڪٿان پچي هوي ته اندران ڳڙهو مادو نڪري،
زمين تي وهڻ شروع ڪندو آهي، ان کي ”لاوا“
چوندا آهن. جڏهن اهو مادو زمين تي گهڻو وقت
وهندو آهي ته ان مان گڏ پٿر ۽ ڌرتيءَ جي ڍڪ
جي مٽي به مٿي ايندي آهي، ۽ ڌرتيءَ جي مٿاڇري





تي ان مادي جي ڄمڻ ۽ مٽي گڏ ٿيڻ ڪري،
ڇهپيارو جبل ٺهي پوندو آهي، جنهن کي ٻرندڙ

جبل چوندا آهن. جبل جو ملهن، جتان لاوا نڪرندو آهي، تنهن جي شڪل ڪيف جهڙي ٿيندي آهي، ان کي ٻرندڙ جبل جو وات، يعني (Crater) چوندا آهن.

ٻرندڙ جبل ٽن قسمن جا آهن: (1) زنده. (2) ستل. (3) مرده. جيڪي هميشه باهه ڪڍندا رهندا آهن، اهي زنده ٻرندڙ جبل سڏجن ٿا، سسليءَ جي ڀرسان ايٽنا ايسا نالي هڪ اهڙوئي جبل آهي. جيڪي جبل اڪثر ستل هوندا آهن، پر ڪڏهن ڪڏهن باهه ڪڍندا آهن، تن کي ستل ٻرندڙ جبل چوندا آهن. اهڙو هڪ جبل ٽورو عرصو ٿيو، جو انڊونيشيا ۾ ڦاٽي پيو هو. جنهن ٻرندڙ جبل مان ڪڏهن به باهه، رک يا لاوا وغيره نه نڪرندا آهن، ان کي مرده ٻرندڙ جبل چوندا آهن. ڪوهسلطان ۽ ڪوهطوفان، جي بلوچستان جي سرحد جي ويجهو آهن، اهڙي قسم جا مرده ٻرندڙ جبل آهن.

دنيا ۾ ٻرندڙ جبل جتي ڪٿي پکڙيل ڪونه آهن، پر انهن جي باقاعدي قطار آهي. ايشيا ۾ اهي اڀرندي ڪناري سان گڏوگڏ اتر کان ڏکڻ طرف پکڙيل آهن، ۽ فلپائين ٻيٽن جي ويجهو اهي ٻن شاخن ۾ ورهائجي ويندا آهن: هڪڙي آسٽريليا جي اڀرندي طرف ڏانهن وڃي ٿي ۽ ٻي انڊونيشيا ۽ ملايا مان ٿيندي برما ڏانهن وڃي ٿي.



گرينلنڊ
اُتر امريڪا
يورپ
ايشيا
آفريڪا
ڏکڻ آمريڪا
آسٽريليا
سرطان گهيرو
جدي گهيرو
خط استوا
فلپائين بيٽ
دُنيا
پرندڙ جبلن جي قطار

آمريڪا ۾ اها قطار الهندي ساموانڊي ڪناري جي جبلن داڪيز ۽ انڊيز مان گڏ وگڏ اتر کان ڏکڻ ڏانهن پکڙيل آهي. هڪ قطار ائٽلانٽڪ وڏي سمنڊ وٽان شروع ٿي، يورپ ۽ ايشيا جي وچ وارن جبلن مان لنگهي، اتر-اوڀر طرف وڃي ٿي، ۽ اهي آفريڪا جي اترين ملڪن مان لنگهي ترڪي ۽ ايران مان ٿيندي بلوچستان ڏانهن اچي ٿي. انڪري بلوچستان، ايران ۽ ترڪيءَ ۾ گهڻو ڪري زلزلا اچن ٿا. ٻرندڙ جبل ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي اهڙي هنڌ آهن، جتي ڌرتيءَ جو مٿيون تهه ڪمزور آهي، ۽ ميگما ان کي ٽوڙي ٻاهر نڪرڻ چاهيندو آهي.

ٻرندڙ جبلن جي ڦاٽڻ ۽ زلزلن جي ڪري ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي تبديليون ٿينديون آهن. ڪڏهن سمنڊ ۾ نوان ٻيٽ پيدا ٿيندا آهن. جپان، فلپائين ۽ بورنيو اهڙيءَ طرح ٻرندڙ جبلن جي ڪري سمنڊ جي تري مان اڀري آيا آهن. اٽليءَ ۾ هڪ ٻرندڙ جبل هڪ رات ۾ ٺهي جڙي پيو هو.

اوڻويهين صديءَ جي شروع ۾ رڻ ڪڇ ۾ (جو ڪراچيءَ جي ڏکڻ-اوڀر ۾ آهي) زلزلي سبب خشڪيءَ جو هڪ تمام وڏو ٽڪرو سمنڊ ۾ غرق ٿي ويو هو.

ڪن وقتن تي ڌرتيءَ جي هيٺئين تهه ۾ ميگما جي چرپر سبب زمين وجندي نه آهي ۽ نه ٿي ان تي ٻرندڙ جبل ٺهندا آهن، پر ڌرتيءَ جي ٻاهرينءَ تهه ۾

وڪڙ يا گهنج پئجي ويندا آهن، يعني ڌرتيءَ جو مٿاڇرو ڪٿي مٿي اڀري ايندو آهي ته ڪٿي هيٺ دٻجي ويندو آهي، جيئن سنه 1923ع ۾ جڏهن جپان ۾ زلزلو آيو ته ٽوڪيو جي اپسمنڊ جي اونهائي، جا ڪن هنڌن ۾، هزار پنج سو فوٽ هئي، سا رکو پنج سؤ فوٽ وڌي بيٺي. ڪٿي زمين ۾ ڏار پئجي ويندا آهن، جيڪي آهستي آهستي مٿيءَ ۽ پاڻيءَ سان ڀرجي ويندا آهن، اهڙيون ڪڏون يورپ جي اتر ۾ ناروي ملڪ ۾ آهن.

لاوا سان ٺهيل زمين جو مٿاڇرو ڏاڍو زرخيز هوندو آهي ۽ ان سان گڏ ڌرتيءَ جي اندرئين پاڱي سان گهڻن قسمن جون معدني شيون ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي ظاهر ٿي پونديون آهن. گهڻو ڪري وسائل جبلن جي منهن وٽ گهنج پئجي ويندا آهن.

## قدرت جا پاهريان ذريعا

1. برسات: برسات سبب ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي ڪيتريون ئي تبديليون ٿيون ٿين، جڏهن جبلن تي زور سان مينهن پوندو آهي، ته جبلن جي وچ واري مٽي پاڻيءَ سان گڏ وهي هلندي آهي، ۽ اهي جبل مٽيءَ جي وهڻ ڪان پوءِ هيٺ ڪري پوندا آهن ۽ ڪرڻ سان پاڻ ۾ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندا آهن

۽ ساموهون آيل زمين ۽ پٿرن وغيره جي شڪل ۾ بگاڙي ڇڏيندا آهن.

2- مٽي ۽ جبلن جي ڀور مينهن جي پاڻيءَ ۾ وهي، هيٺاهين جاين تي اچي گڏ ٿيندي آهي.

3- مينهن جا ڦڙا هوا مان ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ڇهندا آهن، ۽ اهي هلڪي قسم جو تيزاب ٿي پوندا آهن، پوءِ اهي جبلن مان پاڻي، چُن ۽ چاڪ جي پٿر کي ملائي، پاڻ سان گڏ وهائيندا ايندا آهن، جنهنڪري زمين تي وڏيون وڏيون کڏون يا غار پيدا ٿي پوندا آهن.

4- برسات جي موسم ۾ ڏاڍي وسڪاري ڪري جبلن جي ڀرسان ۽ دريائن جي ڪنارن تي ٻوڏ ايندي آهي، جنهن جي ڪري وڻ زمين مان پٽجي پوندا آهن، ۽ ڪن هنڌن تي زمين ۾ ايترا ته کڏا پٽجي ويندا آهن جو اهي پوک لائق نه رهنديون آهن. سيالڪوٽ کان وٺي راولپنڊيءَ تائين، جبلن جي لاهين ۾ جيڪو علائقو آهي، تنهن کي جبلن کان آيل پاڻيءَ اهڙي طرح ڪيترن ئي هنڌن تي ڪٽي ڇڏيو آهي.

جتي به جبلن جي لاهيءَ تي وڻ وڍيا ويا آهن، اتي پاڻي گهٽ بيهي ٿو، انهيءَ ڪري جبلن جي لاهه واري زمين مينهن جي پاڻيءَ سان ڪاٽجي ويندي آهي ۽ ان جو گهڻو ڀاڱو خراب ٿي ويندو آهي.

طرف وهندو رهندو آهي. توهان ڪڏهن ڪنهن اونهي کوهه ۾ ڏٺو هوندو ته ان جي پٽين جي ننڍڙن سوراخن مان پاڻي نڪري، کوهه جي پاڻيءَ سان ملندو رهندو آهي، اهو پاڻي ڌرتيءَ جي اندرئين تهه ۽ نرم سوراخن واري جبلن مان لنگهي ويندو آهي.





## چشمو

پر جيڪڏهن ڪٿي رستي ۾ سخت جبل ايندو ته اُن ته اهو پاڻي هيٺ نه وڃي سگهندو آهي، بلڪ ڌرتيءَ جي مٿاڇري کي ڇڏي چشمي جي شڪل ۾ ٻاهر نڪري ايندو آهي.

جابلو علائقن ۾ اهڙا گهڻا چشما ٿين ٿا. ان زمين اندر پاڻيءَ جي رستي ۾ جيڪڏهن ڪٿي چڻن جو پٿر اچي وڃي ٿو ته اهو اُن کي ڳاري، وهائي ويندو آهي. اهڙيءَ طرح ڌرتيءَ ۾ هيٺ هڪ خال پيدا ٿي پوندو آهي ۽ مٿين مٽيءَ جي ڇت ڦٽي هيٺ ڪري پوندي آهي، انهيءَ ڪري زمين ۾ کڏون پئجي وينديون آهن.

جيڪڏهن زمين ۾ گندرف موجود هوندو آهي ته اهو پاڻيءَ ۾ ملي ويندو آهي ۽ گندرف جو گرم چشمو ٺهي ايندو آهي، جنهن مان چمڙي جي بيمارين جو علاج ٿي سگهندو آهي. اهڙو هڪ چشمو ڪراچيءَ جي ڀرسان منگهي پير جي جابلو علائقي ۾ آهي.

جيڪڏهن زمين جي هيٺان ٻن سخت چٽن جي وچ ۾ هڪ نرم چٽ هجي، جنهن ۾ پاڻي جذب ٿيندو هجي




۽ ان جو نرم چيڙو ڪنهن ٻيءَ پاڻيءَ جذب ڪرڻ واريءَ چٽ مان ملندو هجي ته مٿين سخت چٽ ۾ سوراخ ڪرڻ سان پاڻي ڦوهاري جي صورت ۾ نڪري ايندو آهي، اهڙيءَ طرح آرٽيزين يا ڦوهاري وارا کوھ ٺهندا آهن.

4. برف: جبلن جي اوچين چوٽين تي هميشه برف هوندي آهي، ۽ اتي برسات بدران برف پوندي آهي؛

پاڻي کي مٿانهين تي گڏ ڪرڻ ۽ ان کي ضرورت مطابق ميداني علائقن ۾ پهچائڻ جو هيءُ قدرتي ذريعو آهي.

اهڙيءَ طرح اتر قطب ۽ ڏکڻ قطب تي تمام گهڻي برف گڏ ٿيل هوندي آهي. جبلن جي چوٽين ۽ قطبن تي گڏ ٿيل واري برف ئي، قدرتيءَ جي مٿاڇري تي ڦيرين گهيرين جو سبب بڻجي ٿي.

5. گليشيئر يا برف جون ڇپون: وڏن جبلن جون چوٽيون ۽ لاهيون هر وقت برف سان ڍڪيل هونديون آهن، جڏهن انهن چوٽين تي وڌيڪ برف پوندي آهي، ته ان جي دٻاءَ سبب لاهين جي برف هيٺئين طرف سُرڪڻ لڳندي آهي. اهڙيءَ طرح برف جون وڏيون وڏيون ڇپون جبلن جي چوٽين کان هيٺ ماٿرين ۾ وهنديون رهنديون آهن. انهن برف جي ڇپن کي گليشيئر چوندا آهن.

جڏهن اهي برف جا درياءَ هيٺ وهندا آهن، تڏهن جبلن جي ڇپن کي ڀڃي ڀوري، هيٺ ماٿريءَ ۾ کڻي ايندا آهن. لڳاتار ائين ٿيڻ ڪري جبلن ۾ ڪاڏ ٺهي ٿي ۽ ماٿريون وڌيڪ اونهيون ٿينديون وڃن ٿيون. جيڪڏهن ڪٿي مٽي ۽ ڇپن جي ڀڃجي وڃڻ ۽ وهي وڃڻ ڪري وڏيون کڏون پئجي وڃن ته اتي ڍنڍ پيدا ٿي پوندي آهي، هيٺ اچي اها برف پگهرجي ندين کي پاڻي پهچائي ٿي.

6۔ آئيس برگ: اتر قطب جي چوڌاري پاڻي آهي، جيڪو ڄميل رهندو آهي. اتي برف جون وڏيون وڏيون ڇپون گليشيئرن وانگر هيٺ سرڪي وڃي سمنڊ ۾ ڪرنديون آهن. اهي ڇپون آئيس برگ سڏبيون آهن. ائٽلانٽڪ وڏي سمنڊ جي اترئين حصي ۾ برف جا اهي پهاڙ ڪن وقتن تي جهازن سان پڻ ٽڪرجندا آهن. گرينلنڊ ۽ گهڻو ڪري اترئين علائقي ۾ اهڙا آئيس برگ ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي ڦيريون گهيريون ڪندا رهندا آهن.

7۔ هوا: هوا سان مٽيءَ ۽ واريءَ جا ذرا هڪڙي جاءِ تان ٻيءَ جاءِ تي پهچندا رهن ٿا. وارياسن علائقن مان هوا واريءَ جا وڏا وڏا دڙا ۽ پٽون هڪ هنڌان اڏائي ٻئي هنڌ پهچائي ٿي. بعضي واري ايتريءَ ته تيزيءَ سان



واريءَ جي طوفان سببان ٽڪرين ۾ ڪاٽ

هڪڙي هنڌان ٻئي هنڌ اڏامندي آهي، جو ڳولن جا ڳوٽ واريءَ هيٺان دٻجي ويندا آهن. واري هوا سان گڏ اڏامندي آهي ته سندس ذرڙا پٿر جي ڇڙن سان ٽڪربا رهندا آهن.

سالن جا سال ساڳي عمل جي ڪري اهي ڇڙون هيٺان گسي، ڪيري پونديون آهن. جيڪڏهن ڪنهن هنڌ واريءَ جي هيٺان سخت زمين هوندي آهي ۽ هوا واريءَ کي اڏائي ويندي آهي ته هيٺان سڻي زمين نڪري ايندي آهي. اهڙيءَ طرح ڪا سڻي زمين ۽ واريءَ جو دڙو بنجي ويندي آهي، جتي پهريائين نخلستان هوندو آهي، اتي ريگستان بنجي ويندو آهي.


8. گرميءَ جي درجي جو تفاوت: جڏهن ڏينهن جو سج چمڪي ٿو ته ڌرتيءَ جي گولي جا جبل گرم ٿيڻ لڳن ٿا، پر اهي سڀ جبل هڪجهڙا نه آهن، انهن مان ڪي جلد ۽ ڪي دير سان گرم ٿين ٿا. جيئن ته گرميءَ سبب شيون رجن ۽ وڌن ٿيون، تنهنڪري اهي جبل به وڌندا آهن، پر ڪي زياده وڌندا آهن ۽ ڪي گهٽ. پوءِ رات جو وري اهي جبل سرديءَ سبب گهٽبا به آهن. اهڙيءَ طرح هر وقت وڌڻ ۽ گهٽجڻ ڪري ڀڃي ڀري پوندا آهن. جتي آس گهٽي ۽ بارش گهٽ هوندي آهي، اتي جبلن جي گهٽي ڀڄڻ ڀرڻ ڪري واري پيدا ٿيندي آهي، ۽ زمين ريگستان جي صورت اختيار ڪندي آهي.

9- واچوڙا: جهڙيءَ طرح ڪُنن جو پاڻي چڪر کائيندو آهي، اهڙيءَ طرح بعضي هوا به چڪر کائڻ لڳندي آهي. هوا جي اهڙي چڪر کي واچوڙا چوندا آهن.

واچوڙن ۾ چڪر جي اندران ٿورو دٻاءُ ۽ ٻاهران گهڻو دٻاءُ هوندو آهي. ٻاهرين هوا گهڻي دٻاءَ جي ڪري چڪر کائيندي مرڪز جي طرف ايندي آهي، جتان اها مٿي چڙهندي آهي. هوا جي مٿي چڙهڻ سان ٿڌ لڳڻ ڪري پاڻيءَ جا بخار جمي پوندا آهن ۽ برسات پوندي آهي، اهڙيءَ طرح واچوڙن جي ڪري مينهن پوندو آهي.

اهي واچوڙا ننڍا به ٿيندا آهن ته وڏا به، ڪي واچوڙا ته ڌرتيءَ جي وڏن وڏن ڀاڱن تي پکڙجي ويندا آهن. خشڪيءَ تي انهن جي رفتار گهٽجي ويندي آهي، پر پاڻيءَ جي هموار مٿاڇري تي اها گهڻو تيز هوندي آهي. واچوڙا سمنڊ مان پاڻيءَ مان گهم حاصل ڪري، جڏهن ڪناري تي پهچندا آهن ته پنهنجيءَ تيزيءَ ۽ سختيءَ جي سبب ڪري عمارتن ۽ وڻن کي گهڻو نقصان پهچائيندا آهن. ڪن سامونڊي ڪنارن وارن علائقن تي واچوڙا هر وقت موجود هوندا آهن، انڪري نه رڳو جهاز ۽ ٻيڙيون ٻڏي وينديون آهن، پر انهن جي زور سان سمنڊ جو پاڻي به گهڻي مقدار ۾ خشڪيءَ تي چڙهي ايندو آهي، جنهنڪري ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي ڪيترا واريءَ جا

ٻاهرئين گهڻي دٻاءَ واري حد مان، هوا اندر گهٽ دٻاءَ واري حد ۾ وڃي ٿي.




دڙا پيدا ٿي پوندا آهن، زمين خراب ٿي ويندي آهي ۽ ڪن وقتن تي ڪناري وارن علائقن جي صورت به بدلجي ويندي آهي. اوڀر پاڪستان ۾ اهي طوفان هرسال وڏي تباهي آڻيندا آهن.


جهان ۾ ميڪسيڪو جي نار واري علائقي ۾ به گهڻا طوفان ايندا آهن.

10ـ <u>سامونڊي وهڪرا</u>: سمنڊ جو پاڻي ٻن نمونن جي چرپر ڪري ٿو، هڪ چولين جي شڪل ۾ ۽ ٻيو وهڪرن جي شڪل ۾.

چوليون يا لهرون، جيڪڏهن تلاءَ ۾ ڪو پٿر اڇليو وڃي ته تلاءَ جي مٿاڇري تي چوليون پيدا ٿي پونديون آهن، ۽ ائين لڳندو آهي ته پاڻي ڪناري طرف اچي رهيو آهي، پر اصل ۾ ائين نه هوندو آهي. جيڪڏهن ڪاغذ جو ٽڪر تلاءَ ۾ اڇليو وڃي ته ڪاغذ اتي ئي چولين تي ترندو رهندو. سمنڊ جي مٿاڇري تي هوا جي ٽڪرجڻ ڪري اهڙيون ئي چوليون پيدا ٿينديون آهن. هوا هوريان هوريان لڳندي آهي، ته اهي چوليون گهٽ اڀرنديون آهن، پر جيڪڏهن هوا تيز هوندي آهي ته اهي ڪيترائي فوٽ مٿي ٿي وينديون آهن. سمنڊ جي اندر ته پاڻي انهن چولين سببان ڪنهن به طرف نٿو وڃي، پر ڪناري جي ويجهو پاڻي خشڪيءَ جي گهٽي حصي تي چڙهي اچي ٿو. چولي ايندي آهي ته پاڻي اڳتي وڌي ايندو آهي ۽ جڏهن واپس ويندي آهي ته پاڻي به هٽي ويندو آهي. انهن چولين سبب سمنڊ جو ڪنارو ڪاٽجي ويندو آهي. جيڪڏهن ڪناري جا پٿر اهڙا هجن، جو سمنڊ جي پاڻيءَ سان ڀڄجي ڀُري پون يا پاڻيءَ ۾ گڏجي وڃن، ته ڪناري ۾ وڏا وڏا گهارا پئجي ويندا آهن، جن سبب ڪچي سمنڊ ٺهي پوندا آهن.

وهڪرا: سامونڊي وهڪرو پاڻيءَ جي هڪ ڌار ٿيندي آهي ۽ اها سمنڊ ۾ هڪ طرف کان ٻئي طرف وهندي آهي. وهڪرا اصل ۾ سمنڊ ۾ وهندڙ درياءَ آهن. چوليءَ سان ته رڳو سمنڊ جي مٿاڇري تي چرپر پيدا ٿيندي آهي، پر وهڪري جي صورت ۾ سمنڊ جو پاڻي سؤ فوٽ هيٺ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ ڏانهن چرپر ڪندو آهي. ڪجهي سمنڊ جو وهڪرو جو ميڪسيڪو جي نار کان برطانيا ڏانهن ويندو آهي، سو ڪيوبا جي ويجهو پنجاهه ميل ويڪرو ۽ چار سؤ فئدم يعني چوويهه سؤ فوٽن کان وڌيڪ اونهو آهي. گرم علائقن جا وهڪرا گرم ۽ سرد ملڪن جا سرد هوندا آهن. اهي گرم سامونڊي وهڪرا سرد علائقن ڏانهن ويندا آهن ته سرد ملڪن جي ڪنارن کي سياري ۾ ڄمڻ نه ڏيندا آهن ۽ برسات ۾ واڌاري جو سبب بڻبا آهن.

سرد علائقن جا وهڪرا گرم علائقن ڏانهن ايندا آهن ته موسم ۾ هڪجهڙائي پيدا ڪندا آهن. ٻيو ته ڪٿي سرد ۽ ڪٿي گرم وهڪرن جي ملڻ سان سمنڊ ۽ سامونڊي ڪنارن جي ڀرسان ڪوهيڙو پيدا ٿيندو آهي. سرد وهڪرا پاڻ سان گڏ سرد علائقن جون ٿڌيون ڄڀيون به آڻيندا آهن. جن ڪنارن وٽان سرد وهڪرا لنگهندا آهن، اتي مينهن ڪونه پوندو آهي. (نقشي ۾ ڏسو ته سرد ۽ گرم وهڪرا ڪهڙن ملڪن مان لنگهن ٿا.)



دُنیا
گرمۂ سرد وهکرا
گرم رو
سرد رو
اتر آرکتک وذو سمند
گرینلند
ایشیا
یورپ
آفریکا
اتر آمریکا
دکن آمریکا
آسترلیا
اتر اتلانتک وذو سمند
دکن اتلانتک وذو سمند
اتر پشفک وذو سمند
دکن پشفک وذو سمند
هندي وذو سمند
دکن آرکتک
وذو سمند
خط استوا

سامونڊي وهڪرا سمنڊ جي پاڻيءَ کي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين آڻيندا آهن. آئيس برگ يعني برف جون ڇپون، جڏهن گرم وهڪرن سان ٽڪرجن ٿيون، ته جلدي پگهرجي وينديون آهن. انهن ۾ جيڪي پٿر هوندا آهن، سي سمنڊ جي تَهه جي صورت اختيار ڪندا آهن. ليبريڊار جي سرد وهڪري سان گڏ جيڪي آئيس برگ ايندا آهن، سي پنهنجا پٿر، ڪپ ۽ گارو نيو فائونڊ لئنڊ جي ڪناري سان گڏ ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح اهي وهڪرا ڌرتيءَ تي ڦيرگهير جو باعث ٿيندا آهن.

قدرت جا اهي ڪارڪن هيٺيان ڪم ڪن ٿا:

1- نيون ٽَڪريون بنائين ٿا: جيئن ته ڀرندڙ جبل جي ڦاٽڻ سبب باهه وارا ٽَڪر ٺهن ٿا، ۽ دريائن ۽ سمنڊن جي تري ۾ ميٽي، واري ۽ پيون به ڪيتريون ئي معدني شيون تَهن تي تَهه جمي وڃڻ ڪري تَهدار ٽَڪرن جي صورت وٺن ٿيون.

2- ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي ڦيرڦار پيدا ڪن ٿا: جيئن ته زلزلي سبب ڀرندڙ جبل ٺهي پوندا آهن، ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي ور وڪڙ پيدا ٿي پوندا آهن، سمنڊن ۾ نوان ٻيٽ اڀري ايندا آهن، ڪي ٻيٽ يا ڪنارا وري پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويندا آهن، ڍنڍون ۽ چشما پيدا ٿي پوندا آهن.

3- پٿر جي ڇپن کي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ ڦيرائيندا رهندا آهن: جيئن ته برف جي ڇپن يا گليشيئرن وسيلي

پٿرن جون چٽون هيٺ رڙهي اينديون آهن ۽ ڀڄي ڀُري ٽُڪرا ٿيو پون، ۽ ندين جي پاڻيءَ وسيلي مٽي، لوڻ ۽ ٻيون معدني شيون سمنڊ ۾ پهچي وينديون آهن.

4ـ گرم رڻپٽ ٺاهيندا آهن: سجّ جي گرميءَ مان گهٽ برسات وارن علائقن ۾ جبل، واري جي ذرن ۾ بدلجي ويندا آهي.

5ـ زمين کي زرخيز بڻائيندا آهن: لاوا جي مٽي يا ندين جي ذريعي آيل جبلن جي مٽي زمين ۾ پيداوار جي طاقت وڌائيندي آهي.

6ـ سمنڊ جي مائيٽي پاڻيءَ کي چُرپر ۾ آڻين ٿا ۽ آبهوا تي اثر ڪن ٿا: سامونڊي وهڪرا سمنڊ جي پاڻيءَ کي هيڏانهن هوڏانهن وهائي ويندا آهن، ۽ جن ملڪن جي ڀرسان لنگهندا آهن، انهن ملڪن جي آبهوا تي اثر وجهندا آهن.

7ـ پاڻيءَ کي ميداني علائقن ۾ پهچائيندا آهن. درياءَ ۽ زمين جي اندران وهندڙ گهارا پاڻيءَ کي جابلو علائقن مان ميدان ۾ آڻيندا آهن.

## سوال

1. قدرتيءَ جي مٿاڇري تي ڦير گهير جا اندريان ذريعا ڪهڙا آهن؟
2. زلزلا ڪيئن ايندا آهن؟ انهن مان قدرتيءَ جي مٿاڇري تي ڪهڙي ڦير گهير پيدا ٿيندي آهي ۽ ٻرندڙ جبل ڪيئن ٺهندا آهن؟

3. قدرت جا ڪهڙا اندريان ذريعا ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي ڦير گهير پيدا ڪن ٿا؟

4. گليشئرن يا برسات سان ڌرتيءَ جي مٿاڇري جي ڪهڙيءَ طرح ڦير گهير ٿيندي آهي؟

5. طوفان مان اوڀر پاڪستان کي ڪهڙا نقصان پهچندا آهن؟

6. هوا ڪهڙيءَ طرح ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي ڦيرگهير پيدا ڪندي آهي؟

7. قدرتي ذريعن سان ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي ڪهڙيون ڦيريون گهيريون پيدا ٿينديون آهن؟

---

# ويڪرائي ڦاڪ ۽ ڊگهائي ڦاڪ


جيڪڏهن توهان کان ڪو پڇي ته، اوهان جو گهر ڪٿي آهي ته اوهان ان کي دڳ، پاڙي ۽ گهر جو نشان ٻڌائيندا آهيو، ۽ پسگردائيءَ وارين مشهور جاين جو ڏس ڏيندا آهيو ته جيئن پڇڻ واري کي توهان جي گهر جو پتو پئجي سگهي. اهڙيءَ طرح پنهنجي ڳوٺ يا شهر جي ٻاهران اوهان ڪنهن هنڌ جي نشان ٻڌائڻ وقت چوندا آهيو ته اهو درياءَ يا واهه جي ڪهڙي ڪناري تي آهي، يا ڪهڙي پل جي ويجهو آهي. خشڪيءَ تي ته اسان ڪنهن به هنڌ جو نشان ٻڌائي سگهون ٿا، پر سمنڊ ۾ ائين ڪرڻ ناممڪن آهي، ڇو ته اتي ڪنهن به قسم جا نشان موجود نه هوندا آهن ۽ چئني طرفن کان پاڻي ئي پاڻي هوندو آهي. انهيءَ سهوليت لاءِ جاگرافيدانن ڌرتيءَ جي چوڌاري خيالي ليڪون ذهن ۾ رکيون آهن. ڪنهن به هنڌ جي سڃاڻپ انهن ليڪن وسيلي ڪئي ويندي آهي.

دنيا جي نقشي يا گولي کي ڏسو. ان ۾ ڪجهه پور وچوٽ ليڪون اوڀر کان اولهه تائين ڪڍيل آهن. اهي ليڪون ويڪرائي ڦاڪ گهيرا آهن. اهي گهيرا ڌرتيءَ تي سچ پچ ڪڍيل نه آهن، پر ائين ئي خيال ۾ رکيا ويا آهن. ويڪرائي ڦاڪ گهيرن وانگر ڪي

ليڪون ڏکڻ ۽ اتر طرف ٻه نڪتل آهن. انهن کي ڏکڻائي ڦاڪ گهيرا چوندا آهن. اڇو ته ڏسون ته اهي ليڪون ڪٿي ڪٿي نڪتل، خيال ڪيون ويون آهن، ۽ انهن جو ڪهڙو فائدو آهي.

ويڪرائي ڦاڪون: اوهان کي خبر آهي ته ڌرتي گول آهي، ۽ سندس محور جي اترئين ڇيڙي کي اتر قطب ۽ ڏاکڻي ڇيڙي کي ڏکڻ قطب چوندا آهن. انهن ٻنهي قطبن کان هڪجيتري مفاصلي تي ڌرتيءَ جي چوڌاري هڪ خيالي ليڪ نڪتل آهي، جا ڌرتيءَ جي گولي کي ڏکڻ ۽ اتر ٻن ڀاڱن يعني اتر اڌ گول ۽ ڏکڻ اڌ گول ۾ ورهائي ٿي، ان ليڪ کي خط استوا چوندا آهن. ان کي گلوب يا نقشي تي ڏسو: اها ليڪ انڊونيشيا جي وچ اوڀر کان اولهه طرف نڪتل آهي. اڌ گول ۾، يعني خط استوا کان ڏکڻ قطب تائين يا خط استوا کان اتر قطب تائين، نوي نوي درجا ٿين ٿا. انهيءَ ڪري نقشي يا گلوب تي خط استوا کي ٻڙي درجو ويڪرائي ڦاڪ سمجهي، ان سان پوروچوٽيءَ تي هڪ هڪ درجي جي مفاصلي تي اوڀر کان اولهه طرف خيالي ليڪون ڪڍيون ويون آهن. اهڙيون نوي ليڪون خط استوا جي ڏکڻ ۾ ۽ نوي اتر ۾ آهن. ڪنهن به هنڌ جو، خط استوا کان ڏکڻ يا اتر ۾ درجن جي لحاظ کان مفاصلو ويڪرائي ڦاڪ سڏجي ٿو، ۽ انهيءَ مفاصلي کي درجن ۾ ظاهر


ڪرڻ وارين ليڪن کي ويڪرائي ڦاڪ ليڪون
چوندا آهن. اهي ليڪون اهڙا گهيرا آهن، جي
اتر قطب ۽ ڏکڻ قطب کي مرڪز وٺي، ڪڍيا ويا
آهن. ٻڙي درجو ويڪرائي ڦاڪ، يعني خط استوا وارو




ويڪرائي ڦاڪ گهيرا

گهيرو سڀني کان وڏو آهي، ۽ ٻيا ويڪرائي ڦاڪ
گهيرا جيئن جيئن اسين اتر يا ڏکڻ ۾ قطب ڏانهن
وڌندا ويندا سين، تيئن تيئن ننڍا ٿيندا ويندا، ايستائين
جو اتر قطب ۽ ڏکڻ قطب تي اهي گهيرا هڪ ٽڪو
وڃي ٿيندا آهن. جيئن ته اهي ليڪون هڪڙي سان
ٻروچوٽيءَ تي خيال ڪيون ويون آهن، تنهنڪري
انهن کي ٻروچوٽ ليڪون به چوندا آهن.

ڊگھائي ڦاڪ جا گھيرا: ڪنھن ھنڌ جي بيھڪ معلوم ڪرڻ لاءِ رڳو ايترو ڪافي نہ آھي تہ اھو ڪيترين ويڪرائي ڦاڪ گھيرن تي آھي، چو تہ ھڪ ويڪرائي ڦاڪ گھيري تي پيا ھنڌ بہ ھوندا آھن.




ويڪرائي ڦاڪ گھيرا

اھڙيءَ ڪري سھوليت لاءِ ڌرتيءَ جي گولي تي اتر کان ڏکڻ طرف نڪتل گھيرا بہ خيال ۾ آندا ويا آھن. جيڪڏھن اسان خط استوا يا ڪنھن ٻئي ويڪرائي ڦاڪ گھيري تي ڌرتيءَ جي چوڌاري چڪر لڳايون، تہ اسان ھڪ پوري گول جي گھيري يعني 360 درجن مان لنگھنداسين. جيڪڏھن اسان ھڪ-ھڪ درجي تي نشان لڳائي، اتر کان ڏکڻ طرف اھڙيءَ طرح ليڪون

ڪيون، جو اهي اتر قطب ۽ ڏکڻ قطب مان لنگهن ٿا، ڌرتيءَ جي چوڌاري اهڙيون 360 ليڪون نڪرنديون. انهن مان هرهڪ ليڪ خط استوا يا ڪنهن ٻي ويڪرائي ڦاڪ تي 90 درجن جي ڪنڊ تي هوندي. انهن خيالي گهيرن کي، جيڪي ڌرتيءَ جي گولي تي قطبن کان اتر کان ڏکڻ طرف لنگهندي خيال ڪيا ويا آهن، ڊگهائي ڦاڪ گهيرا چوندا آهن.

گلوب کي بتيءَ جي روشنيءَ جي سامهون رکو، ۽ چاڪ سان اتي هڪ ليڪ ڪيو، جتي روشنيءَ ۽ اونداهيءَ جون حدون پاڻ ۾ ملن ٿيون. اوهان ڏسندؤ ته اها ليڪ گلوب تي اهڙيءَ طرح نڪتل آهي، جو ان اتر قطب ۽ ڏکڻ قطب مان لنگهندي گلوب جا ٻه حصا ڪري ڇڏيا آهن، اها هڪ ڊگهائي ڦاڪ آهي، پر جيئن ته ان گلوب کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي، ان ڪري ڪيس مڌيان ڦاڪ يا ڏينهن کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائيندڙ ليڪ به چوندا آهن. هڪ ڊگهائي ڦاڪ تي موجود سڀني هنڌن تي منجهند هڪئي وقت ٿيندي آهي.

## مکيه مڌيان ڦاڪ


جيئن ته ڊگهائي ڦاڪ ليڪن جو تعداد 360 آهي، تنهنڪري ضروري آهي ته ان کي ڪنهن خاص ليڪ کان ڳڻيو وڃي. سهوليت لاءِ اهو تسليم ڪيو ويو

آهي ته لنڊن جي پرسان گرينوچ وٽان لنگهندڙ خيالي ليڪ ٻڙي درجي ڊگهائي ڦاڪ واري ليڪ آهي، ۽ 180 ڊگهائي ڦاڪ ليڪون ان جي اوڀر ۾ آهن ۽ 180 اولهه ۾، هن کي ڪاٽائي واري ڊگهائي ڦاڪ ليڪ يا مکيه مڏيان ڦاڪ (Prime Meridian) چوندا آهن.

اهڙيءَ طرح ڊگهائي ڦاڪ اهو مفاصلو آهي، جو ٻڙي درجي ڊگهائي ڦاڪ ليڪ کان، يعني مکيه مڏيان ڦاڪ کان اوڀر يا اولهه ۾ درجن جي خيال کان ماپيو ويندو آهي، ۽ مفاصلن کي درجن ۾ ظاهر ڪرڻ وارين ليڪن جو نالو ڊگهائي ڦاڪ ليڪون آهي. هر ويڪرائي ڦاڪ تي ٻن ڊگهائي ڦاڪن جي وچ ۾ هڪجيترو مفاصلو ڪونه ٿو، پر جيئن جيئن اهي ويڪرائي ڦاڪ ليڪون اتر يا ڏکڻ قطبن ڏانهن وڃن ٿيون، ته سندن وچ وارو مفاصلو گهٽبو ويندو آهي.


## ڪي مکيه ويڪرائي ڦاڪون

جيئن اسان کي معلوم آهي ته ڌرتيءَ جو "محور" سندس مدار تي $66\frac{1}{2}$ درجن جي ڪنڊ ٺاهيندو آهي، ۽ اهو پنهنجي مدار تي هميشه $23\frac{1}{2}$ درجا ساڄي طرف نميل رهي ٿو، انڪري سج جا ڪرڻا منجهند جو خط استوا تي هميشه اڀا نه پوندا آهن. جڏهن اتر قطب سج جي ٻئي پاسي نميل هوندو آهي، ۽ ڏکڻ قطب سج جي ويجهو هوندو آهي، ته سج جا




ڪرڻا منجهند جو گهڙي ڪان گهڻو 23½° درجا ڏکڻ ويڪرائي ڦاڪ تي عمود پوندا آهن. انهيءَ ويڪرائي ڦاڪ ليڪ کي جدي گهيرو چوندا آهن.


اهڙيءَ طرح جڏهن اتر قطب سج ڏانهن نميل هوندو آهي، ۽ ڏکڻ قطب سج کان هٽيل هوندو




آهي، ته سج جا ڪرڻا منجهند جو وڌ ۾ وڌ 23½ درجا اتر قطب ويڪرائي ڦاڪ تي اچي پوندا آهن. انهيءَ ويڪرائي ڦاڪ کي سرطان گهيرو چئبو آهي.

جڏهن منجهند جو سج 23½ درجا ڏکڻ ويڪرائي ڦاڪ تي عمود هوندو آهي ته ڌرتيءَ تي روشنيءَ

جو گهيرو اتر قطب کان 23½ درجا ڏکڻ ۾ رهجي ويندو آهي؛ ان سبب کان مٿيون حصو اونداهيءَ ۾ رهي ٿو. انهيءَ ليڪ کي اتر قطب گهيرو چوندا آهن. اهڙيءَ طرح جڏهن منجهند جو سج 23½ درجا اتر تي عمود هوندو آهي، ته ڌرتيءَ جي روشنيءَ جو گهيرو ڏکڻ قطب کان 23½ درجا اتر ۾ رهجي ويندو آهي. انهيءَ ليڪ کي ڏکڻ قطب گهيرو چوندا آهن. اهڙيءَ طرح پنج ويڪرائي ڦاڪ گهيرا مکيه آهن:




## ڪي مکيه ويڪرائي گهيرا

1. خط استوا يعني ٻُڙي درجو ويڪرائي ڦاڪ،
2. سرطان گهيرو يعني 23½ درجا اتر ويڪرائي ڦاڪ،

3. جدي گهيرو يعني 23½ درجا ڏکڻ ويڪرائي ڦاڪ، 4. آتر قطب گهيرو يعني 66½ درجا آتر ويڪرائي ڦاڪ ۽ 5. ڏکڻ قطب گهيرو يعني 66½ درجا ڏکڻ ويڪرائي ڦاڪ.

اهو اڳ ۾ بہ بيان ٿي چڪو آهي تہ اهي ويڪرائي ڦاڪ گهيرا ۽ ڊگهائي ڦاڪ گهيرا خيالي گهيرا آهن ۽ انهيءَ ڪري ڌرتيءَ جي چوڌاري نڪتل، خيال ڪيا ويا آهن، تہ جيئن ضرورت پوڻ تي انهن جي مدد سان ڪنهن بہ هنڌ جي بيهڪ معلوم ٿي سگهي. جيڪڏهن اسان کي رڳو ڪنهن هنڌ جي ويڪرائي ڦاڪ معلوم هجي تہ ان جي بيهڪ معلوم ٿي نہ سگهندي، ڇو تہ ان گهيري تي دنيا جا پيا هنڌ بہ موجود ٿي سگهن ٿا. اهڙيءَ طرح رڳو ڊگهائي ڦاڪ جي مدد سان ڪنهن هنڌ جي بيهڪ معلوم نٿي ڪري سگهجي. پر جڏهن اسان کي اهو معلوم هجي تہ هيءَ هنڌ 31½ درجا آتر ويڪرائي ڦاڪ ۽ 74 درجا اوڀر ڊگهائي ڦاڪ تي آهي تہ اسان نقشي ۾ آتر اڌ گول جي ويڪرائي ڦاڪ 31½ درجن تي اهڙي هنڌ رهنداسين، جتي ان کي 74 درجا اوڀر ڊگهائي ڦاڪ ڪپيندي هجي. نقشي ۾ ان هنڌ کي ڳوليو. اهو هنڌ گرينوچ جي اوڀر ۾ آتر اڌ گول ۾ آهي. 31½ درجا آتر ويڪرائي ڦاڪ سان گڏوگڏ 74 درجا اوڀر ڊگهائي ڦاڪ تائين وڃو. اوهان کي ٻنهي گهيرن جي گڏجڻ واري هنڌ لاهور لکيل


نظر ايندو. لاهور اصل ۾ 31.3° اتر ويڪرائي ڦاڪ ۽ 74.20° اوڀر ڊگهائي ڦاڪ تي آهي.

هاڻي اهڙيءَ طرح اهو شهر ڳوليو جو اٽڪل 68½ درجا اوڀر ڊگهائي ڦاڪ ۽ اٽڪل 24½ درجا اتر ويڪرائي ڦاڪ تي آهي. اهو شهر به اولهه پاڪستان ۾ ئي آهي. اهڙيءَ طرح اوهان ڊگهائي ۽ ويڪرائي ڦاڪ گهيرن جي معلوم ڪرڻ مان ڪنهن به هنڌ جي بيهڪ معلوم ڪري سگهو ٿا.

# ڊگھائي ڦاڪ ۽ وقت

ڊگھائي ڦاڪ گھيرن سان اسان کي نہ رڳو ڪنھن هنڌ جي بيھڪ معلوم ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي، پر ان مان اسان کي جدا جدا هنڌن جي وقت معلوم ڪرڻ ۾ پڻ مدد ملندي آهي. اوهان اهو تہ ڏٺو هوندو تہ ڊگھائي ڦاڪن ڪان ڪنھن بہ هنڌ جي بيھڪ معلوم ڪرڻ ۾ ڪھڙي مدد ملي ٿي. هاڻي اچو تہ ڏسون تہ ڪنھن هنڌ جي وقت معلوم ڪرڻ ۾ ڊگھائي ڦاڪ ليڪون اسان کي ڪھڙي مدد ڪن ٿيون. اوهان اهو ڄاڻو ٿا تہ ڌرتي هڪ گولو آهي، جنھن تي هڪ-هڪ درجي ڪان پوءِ جملي 360 ڊگھائي ڦاڪ گھيرا نڪتل آهن، ۽ اوهان کي اهو بہ معلوم آهي تہ ڌرتي پنھنجي محور تي اولھہ ڪان اوڀر ڦرندي، هڪ ڦيرو 24 ڪلاڪن ۾ پورو ڪري ٿي. ان جو مطلب ٿيو تہ 24 ڪلاڪن ۾ ڌرتيءَ جي گولي جا 360 درجا، يعني هڪ ڪلاڪ ۾ 15 درجا، سج جي سامهون لنگھي وڃن ٿا. جيئن تہ هڪ ڪلاڪ ۾ سٺ منٽ آهن، تنھنڪري هڪ درجي کي سج جي اڳيان لنگھي وڃڻ ۾ چار منٽ لڳندا آهن. انهيءَ ڪري جيڪو هنڌ ٻڙي درجي ڊگھائي ڦاڪ ڪان رڳو هڪ درجو اوڀر ۾ آهي، اتي سج چار منٽ اڳ ۾

نظر ايندو، ۽ ٻڙي درجي ڊگهائي ڦاڪ تي چار منٽ پوءِ. اهڙيءَ طرح جيڪو هنڌ ٻڙي درجي جي ڊگهائي ڦاڪ ليڪ جي اولهه ۾ آهي، اتي چار منٽ في درجي جي حساب سان سج دير سان ڏسڻ ۾ ايندو. اوڀر وارن هنڌن تي سج انهيءَ ڪري اڳ ۾ ڏسڻ ۾ ايندو آهي، جو ڌرتي اولهه کان اوڀر ڦري ٿي، ۽ اڀرندي وارا هنڌ سج جي ساهمون اڳ ۾ ۽ الهندي وارا هنڌ بعد ۾ ايندا آهن. ڍاڪا جو اوڀر پاڪستان جي گاديءَ جو هنڌ آهي، سو اولهه پاڪستان جي اوڀر ۾ آهي، انهيءَ ڪري سج اتي لاهور کان اڳ ۾ اڀرندو




ا، ب ۽ ج هنڌن کي ڏيکاريل

آهي ۽ ڪوئيٽا، جو لاهور جي اولهه ۾ آهي، اتي بعد ۾.

جڏهن اسان کي خبر هجي ته ڪو هنڌ اسان جي شهر يا ڳوٺ کان ڪيترا درجا اوڀر يا اولهه ۾ آهي، ته اسان معلوم ڪري سگهنداسين ته اتي سج اسان کان ڪيترو اڳ ۾ يا پوءِ ڏسڻ ۾ ايندو. جيڪڏهن الف هنڌ جي ڊگهائي ڦاڪ 50 درجا اوڀر هجي، ب هنڌ 55 درجا اوڀر ۽ ج 40 درجا اوڀر هجي، ته پوءِ جيئن ته ب هنڌ الف هنڌ کان 5 درجا اوڀر ۾ آهي، ته اتي سج (5×4) =20 منٽ اڳ ۾ ڏسڻ ۾ ايندو، ۽ ج هنڌ جيڪو 10 درجا الف جي اولهه ۾ آهي، اتي سج (10×4) 40 منٽ بعد ۾ نظر ايندو.

(الف، ب ۽ ج هنڌن کي نشان ڏيو)

## وقت معلوم ڪرڻ جو طريقو

جيڪڏهن اسان کي ٻين هنڌن الف ۽ ب جي ڊگهائي ڦاڪ گهيرن جا درجا معلوم هجن ۽ الف هنڌ جو وقت معلوم هجي ته اسين ب هنڌ جو وقت معلوم ڪري سگهنداسين. ان جو اهو طريقو آهي ته الف ۽ ب جي ڊگهائي ڦاڪن جي تفاوت کي 4 سان ضرب ڪجي ۽ جيڪڏهن ب هنڌ الف هنڌ جي اوڀر ۾ هجي ته ضرب آيت کي الف هنڌ جي وقت ۾ جوڙ ڪجي، ۽ جيڪڏهن ب هنڌ الف هنڌ جي اولهه ۾ آهي ته ضرب آيت کي الف هنڌ جي وقت مان ڪٽ

ڪري ڇڏجي. مٿي ڏنل مثال کي هن قاعدي تي جاچيو. هن نموني جا ٻيا مثال ڏسو.

مثال نمبر 1 : ڍاڪا اٽڪل 90° اوڀر ڊگهائي ڦاڪ تي آهي. معلوم ڪريو ته گرينوچ ۽ ان جي وقت ۾ ڪهڙو تفاوت آهي.

ٻنهي ڊگهائي ڦاڪن جو تفاوت 90°=0—90°

وقت جو تفاوت 90×4=360 منٽ

جواب : جنهن وقت گرينوچ ۾ ڏينهن جا 12 لڳا هوندا، ان وقت ڍاڪا ۾ شام جا 6 ٿيا هوندا.

مثال نمبر 2 : ڪراچي اٽڪل 68½° اوڀر ڊگهائي ڦاڪ ۾ آهي، گرينوچ ۽ ان جي وقت ۾ تفاوت معلوم ڪريو.

ٻنهي ڊگهائي ڦاڪن جو تفاوت 68½°×0—68½°

وقت جو تفاوت 68½°×4=274 منٽ

4 ڪلاڪ 34 منٽ (اٽڪل ساڍا چار ڪلاڪ)

جواب : جنهن وقت ڪراچيءَ ۾ ڏينهن جا 12 لڳا هوندا، تنهن وقت گرينوچ ۾ صبح جا 7½ ٿيا هوندا. جڏهن گرينوچ ۾ ڏينهن جا 12 وڄندا ته ڪراچيءَ ۾ شام جا اٽڪل 4½ لڳا هوندا.

مثال نمبر 3 : لاهور ۾ رات جا 10 لڳا هجن ته نيو يارڪ ۾ ڪهڙو وقت هوندو؟

لاهور اٽڪل 74 درجا اوڀر ڊگهائي ڦاڪ تي ۽ نيو يارڪ گرينوچ کان 73½ درجا اولهه، ڏانهن آهي،

انهيءَ ڪري نيو يارڪ لاهور کان 147½ درجا اولهه ۾ آهي.

وقت جو تفاوت 590 = 4 × 147½ منٽ يعني 9 ڪلاڪ 50 منٽ.

جواب: لاهور ۾ رات جا 10 لڳا هوندا ته نيو يارڪ ۾ اڃا منجهند جي وقت 12 وڳي 10 منٽ ٿيا هوندا.

## مڪاني ۽ اسٽينڊرڊ وقت

جڏهن ڪنهن هنڌ تي سج ڪاپار تي هوندو آهي ته اني ڏينهن جا 12 ٿيندا آهن. پر اهو وقت ان هنڌ جو مڪاني وقت هوندو آهي، جيئن ته ان وقت هڪ درجو اوڀر وارن هنڌن تي 12 وڳي 4 منٽ ٿيا هوندا. جيڪڏهن سڀني هنڌن تي ماڻهو مڪاني وقت استعمال ڪن ته هر ڪنهن شهر جو وقت ٻين شهرن جي وقت کان مختلف ٿي هوندو. اهڙيءَ طرح وقت جي باري ۾ خرابي پيدا ٿي پوندي ۽ هوائي جهازن ۽ ريل گاڏين جا وقت آسانيءَ سان مقرر ٿي نه سگهندا. انهيءَ ڪري سهوليت لاءِ ملڪ جي هر ڪنهن شهر جي وقت کي سڄي ملڪ لاءِ مڪاني وقت قرار ڏنو ويندو آهي.


جيئن ته اوڀر ۽ اولهه پاڪستان جي وچ ۾ هڪ هزار ميلن کان وڌيڪ مفاصلو آهي، انهيءَ ڪري ملڪ جي ٻنهي ڀاڱن جي وقت ۾ گهڻو تفاوت آهي.

اولهه پاڪستان جو اسٽئنڊرڊ وقت لاهور جي وقت پٺاندڙ آهي ۽ گرينوچ جي وقت کان 5 ڪلاڪ اڳ ۾ آهي، يعني جڏهن لاهور ۾ ڏينهن جا 12 وڄندا آهن، تڏهن لنڊن ۾، جيڪو گرينوچ جي ويجهو آهي، صبح جا 7 لڳندا آهن، پر ان وقت ڍاڪا ۾، جو گرينوچ کان 90 درجا اوڀر ۾ آهي، ڏينهن جو هڪ لڳندو آهي. اهڙيءَ طرح اولهه ۽ اوڀر پاڪستان جي وقت ۾ هڪ ڪلاڪ جو تفاوت آهي. اهوئي سبب آهي جو ٻنهي صوبن لاءِ جدا جدا اسٽئنڊرڊ وقت مقرر ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن اوهان هوائي جهاز جي رستي ڍاڪا وڃو ته اوهان کي اتي پهچڻ سان پنهنجي واچ کي هڪ ڪلاڪ اڳتي ڪرڻو پوندو، ۽ جڏهن ڍاڪا کان واپس ايندؤ ته واچ کي هڪ ڪلاڪ پوئتي ڪرڻو پوندو.

### گرميءَ ۽ سرديءَ جي خيال کان ڌرتيءَ جي گولي جا پٽا:

اسان کي خبر آهي ته سج جا ڪرڻا سڌو سال سرطان گهيري ۽ جدي گهيري جي وچ واري پٽي تي اڀا پون ٿا. جيئن ته سج جي اڀن ڪرڻن کي ڌرتيءَ تائين پهچڻ ۾ گهٽ مفاصلو طئي ڪرڻو پوي ٿو، ۽ جنهن مٿاڇري تي اهي پون ٿا، ان جي ايراضي به ٿوري هوندي آهي، تنهنڪري اهو پٽو يا ڪمربند تمام گرم هوندو آهي. اهوئي سبب آهي جو سرطان ۽ جدي گهيرن جي وچ واري علائقي کي ڪوسو

ڪمربند چورندا آهن. جيڪڏهن سج جا ڪرڻا ڪنهن
هنڌ تي پاسيرا پون (جيئن هيٺينءَ شڪل ۾ ڏيکاريو
ويو آهي) ته هڪ انهن کي پولار مان لنگهندي گهڻو




مفاصلو ڪرڻو پوي ٿو، پيو ته اهي ڌرتيءَ جي مٿاڇري
تي گهٽيءَ ايراضيءَ تي پکڙجي وڃن ٿا، تنهنڪري اهي
پنهنجي گرمي وڃائي ڇڏيندا آهن، ۽ ڌرتيءَ کي
ايترو گرم نه ڪري سگهندا آهن. تنهنڪري سرطان
گهيري جي اتر ۾ ۽ جدي گهيري جي ڏکڻ ۾ ڪوسي
ڪمربند جي مقابلي ۾ گهٽ گرمي پوندي آهي. جڏهن
سج جدي گهيري يا ان جي ويجهو عمود تي هوندو
آهي ته 66½° ڏکڻ ويڪرائي ڦاڪ کان اتر قطب تائين
گهڻو علائقو سج جي گرميءَ کان محروم رهندو آهي،
۽ سج سرطان گهيري يا ان جي ڀرسان عمود
تي هوندو آهي ته 66½° ڏکڻ ويڪرائي ڦاڪ کان

ڏکڻ قطب تائين گهڻو علائقو گرميءَ کان ڪجهه محروم رهندو آهي، يعني سج انهن علائقن کي گرم ڪري نه سگهندو آهي، انهيءَ ڪري اتي گهڻي سردي پوندي آهي. اهڙيءَ طرح ڌرتيءَ جي گولي تي گرميءَ ۽ سرديءَ جي گهٽ وڌائيءَ سبب 5 پٽا يا ڪمربند پيدا ٿي پوندا.

1ـ سرطان گهيري ۽ جدي گهيري جي وچ ۾ گرم ڪمربند.

2ـ سرطان گهيري کان اتر قطب گهيري تائين اتر پورو پٽو ڪمربند.

3ـ جدي گهيري کان ڏکڻ قطب گهيري تائين ڏکڻ پورو پٽو ڪمربند.

4ـ اتر قطب گهيري کان اتر قطب تائين اتر ٿڌو ڪمربند.

5ـ ڏکڻ قطب گهيري کان ڏکڻ قطب تائين ڏکڻ ٿڌو ڪمربند.

ڪو به هنڌ خط استوا کي جيترو ويجهو هوندو، اوترو اتي گرمي وڌيڪ هوندي، ۽ خط استوا کان (ڏکڻ يا اتر ۾) جيترو پري هوندو، اوترو اتي ٿڌ گهڻي هوندي.

## سوال

1. ڏکاڻي ڦاڪ ۽ ويڪراڻي ڦاڪ ڪهڙا ڇا کي چوندا آهن ؟
2. خط استوا، سرطان ڪهڙو ۽ جدي ڪهڙو ڇا کي چوندا آهن ؟
3. ڳاٽاڻي واري ڏکاڻي ڦاڪ جا مکيه مڏيان ڦاڪ ڇا کي چوندا آهن ؟
4. ڏکاڻي ڦاڪ وسيلي ڪنهن هنڌ جو وقت ڪيئن معلوم ڪري سگهجي ٿو؟
5. گرمي ۽ سردي‎ءَ جي لحاظ کان ڌرتي‎ءَ جي گولي جا ڪيترا ڀاڱا آهن ؟
6. خط استوا واري پٽي ۾ گهڻي گرمي ڇو ٿيندي آهي؟
7. الف 50 درجا اوڀر ڏکاڻي ڦاڪ ۽ ب 50 درجا اولهه ڏکاڻي ڦاڪ تي آهن، انهن ٻنهي هنڌن جي وقت ۾ ڪيترو تفاوت هوندو؟

# اسان جو وطن - پاڪستان

## زراعت ۽ جانورن سان تعلق رکندڙ

## هنر ۽ دستڪاريون

پاڪستان ۾ اٽڪل 86.9 سيڪڙو ماڻهو ٻهراڙيءَ ۾ رهندا آهن. انهن سان گهڻا پنهنجو گذران پوک جي وسيلي ڪندا آهن، انهيءَ ڪري اسان جي ملڪ ۾ زراعت کي وڏي اهميت حاصل آهي.


اوڀر پاڪستان گنگا ۽ برهمپترا ندين جي ماٽري آهي، ۽ اولهه پاڪستان سنڌو ندي ۽ ان ۾ پرتي ڪندڙ ندين جي ماٽري آهي، انهيءَ ڪري انهن جي زمين ڏاڍي زرخيز آهي. اوڀر پاڪستان ۾ برسات جي گهڻائي ۽ اولهه پاڪستان ۾ آبپاشيءَ جي سهولتن ڪري هر قسم جي زرعي جنسن جي پوکڻ لاءِ حالتون سازگار آهن.


پاڪستان جا ڪڙمي گهڻو ڪري پراڻن قسم جا بيڪار ٻاڻ ۽ رواجي قسم جا ٻج استعمال ڪندا هئا جنهنڪري اسان وٽ في ايڪڙ پيداوار گهٽ ٿيندي هئي. هاڻي حڪومت سڌن اوزارن، عمدي ٻج ۽ هڙراڙو ٻاڻ جي استعمال تي زور ڏيئي رهي آهي. اهو ئي سبب آهي جو اسان اناج جي معاملي ۾ گهڻي قدر پاڻيرا ٿي ويا آهيون.

جيئن ته، ڪڙميءَ کي هاڻي به پنهنجي هر ۽ نار لاءِ ڏاندن، ڪير، گيهه لاءِ ڳانين ۽ مينهن، ۽ بار ڍوئڻ

ان کان سواءِ هتي کمند ۽ تماڪ به جام پيدا ٿئي ٿو. سلهٽ ۽ چٽگانگ جي علائقي ۾ چانهه به پيدا ٿئي ٿي.

اولهه پاڪستان جي چئني صوبن جي ايراضي تمام گهڻي آهي. هن ۾ گهڻو ڪري هر قسم جي آبهوا ۽ هر قسم جي زمين ملي ٿي، تنهنڪري هتي خوراڪ واريون






ٺاهيو آهي، پر لکين وال ڪپڙو برطانيا، وچ اوڀر ۽ ٻين ملڪن ڏانهن موڪليندو آهي.

هوزري: هٿ سان گنجيون، جوراب، موزا موڙهر وغيره اُڻن ٿا. گهرباڻيون اهي شيون عورتون پنهنجن گهرن ۾ تيار ڪنديون هيون، يا هوزريءَ جو سامان اسان برطانيا ۽ جپان مان گهرائيندا هئاسين. پر هاڻي هوزريءَ جون مشينون ڪراچي، لاهور، لائلپور، گوجرانوالا، راولپنڊي ۽ حيدرآباد ۾ لڳي چڪيون آهن، انڪري گنجيون ۽ جوراب هاڻي هت تيار ٿين ٿا.


**گهريلو هنر:** اسان وٽ ڪاريگر هٿ سان ملائم
وارن آڏاڻن تي تمام سٺو ۽ اوچو ڪپڙو تيار ڪندا
آهن، مثلاً: کاڌي، کيس، پوتڙا ۽ فراسيون ملڪ جي
ڪيترن ڀاڱن ۾ تيار ٿين ٿا. لونگيون پشاور، ڪوهاٽ،
مردان، ڊيري اسماعيل خان، خوشاب، ٺٽي، هالا ۽
گنبٽ ۾ ٺهنديون آهن. رنگين ۽ گلدار کيس ۽
پلنگپوش لئيه ۽ ملتان ۾ تيار ٿيندا آهن. گلم ڪراچي،
لاهور، ساهيوال، گکڙ ۽ وڏن جيلن ۾ ٺهندا آهن.
سوٽي غاليچا ملتان، ساهيوال، لاهور، جيڪب آباد ۽
ڪراچيءَ ۾ تيار ٿيندا آهن. ڪمبل ۽ اوني ڪپڙا
جهنگ ۾ ٺهندا آهن.

اوڀر پاڪستان ۾ به هٿ جي آڏاڻن تي هر طرح
جو ڪپڙو تيار ٿيندو آهي. ڍاڪا ۾ ته آڳاٽي وقت
۾ ايتري عمدي ۽ اوچي ململ هٿ جي آڏاڻن تي تيار
ٿيندي هئي، جو اها اوله، وارن ملڪن ڏانهن موڪلي
ويندي هئي. اڄ به اتي تمام سنهي ململ تيار ٿيندي
آهي. ميمن سنگهه ۽ نواکليءَ ۾ به آڏاڻن جو ڪپڙو
گهڻو تيار ٿئي ٿو.

**سٽي ۽ ان جا هنر:** اوڀر پاڪستان سٽيءَ جو گهر
آهي، ۽ دنيا ۾ سڀ کان زياده سٽي اتي ئي پيدا
ٿيندي آهي. چٽگانگ ۽ سلهٽ جي ٽڪرين ۽ سندربن
جي علائقن کان سواءِ هيءُ سونهري ڌاڳو جنهن کي
'سوني تند' چئبو آهي، سو اوڀر پاڪستان ۾ هرهنڌ

پيدا ٿيندو آهي. پهريائين جيڪا سڻي اوڀر پاڪستان ۾ پيدا ٿيندي هئي، اها گهڻو ڪري ڳنڍيون ٻڌي، ڏاڪي جي صورت ۾ ٻاهرين ملڪن يا ڪلڪتي جي ڪارخانن ڏانهن موڪلي ويندي هئي، پر هاڻي اوڀر پاڪستان ۾ سڻيءَ مان سوٽلي، ڳوڻيون، ٽاٽ ۽ ڪينوس ٺاهڻ جا اٽڪل ويهه وڏا ڪارخانا قائم ٿي چڪا آهن. انهن مان گهڻا وڏا ڪارخانا نارائڻ گنج، ڍاڪا، کلنا ۽ چٽگانگ ۾ آهن. هاڻي سڻيءَ جو گهڻو حصو پاڻ وٽ ئي ڪم ايندو آهي. اڳ ۾ اولهه پاڪستان ۾ سڻي پيدا نه ٿيندي هئي، پر هاڻي تجربو ڪري ڏٺو ويو آهي ته هن صوبي جي ڪن علائقن ۾ سڻي پيدا ٿي سگهي ٿي، انهيءَ ڪري جڙانوالا ۽ مظفرڳڙهه ۾ سڻيءَ جا ڪارخانا قائم ٿي رهيا آهن ۽ اولهه پاڪستان ۾ به سڻي پوکجڻ لڳي آهي.

<u>اٽي ۽ ميدي پيهڻ جا ڪارخانا:</u> هونئن ته اولهه پاڪستان جي چئن صوبن ۾ جابلو ۽ ڀٽريلي علائقن کان سواءِ ڪڻڪ هر هنڌ پيدا ٿيندي آهي، پر لائلپور، ملتان، ساهيوال، سرگودا، لاهور، بهاولپور، رحيم يارخان، نوابشاهه ۽ حيدرآباد جا ضلعا ڪڻڪ جي پيداوار کان گهڻو مشهور آهن. هن وقت تائين ته اسان وٽ ديسي ڪڻڪ جي پوکڻ تي زور ڏنو پئي ويو آهي، ۽ اسان جا ڪڙمي رکو 15 کان 20 مڻ تائين في ايڪڙ




پيداوار گهٽي رهيا هئا، پر هاڻي ٻاهرين ملڪن مان سٺو ٻج گهرائي، ڪڻڪ جي في ايڪڙ پيداوار وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي.


تجربو ڪري ڏٺو ويو آهي ته ميڪسي-پاڪ جي سٺي ٻج سان 100 مڻ، في ايڪڙ ڪڻڪ به حاصل ڪري سگهجي ٿي. انهيءَ ڪري هتي هاڻي پنجامو، لرمارو جو ۽ ميڪسي-پاڪ جي ٻجن جي استعمال تي زور ڏنو پيو وڃي. 1958ع ۾ اسان وٽ رڳو 25 لک 57 هزار ٽن ڪڻڪ پيدا ٿي هئي، پر 1967ع ۾ اها پيداوار وڌي 42 لک 65 هزار ٽنن تائين پهچي چڪي

هئي، ۽ تخمينو ڪيو ويو هو تہ 1968ع ۾ اها پيداوار 54 لک ٽن ۽ 1969ع ۾ 62 لک 57 هزار ٽن تائين پهچي وئي هئي. سال 67-1966ع ۾ ميڪسي- پاڪ ڪڻڪ جو ٻہ هزار ٽن ٻج حاصل ڪيو ويو هو. انهيءَ نئين ٻج ۽ پاڻ جي استعمال ۽ آبپاشيءَ جي وڌيڪ سهولتن ڪري، ڪڻڪ جي پيداوار گهٽ ۾ گهٽ ٻيڻي ٿي ويندي. اهڙيءَ طرح اميد آهي تہ ملڪ 1970ع تائين ڪڻڪ جي معاملي ۾ پاڻ‌ڀرو ٿي ويندو.

جن علائقن ۾ ڪڻڪ گهڻي پيدا ٿيندي آهي، اتي ان جي پيهڻ جا ڪارخانا، ميدي ۽ سوجي ڪڍڻ ۽ ڪاڌي جي شين جهڙوڪ: بسڪوٽ، نان، باقرخاني، ۽ ڊبل روٽين جا ڪارخانا قائم ٿي ويا آهن. ڪڻڪ پيهڻ لاءِ بجليءَ سان هلندڙ واريون ننڍيون ننڍيون چڪيون تہ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هرهنڌ موجود آهن، پر تمام سٺو اٽو پيهڻ، ان مان سوجي ۽ ميدي ڪڍڻ جا وڏا وڏا ڪارخانا وڏن شهرن ۾ ئي موجود آهن. انهن مان گهڻا ڪارخانا لائلپور، لاهور، سرگوڌا، ملتان، اوڪاڙه، ساهيوال، سکر، ڪراچي ۽ ڍاڪا ۾ آهن. ڪڻڪ مان اوچي قسم جي ڊبل روٽين ٺاهڻ جا ڪارخانا ڪراچيءَ ۽ لاهور ۾، ۽ بسڪوٽن ٺاهڻ جا ڪارخانا اولهہ پاڪستان ۾ ڪراچي، سکر، ساهيوال، لاهور، راولپنڊي ۽ ملتان ۾ آهن. اوڀر پاڪستان ۾ اهڙا ڪارخانا ڍاڪا ۽ پبنا ۾ آهن.

## چانور ۽ چانورن صاف ڪرڻ جا ڪارخانا:

اوڀر پاڪستان ۾ چانور سڀني ميداني علائقن ۾ پوکيا ويندا آهن، پر ميمن سنگهه، ڪوميلا، باريسال ۽ کلنا ۾ جام پيدا ٿيندا آهن. اولهه پاڪستان ۾ چانور گهڻو ڪري شيخوپوره، گوجرانوالا، سيالڪوٽ ۽ لائلپور جي تعلقي جڙانوالا ۾ پوکيا ويندا آهن. سنڌ ۾ چانور حيدرآباد ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ پيدا ٿيندا آهن. هاڻي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته ٻنهي ملڪن مان اهڙا چانور گهرائي پوکيا وڃن، جن جي في ايڪڙ پيداوار وڌيڪ هجي.



اري - پاڪ چانورن جي پوکڻ جي تجربي مان اهو ثابت ٿيو آهي تہ في ايڪڙ زمين 100 مڻ تائين چانور پيدا ڪري سگهجي ٿي. 1967ع ۾ چانورن جو ٻج جيڪو ٻاهران گهرايو ويو آهي، سو 16 کان 20 لک ايڪڙ زمين ۾ پوکي سگهبو. اسان وٽ اڳي بہ چانورن جي پيداوار ۾ ڪافي واڌارو ٿيو آهي. 1958ع ۾ هتي انڪل 8 لک 52 هزار ٽن چانور پيدا ٿيا هئا. پر اها پيداوار وڌي 1967ع ۾ 13 لک 45 هزار 200 سؤ ٽن تائين پهچي وئي.

حڪومت جي موجوده ترقياتي رٿائن هيٺ هن ڳالهہ جو يقين آهي تہ 1970ع تائين اسان پنهنجي گهرج کان وڌيڪ چانور پيدا ڪري سگهنداسين.

اوڀر پاڪستان گهاٽو وسايل صوبو آهي، ۽ اتي جا ماڻهو کائين ئي چانور ٿا. انهيءَ ڪري هن ريت پاڪستان پنهنجي ضرورت کان وڌيڪ چانور پيدا نٿو ڪري سگهي، تڏهن بہ جيڪي اوچي قسم جا چانور "باسمتي" نالي پيدا ٿين ٿا ۽ جن جو ٻاهرين ملڪن ۾ ڏاڍو کپ آهي، سي گهڻي تعداد ۾ ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪليا وڃن ٿا.

جن ضلعن ۽ علائقن ۾ چانور پيدا ٿين ٿا، اتي سارين مان چانور الڳ ڪرڻ جا ڪارخانا قائم ٿي ويا آهن. چانورن صاف ڪرڻ جا ڪارخانا، اوڀر پاڪستان ۾ ديناجپور، ڍاڪا، بوگرا، رنگپور، راجشاهي، باقرگنج،

درسنا، گوپالپور، راجشاهي، چارسندور، ٺاڪرگوٺ ۽ ديوان گنج ۾ قائم آهن. ننڍا ننڍا ڪارخانا ته هاڻي ڪوٺين ۾ ٺهي رهيا آهن.

چانهه: چانهه گهڻو ڪري سلهٽ ۽ چٽگانگ جي ٽڪرين ۽ ڪوميلا ضلعي ۾ پيدا ٿيندي آهي. چانهه جي پتن کي سڪائي، ڪين ڏبن ۾ بند ڪرڻ جا ڪارخانا سلهٽ ۽ چٽگانگ ۾ آهن. پاڪستان جي چانهه جو گهڻو ڀاڱو هتي ئي استعمال ڪيو وڃي ٿو، هاڻي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته چانهه جا باغ اولهه پاڪستان جي ڏکڻ-اولهه وارن جابلو علائقن ۾ لڳايا وڃن.


تماڪ: تماڪ پاڪستان جي اولهه واري حصي ۾ هزارا، ساهيوال، مردان، ڪيمبلپور، شڪارپور، سکر ۽ مستونگ جي علائقن ۾، ۽ اوڀر پاڪستان ۾ ديناجپور، چٽگانگ ۽ رنگپور جي ضلعن ۾ پوکيو ويندو آهي. هاڻي ورجينا نالي هڪ قسم جو تماڪ گهڻو پوکيو پيو وڃي ته جيئن ان مان قيمتي سگريٽ ۽ سگار ٺاهيا وڃن. تماڪ اسان وٽ گهڻو ڪري حقي ۾ ڇڪيو ويندو آهي. تماڪ کي وات ۾ وجهي، پان ۾ وجهي يا نسوار ٺاهي به استعمال ڪيو ويندو آهي. اولهه پاڪستان ۾ سگريٽ ٺاهڻ جا ڪارخانا ڪراچي، سکر، لاهور، مردان، جهلم، ۽ اوڀر پاڪستان ۾ چٽگانگ، رنگپور ۽ ڍاڪا ۾ آهن. پيڙيون

حيدرآباد، سکار ۽ چروٽ اوڀر پاڪستان جي
ڪاڪس بازار ۾ ٺهندا آهن.

ميوا: پاڪستان ۾ گرم علائقن جا ميوا به، پيدا
ٿين ٿا ۽ سرد علائقن جا به. انب، ڪيلا، ڪارڪون،
گدرا، سيتاڦل، ناريل ۽ کوپرا گرم علائقي جا ميوا
آهن. انهن مان سيتاڦل رڳو اوڀر پاڪستان ۾، ۽
ڪارڪون رڳو اولهه پاڪستان ۾ پيدا ٿين ٿيون.
باقي ميوا ٻنهي حصن ۾ ٿيندا آهن. صوف، ناسپاتيون،
انگور، بادام، نيزا، گرما، سردا، زردالو، مالٽا،
سنگترا، ۽ نارنگيون سرد علائقن جا ميوا آهن.
ميون مان آچار، مربا ته هرهنڌ تيار ٿيندا آهن، پوءِ
ڀلي اهي شيون اتي پيدا ٿينديون هجن يا نه، پر ميون
کي دٻن ۾ بند ڪرڻ، انهن مان رس ڪڍڻ ۽ ان کي
محفوظ ڪرڻ جي هنر اڃا ترقي نه ڪئي آهي. اولهه
پاڪستان ۾ رينالاخورد ۽ اوڪاڙا جي وچ ۾ سنگترن
۽ مالٽن جو هڪ تمام وڏو باغ آهي، جو ميلن ۾
آهي. ان باغ ۾ اسڪوئش ۽ چٽڻين ٺاهڻ جو وڏو
ڪارخانو آهي. پشاور ۽ ڪوئيٽا ۾ به ميون کي دٻن
۾ بند ڪرڻ جا ڪارخانا آهن. هاڻي اها صنعت ترقي
ڪري رهي آهي. گوجرانوالا، لاهور ۽ سرگوڌا ۾ به
ننڍي پيماني تي رس، چٽڻي ۽ مربي ٺاهڻ جا ڪارخانا
قائم ٿي رهيا آهن.

چوپايو مال: پاڪستان ۾ سڀني قسمن جا گهڻو جانور جام، آهن، پر هتي جا ماڻهو اڃا ڀلي اسل جا جانور پالڻ ۽ انهن جي پوريءَ طرح سنڀال ڪرڻ ڏانهن مائل نه ٿيا آهن. انڪري هتي جانور نه ته کير گهڻو ٿا ڏين ۽ نه وري انهن جي نسل جي واڌ ۾ خاطرخواهه آهي.

اوڀر پاڪستان ۾ هڪ ته آبهوا ڪجهه اهڙي قسم جي آهي ۽ ٻيو وري چراگاهه به گهٽ آهن، جنهنڪري چوپايو مال گهٽ آهي. جيڪو آهي، سو به ڪمزور ۽ ننڍي قد وارو آهي. اولهه پاڪستان ۾ البت ڪجهه،



چڱي قسم جا جانور موجود آهن، مثلاً: سنڌي ۽
ساهيوال نسل جون کير ڏيڻ واريون ڳئون، نيلي بار ۽
کُنڊي نسل جون عمديون مينهيون، ڍني ۽ ڀاڳناڙي
نسل جا طاقتور ڏڳا، هزاري ۽ ڪاغان جا دُنبا،
ڪاغان جون پشم واريون ٻڪريون ۽ پنجاب ۽
بلوچستان جا مضبوط گهوڙا. پر عام جانور سٺي معيار
جا نه آهن، انڪري حڪومت ڪوشش ڪري
رهي آهي ته نه رڳو چوپائي مال جي نسل کي سڌاريو
وڃي، پر جانورن جي پالنا ۾ چڱيءَ ريت ٿئي، انهيءَ
ڪري جانورن جون اسپتالون کوليون پيون وڃن، ۽
مثالي فارم قائم ڪيا پيا وڃن. پشاور ۽ ڪوميلا ۾
چوپائي مال جي نسل سڌارڻ لاءِ ريسرچ جا مرڪز
آهن. ماڻهن کي سٺي نسل جو مال موجود ڪري ڏيڻ
لاءِ حڪومت ٿل ۾ رک غلامان ۽ رک ڪشوريءَ
وٽ سٺي نسل جي چوپائي مال جا فارم کوليا آهن.
چوپائي مال جا ٻيا فارم ملير، ٽنڊو محمد خان،
ميرپورخاص، سڪرنڊ، دادو، بهاولپور، جهانيان،
جهانگير آباد، قائد آباد، ساهيوال، بهادر نگر، فاضلپور
۽ تراب محمد خان ۾ قائم آهن. اوڀر پاڪستان ۾ رڳو
پنج گائون ۽ ضلعي سلهٽ ۾ اهڙي قسم جا فارم آهن.

حڪومت جا قائم ڪيل ڊيري فارم ملير، اوڪاڙا،
لاهور، راولپنڊي، پشاور، ساهيوال ۽ خيرپور ۾ آهن.
عمدي قسم جي رڍن جا فارم هزارا ضلعي ۾ جبا،

اٽي ضلعي ۾ جهمپير ۽ ساهيوال ضلعي ۾ اوڪاڙا وٽ آهن. اهڙيءَ طرح ساهيوال، سرگوڌا ۽ ٻين علائقن ۾ سٺن گهوڙن جا فارم قائم آهن.

## کير سڪائڻ، چمڙي رڱڻ ۽ بوٽن ٺاهڻ جا ڪارخانا:

چوپائي مال مان حاصل ڪيل کير کي سڪائي، ڏٻن ۾ بند ڪرڻ جا ڪارخانا ڪيترن هنڌن تي قائم ٿي چڪا آهن. جانورن جي کلن رڱڻ جا ننڍا ننڍا ڪارخانا هن حصي ۾ اڳ به جتي ڪٿي موجود هئا، جن ۾ ٻٻر جا ڇوڏا، ڇڻ ۽ رنگ استعمال ٿيندو آهي، پر هاڻي وڏا وڏا ڪارخانا حيدرآباد، سکر، خيرپور، گجرات ۽ مريدڪي ۾ قائم آهن، ۽ اوڀر پاڪستان ۾ هزاري باغ ۽ هٽ هزاري ۾ آهن. بوٽن ٺاهڻ جا ڪارخانا ڪراچي، لاهور، گجرات ۽ حيدرآباد ۾، ۽ اوڀر پاڪستان ۾ رنگپور ۽ نارائڻ گنج ۾ قائم آهن، پر بوٽن ٺاهڻ جا وڏا ڪارخانا باٽا پور، گجرات ۽ رنگپور (اوڀر پاڪستان) ۾ آهن. چمڙي مان بوٽن کان سواءِ سوٽ ڪيس، هينڊ بيگ، گهوڙن جا سنج ۽ ٽانگن ۾ ڪم ايندڙ سامان به تيار ٿيندو آهي. چپل جون پيٽيون (جن کي پخدان چوندا آهن)، سينڊل ۽ زريءَ جا جوتا، پشاور ۾ ٺهندا آهن. اهڙي قسم جا جوتا لاهور، چڪوال، بهاولپور ۽ ٻين ڪيترن هنڌن تي به سٺا ٺهندا آهن. سوٽ ڪيس ۽ هينڊ بيگ لاهور ۽ ڪراچي ۾ تيار ٿيندا آهن.

مڇي مارڪيٽ قائم ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح مڇيءَ جي پيداوار ۾ اضافو ٿي رهيو آهي.


## سوال

1. ڪپهه، ٽاٽ، ڪپڙي ٺاهڻ ۽ هوزريءَ جي سامان تيار ڪرڻ جا ڪارخانا ڪٿي ڪٿي آهن؟
2. سڻي اوڀر پاڪستان ۾ ڇو گهڻي ٿيندي آهي ۽ ان جا ڪارخانا ڪٿي ڪٿي آهن؟
3. بناسپتي گيهه ۽ کنڊ تيار ڪرڻ جا ڪارخانا ڪهڙن هنڌن تي آهن؟
4. چمڙي ۽ بوٽن ٺاهڻ جا ڪارخانا ڪٿي ڪٿي آهن؟
5. اسان وٽ رڍون ۽ ٻڪريون گهڻيون ڪٿي پاليون وڃن ٿيون ۽ اوني ڪپڙي جا ڪارخانا ڪٿي ڪٿي آهن؟
6. اولهه پاڪستان ۽ اوڀر پاڪستان ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون روڪڙ واريون جنسون پيدا ٿين ٿيون ۽ ڪٿي ڪٿي؟
7. اسان وٽ سوٽي ڪپڙي اُڻڻ ۽ سڻيءَ مان ڳوڻيون ۽ سوتلي وغيره تيار ڪرڻ جا ڪارخانا گهڻا ڇو قائم ڪيا ويا آهن؟


## معدني شين تي مدار رکندڙ هنر ۽ ڪارخانا

خوراڪ، لباس ۽ گهر انسان جون بنيادي گهرجون آهن، پر ويهين صديءَ جي ترقي پذير سماج ۾ زندگي گذارڻ لاءِ انسان کي ٻين به بيشمار ننڍين وڏين شين جي ضرورت پوي ٿي. مثلاً، گهر ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ شيشي ۽ مٽيءَ جا ٿانوَ، زرعي پيداوار وڌائڻ لاءِ ڀاڻ، گهرن ۽ ٻين عمارتن لاءِ سيمنٽ، جسم ۽ ڪپڙي صاف ڪرڻ لاءِ صابڻ، علاج لاءِ دوائون ۽ آمد رفت لاءِ موٽر، هوائي جهاز ۽ سامونڊي جهاز وغيره.

مشينن جي ٺهڻ کان اڳ اهڙي قسم جون شيون ڳوٺاڻا هنرمند، ديسي اوزارن وسيلي ٺاهيندا هئا، يعني ٻگيون، ٻيل-گاڏيون، چڪڙا ۽ ٻيڙيون وغيره، واڍا جوڙيندا هئا، لوهه جو سامان لوهار ٺاهيندا هئا، ٿانوَ ڪنڀر جوڙيندا هئا ۽ گهر ٺاهڻ لاءِ ڪاٺ جو سامان سڙو ۽ سرون وغيره، سڀ مکاني هنرمند تيار ڪندا هئا، پر جڏهن مغربي ملڪن صنعت ۽ حرفت ۾ ترقي ڪئي ۽ ذري گهٽ هر ڪنهن شيءِ ٺاهڻ لاءِ مشينون ايجاد ڪري ورتيون ۽ اتي ٿوري وقت ۾ گهڻيون ۽ عمديون شيون ٺهڻ شروع ٿيون، ته سماج ۾ انقلاب اچي ويو، ۽ انهن ملڪن ڏاڍي تيزيءَ سان ترقي ڪئي. مشرقي ملڪ رڳو انهيءَ ڪري پوئتي رهجي ويا جو انهن


پاکستان
معدنی پیداوار

# هنري ترقيءَ جو گراف





نوٽ:- هن گراف ۾ سنه 60-1959ع جي هنري ترقيءَ کي 100 جو يونٽ مڃيو ويو آهي.

ڊي. ڊي. ٽي.، ڪاسٽڪ سوڊا ۽ دوائن ۾ استعمال ٿيندڙ واربون شيون تيار ٿين ٿيون. لاهور جي پرسان به ڪيميائي شين تيار ڪرڻ جو هڪ وڏو ڪارخانو تيار ٿيو آهي.

2. شيشي ٺاهڻ جا ڪارخانا: شيشي ٺاهڻ لاءِ گهڻو ڪري شيشي جي واريءَ جي ضرورت پوندي آهي، جنهن جي اسان وٽ ڪمي نه آهي. شيشي ٺاهڻ جا وڏا ڪارخانا ڪراچي، حيدرآباد ۽ چٽگانگ ۾ آهن، ۽ ننڍا ڪارخانا لاهور، جهلم، گکڙ، ملتان، ڍاڪا، چٽگانگ ۽ نارائڻ گنج ۾ آهن. شيشي جي چوڙين ٺاهڻ جو ڪم گهڻو ڪري ڍاڪا، حيدرآباد ۽ لاهور ۾ ٿئي ٿو، ۽ بجليءَ جا بلب ڪراچيءَ ۾ ٺهندا آهن.

3. سيمنٽ جا ڪارخانا: سيمنٽ، چُنَ جي پٿر ۽ جپسم مان ٺهندو آهي، اسان وٽ انهن ٻنهي جي ڪمي نه آهي، انهيءَ ڪري گهڻن هنڌن تي سيمنٽ جا ڪارخانا ٺهي ويا آهن. اولهه پاڪستان ۾ اهي ڪارخانا واهه، ڊنڊوت، دائود خيل، ڪراچي، حيدرآباد ۽ روهڙيءَ ۾، ۽ اوڀر پاڪستان ۾ سلهٽ ضلعي ۾ ڇاتڪ ۾ آهن. ايس. اسٽاس ۽ سيمنٽ جون چادرون ٺاهڻ جا ڪارخانا حيدرآباد ۾ آهن.


اچي سيمنٽ جو هڪ ڪارخانو دائود خيل ۾ آهي. اهڙيءَ طرح اوڀر پاڪستان ۾ سيتاب گنج ۾ هڪ ٻئي ڪارخاني لڳائڻ جي تجويز آهي. ان کان سواءِ



پاڪستان
معدني ڪارخانا
اولهه پاڪستان
اوڀر پاڪستان
ڪشمير
ڪارخانن جون نشانيون
ڪراچي
حيدرآباد
ملتان
لاهور
قصور
سيالڪوٽ
نوشهرو
داؤد خيل
سکر
ڍاڪا
کلنا
0 50 100 200 300 ميل

ڪراچي، جهلم، هزاري، راولپنڊي ۽ چٽگانگ جي
علائقن ۾ ٻيا وڏيڪ ڪارخانا لڳائڻ جي رٿ آهي.

4. <u>تيل جا ڪارخانا:</u> اول، پاڪستان ۾ معدني
تيل ڪئمبلپور ضلعي ۾ کوڙ، ڍوليان ۽ کوٽ سارنگ،




۽ جهلم ضلعي ۾ چڪوال، بلڪسر، جويا ميز ۽ ڪرسال
وٽ، ۽ اوڀر پاڪستان ۾ ھٽاريا ۽ پاٿيا جي علائقن
۾ ملي ٿو، پر اهو تيل اسان جون گهرجون پوريون
ڪري نٿو سگهي. انهيءَ ڪري اسان کي ايران
۽ ٻين ملڪن مان گهڻو تيل گهرائڻو پوندو آهي.
راولپنڊيءَ ۾ تيل صاف ڪرڻ جو هڪ ڪارخانو
اڳيئي هو ۽ ڪراچي ۽ چٽگانگ ۾ تيل صاف ڪرڻ

جا ۾ ڪارخانا هاڻي تيار ٿيا آهن. هنن ڪارخانن ۾ ٻاهران گهرايل ڪچو تيل صاف ڪيو ويندو آهي.

5. لوهه ۽ ٻين ڌاتن مان ٺهڻ وارين شين جا ڪارخانا:

اولهه پاڪستان ۾ ڪچي لوهه جا ذخيرا ميانوالي ضلعي ۾ ڪالاباغ، چاڪي ضلعي ۾ دالبندين، ڪوئيٽا جي علائقي ۾ زيارت، خاران ۾ راس ڪوهه، چترال ۽ هزاري جي علائقن ۾ لڌا ويا آهن. اوڀر پاڪستان ۾ ڪچو لوهه ڪاڪس بازار ۽ چٽگانگ جي ٽڪرين مان لڌو ويو آهي. پر اسان جي ملڪ جو لوهه گهٽو ڪري عمدي قسم جو نه آهي، ۽ ان مان فولاد ٺهڻ تي گهڻو خرچ ايندو آهي. انهيءَ ڪري فولاد جا ڪارخانا پاڪستان ۾ اجا تائين قائم ٿي نه سگهيا آهن. ملڪ جي وڌندڙ گهرجن کي خيال ۾ رکي، هاڻي هڪ ڪارخانو چٽگانگ ۾ هنيو ويو آهي، ۽ ٻيو ڪراچيءَ ۾ تعمير ٿيڻ وارو آهي. اهي ٻئي ڪارخانا في الحال ٻاهران گهرايل ڪچي لوهه مان فولاد تيار ڪندا. اها به تجويز آهي ته آئيندي هڪ ٻيو ڪارخانو ڪالاباغ ۾ هنيو وڃي. اهڙيءَ طرح پاڪستان، لوهه جي ضرورتن کي گهڻي ڀاڱي پاڻ پورو ڪري سگهندو.

جيتوڻيڪ اسان وٽ چٽگانگ جي لوهه جي ڪارخاني کان اڳ لوهه ٺاهڻ جو ڪوبه ڪارخانو نه هو، پر استعمال ٿيل لوهه ۽ ٻاهران گهرايل لوهه مان سيخن

جوهيءَ، دائود خيل ۽ ميانواليءَ جي علائقن ۾ ٺهندا آهن. ڪاشيءَ جون سرون، نيرن گلن ۽ چٽن واريون پليٽون ۽ گلدان هالا ۽ ملتان ۾ ٺهندا آهن. چانهه ۽ ڪانڊي ڪانءَ جا ٿانوَ يعني ٽيي سيٽ ۽ ڊنر سيٽ سيالڪوٽ، گوجرانوالا ۽ گجرات ۾ ٺهندا آهن. هاڻي ڪراچيءَ ۾ به چانهه ۽ ڪانڊي جا سيٽ ٺاهڻ جا ڪارخانا چالو ٿي ويا آهن.

## سوال

1. اسان وٽ هيٺين شين ٺاهڻ جا ڪارخانا ڪٿي ڪٿي آهن: ڪيميائي ڀاڻ، شيشو، سيمنٽ، لوهه، مٽي ۽ چينيءَ جا ٿانوَ، ڌاتوءَ جا ٿانوَ؟
2. دائود خيل ۾ ڪهڙا ڪارخانا آهن؟
3. اسان وٽ لوهه ۽ رڪ جا ڪارخانا اڳي ڇو قائم نه ڪيا ويا؟ هاڻي پهريون ڪارخانو ڪٿي قائم ٿيو آهي؟
4. معدني تيل صاف ڪرڻ جا ڪارخانا ڪٿي ڪٿي آهن؟
5. ڇريون، ڪانٽا ۽ وڍڪٽ جو سامان ڪٿي ٺهندا آهن؟

# ٻيلن سان واسطو رکندڙ هنر

پاڪستان ۾ ٻيلا گهٽ آهن. ڪنهن به ملڪ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ، ان جي جملي ايراضيءَ جو گهٽ ۾ گهٽ 25 سيڪڙو ٻيلا هئڻ گهرجن. اوڀرپاڪستان ۾ ٻيلن جي ايراضي سڄي زمين جو 16 سيڪڙو آهي، ۽ اولهه پاڪستان ۾ رڳو 2.5 سيڪڙو آهي، ان مان ظاهر آهي ته اسان کي ٻيلن وڌائڻ ڏانهن ڌيان ڏيڻ گهرجي. حڪومت هاڻي هن حصي جي ڏاکڻين جابلو علائقن جي لاهين ۾ وڻن پوکڻ جي وسيلي مٽيءَ جي کاڌ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. ندين، واهن، رستن ۽ ريلوي لائينن جي پاسن کان به وڻ لڳايا پيا وڃن. ان کان سواءِ هر سال ٻه دفعا وڻن پوکڻ جو هفتو به ملهايو ويندو آهي، جنهن ۾ ٻيلي کاتي وارا وڻن جا ننڍا ٻوٽا موجود ڪري ڏيندا آهن، ۽ ماڻهن ۾ وڻن پوکڻ ۽ انهن جي سار سنڀال لهڻ جو شوق پيدا ڪندا آهن.

اولهه پاڪستان جي جابلو علائقن ۾ ديال، ڪيل، چيل، صنوبر، سروَ، شاهه بلوط، اخروٽ، ۽ نيزن جا وڻ ٿين ٿا. ميداني علائقن ۾ عام طرح سينجهي يا ٽالهي، ٻير، انب، ڄمون، توت، ٻڪاڻ، ڦلاهي، جنڊ، فراش ۽ نم جا وڻ ٿين ٿا. اوڀر پاڪستان ۾ ڪاٺ چٽگانگ

جي جابلو علائقن سندربن ۽ ماڏو پور جي ٻيلن مان
ملندو آهي. چٽگانگ ۾ سال، ڪرجن، ساڳ، بيد،
سوپاري ۽ بانس جو ڪاٺ جام آهي. سندربن ۾
سندري نالي خاص قسم جو ڪاٺ ٿئي ٿو ۽ ماڏو پور
جي ٻيلن مان سال جو ڪاٺ ملي ٿو. اولهه پاڪستان
۾ ناريل ٻ، گهڻن هنڌن تي ٿيندو آهي. اچو ڏسون
ته ٻيلن جي ڪاٺ مان ڪهڙين صنعتن ۽ دستڪارين
جو تعلق آهي.

فرنيچر ۽ عمارتي سامان: اولهه پاڪستان ۾ شيشم،
ديال ۽ چيل مان، ۽ اوڀر پاڪستان ۾ شيشم، ديال ڪرجن،
ساڳ، سندري، بانس ۽ بيد مان عمارتي سامان ۽
فرنيچر تيار ٿيندو آهي. اولهه پاڪستان ۾ فرنيچر ڳورو
گهڻو سڀني شهرن ۾ ملندو آهي. ٻر گجرات، جهلم ۽
لاهور ۾ تمام سٺو ۽ گهڻي انداز ۾ ملندو آهي. ڪراچي،
حيدرآباد ۽ جيڪب آباد ۾ ٻ فرنيچر ٺاهڻ جا ڪارخانا
آهن. اوڀر پاڪستان ۾ عمارتي سامان ۽ فرنيچر گهڻو
ڪري چٽگانگ ۽ ڍاڪا ۾ ٺهندو آهي. ڪلنا ۾
ٻيڙين ۽ لنڊن جهازن لاءِ ڪاٺ جا تختا تيار ٿيندا
آهن ۽ ماڏو پور مان حاصل ٿيل وارو ڪاٺ ريل گاڏين
جي گاڏن ٺاهڻ ۾ ڪم آندو ويندو آهي.

راندين جو سامان: ڪرڪيٽ، ٽينس، بيڊمنٽن ۽
هاڪي راندين جي سامان لاءِ بيد، توت ۽ ولو جو
ڪاٺ ڪم ايندو آهي. اهو ڪاٺ چالڪا ماڻگا

جي هنزهءَ، اتر-الهندي وارين ٽڪرين ۽ آزاد ڪشمير مان ايندو آهي، ۽ ان مان سيالڪوٽ جي ڪارخانن ۾ راندين جو سامان تيار ٿيندو آهي. اهو سامان نه رڳو اسان جي پنهنجي ضرورت پوري ڪندو آهي، پر ٻين ملڪن ڏانهن به موڪليو ويندو آهي. راندين جي سامان ۾ فٽبال، ڪرڪيٽ جا ٻال ۽ ربڙ مان ٺهيل شيون به گهربيون آهن، انهيءَ ڪري سيالڪوٽ ۾ چمڙي ۽ ربڙ مان فٽبال جا ڪَوَر ۽ بليڊر، ٽينس جا ٻال، بيڊمنٽن جون گڏيون ۽ ربڙ جا رانديڪا ٺهندا آهن.

سريش، تارپين جو تيل، روغن ۽ پالش جا ڪارخانا:

وڻن مان سريش ۽ ٻين گهڻن قسمن جون ڪيميائي شيون حاصل ٿين ٿيون. لاهور جي ڀرسان جلو ۾ سريش ۽ تارپين تيار ڪرڻ جو ڪارخانو آهي. اهڙي قسم جو هڪ ٻيو ڪارخانو هريپور ۾ آهي. چٽگانگ ۾ گرجن جي وڻن مان تيل ملندو آهي، جنهن کي پينٽ ۽ وارنش وغيره تيار ڪرڻ ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي. اسان جي ملڪ جي جڙين ٻوٽين مان تيار ٿيل دوائن جا ڪارخانا راولپنڊي، نوشهري، ڪوئيٽا ۽ ڪراچيءَ ۾ آهن.

ماچيس جا ڪارخانا: جتي نرم ڪاٺ ملي ٿو، اتي ماچيسن جا ڪارخانا آسانيءَ سان قائم ٿي سگهندا آهن. اولهه پاڪستان ۾ ماچيسن جا ڪارخانا شاهدري،

ڳڙهي حبيب الله، مظفرآباد، بهاولپور، خيرپور، ڪولڙيءَ ۽ ڪراچيءَ ۾ آهن، ۽ اوڀر پاڪستان ۾ ڍاڪا، کلنا، بوگرا، راجشاهي، چٽگانگ، سلهٽ ۽ چاند پور ۾ آهن.

ڳتي ٺاهڻ جا ڪارخانا: ٻنو گاهه، ڀاس، ڪاٺ، ڪپڙي وغيره مان ٺهندو آهي. اڳي پاڪستان ۾ ڳتي ٺاهڻ جو ڪو به وڏو ڪارخانو نه هو. ڪٿي ڪٿي سادي قسم جو ٻنو تيار ٿيندو هو، پر هاڻي چٽگانگ کان ٽورن ميلن جي پنڌ تي چندرگونا ۾ ڪرنا فلي پيپر مل قائم ٿي ويئي آهي، ڇو ته ان علائقي ۾ بانس جا ٻيلا ۽ ٻيا وڻ جام آهن. سندربن جي ڀرسان کلنا ۾ هڪ فيڪٽري قائم ٿي آهي. ان کان سواءِ اولهه پاڪستان ۾ ڪتي (ٻاٽي) ٺاهڻ جا ڪارخانا راهوالي، گجرانوالا ۽ نوشهري ۾ قائم ٿي چڪا آهن. پڻا ۾ پڪسي وٽ ٻني ٺاهڻ جو هڪ ٻيو ڪارخانو ٺهي رهيو آهي.

پينسلن ٺاهڻ جو ڪارخانو: اسان وٽ نرم ڪاٺ ۽ سرمو ٻئي موجود آهن. انهيءَ ڪري ڪراچيءَ ۾ پينسلن ٺاهڻ جو ڪارخانو قائم ٿيو آهي. اوڀر پاڪستان ۾ به ساڳيءَ طرح پينسلون ٺهڻ شروع ٿيون آهن.

هارڊ بورڊ ۽ پلائي ووڊ: اڳي رڳو ڪاٺ جي تختن مان عمارتي سامان ۽ فرنيچر تيار ٿيندو هو، پر هاڻي مشينن جي ذريعي هارڊ بورڊ، پلائي ووڊ ۽

اسٽرا بورڊ وغيره ۽ ٺهڻ لڳا آهن. ڪمند جي چل، ڪڻڪ جي بهه ۽ سارين جي پلال کي ڪٽي سٽي مشين وسيلي دٻاءُ وجهڻ سان اسٽرا بورڊ ٺهندو آهي. جهلم ۾ پلائي ووڊ جو هڪ ڪارخانو آهي. ڪلنا ۽ چٽگانگ ۾ اهڙي عمارتي ڪاٺ تيار ڪرڻ جا وڏا وڏا ڪارخانا لڳايا ويا آهن.

رٻڙ: اسان وٽ پيدا نه ٿيندو آهي، انهيءَ ڪري اوڀر پاڪستان ۾ رٻڙ جا وڻ لڳائڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي. ٻاهران گهرايل رٻڙ مان ٽائر، ٽيوب ۽ ٻين شين ٺاهڻ جا ڪارخانا لاهور، سيالڪوٽ، ڪراچيءَ ۽ ڍاڪا ۾ قائم ڪيا ويا آهن.

## سوال

1. پاڪستان ۾ ٻيلا ڪٿي ڪٿي آهن؟
2. هيٺين شين ٺاهڻ جا ڪارخانا ڪهڙين جاين تي آهن: پنو- راندين جو سامان- ماچيس- رٻڙ؟
3. اسان وٽ ٻيلن کي وڌائڻ لاءِ ڪهڙيون ڪوششون ورتيون پيون وڃن؟
4. ٻيلن مان حاصل ٿيل شين مان اسان وٽ ڪهڙين صنعتن کي ترقي ملي آهي؟
5. اولهه پاڪستان جي ميداني علائقن ۾ ڪهڙا وڻ ٿين ٿا؟

# مکيہ واپاري شهر ۽ مارڪيٽ

زرعي ملڪن جي ماڻهن جو گهڻو ڀاڱو ڳوٺن ۾ رهندو آهي ۽ هنري ملڪن جو شهرن ۾. جڏهن ڪنهن ملڪ جي زرعي ۽ معدني پيداوار مان ڪارخانن کي مدد ملندي آهي ته وڏيون وڏيون فيڪٽريون ۽ ڪارخانا گهڻو ڪري شهرن ۾ تعمير ٿيندا آهن، ڇو ته اتي رستا، ريلوي اسٽيشنون، بجلي ۽ اهڙي قسم جون گهڻيون سهولتون موجود هونديون آهن. اهوئي سبب آهي جو ڪراچيءَ ۽ لائلپور جي آدمشماري ٿورن سالن ۾ ٻيڻي ٿي وئي آهي. پاڪستان هڪ زرعي ملڪ آهي پر ان پنهنجي قدرتي وسيلن مان گهڻي کان گهڻي فائدي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ۽ هاڻي اهو نيم-هنري ملڪ ٿي ويو آهي. سڀ کان اڳ ۾ هتي ڪپڙي ۽ سٽ جي صنعت کي ترقي ڏني وئي، ڇو ته انهن لاءِ ڪچو مال گهڻي انداز ۾ موجود هو، ۽ پوءِ انهن هنرن جو وارو آيو، جن کي ترقي ڏيڻ اسان لاءِ تمام ضروري هو. هاڻي پاڪستان جي مالي حالت هڪ انقلابي دور مان گذري رهي آهي. اسان زرعي ترقيءَ سان گڏوگڏ صنعتي ترقيءَ ۾ به اڳتي وڌي رهيا آهيون. نتيجو اهو نڪتو آهي ته پاڪستان جي شهرن جي آدمشماريءَ ۾ ڏاڍو تڪڙو

اضافو ٿي رهيو آهي ۽ نوان شهر ٺهي رهيا آهن.
پاڪستان ۾ ڪجهه تجارتي شهر ۽ مارڪيٽ هيٺين ريت آهن:

ڪراچي: هيءُ پاڪستان جو سڀ کان وڏو شهر ۽ سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ آهي. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ، ان جي آدمشماري اٽڪل ساڍا چار (4½) لک هئي، پر هاڻي وڌي ويهه (20) لکن کان به مٿي ٿي وئي آهي. هيءُ شهر هڪ مکيه هوائي رستي تي آهي ۽ پاڪستان جو سڀ کان وڏو صنعتي مرڪز ۽ سڀ کان وڏو بندرگاهه آهي. هتي هر قسم جي ڪپڙي، پلاسٽڪ، ٽائر ٽيوب، شيشي، پلين، بجليءَ جي سامان، سگريٽن، ڪيميائي شين، چمڙي ۽ لوهه جي سامان، تيل صاف ڪرڻ ۽ جهازن ٺاهڻ جا ڪارخانا آهن. انهن ڪارخانن جي ڪري ڪراچيءَ جي آدمشماريءَ ۾ تمام گهڻو واڌارو ٿي رهيو آهي. هتي قائداعظم ۽ لياقت علي خان جو مقبرو آهي. ڪياماڙي، هوائي اڏو، يونيورسٽي، فريئر هال، رانيءَ جو باغ، منهوڙي جو لائيٽ هائوس، ڪلفٽن، مڇي-گهر، هاءِ ڪورٽ ۽ اسٽيٽ بئنڪ جهڙيون عمارتون ۽ ٻيون ڪيتريون ڏسڻ جهڙيون جايون آهن.

لاهور: هيءُ اولهه پاڪستان جي گاديءَ جو هنڌ ۽ قديم تاريخي شهر آهي. صنعت ۽ هنر جي لحاظ کان ڏاڍي ترقي ڪئي اٿس، هتي مشينن، پکن،

سائيڪلن، سلائيءَ جي مشينن، ڪپڙي، گنجين، جوراين، پلاسٽڪ جي سامان، ٽائر، ٽيوب، ربڙ، ڌاتو ۽ لوهه جي سامان، بوٽن ۽ چمڙي جي سامان، دوائن ۽ صابڻ لاءِ جا ڪارخانا قائم ٿي ويا آهن. هتي جي تاريخي عمارتن مان شاهي مسجد، شاهي قلعو، جهانگير جو مقبرو، شالامار باغ، سونهري مسجد، مسجد وزير خان ۽ حضرت داتا گنج بخش رح. ۽ علامه اقبال جا مقبرا ڏسڻ وٽان آهن. ان کان سواءِ ريلوي ورڪشاپ، باٽا فئڪٽري، پنجاب يونيورسٽي، انجنيرنگ يونيورسٽي، ميڊيڪل ڪاليج، عجائب گهر، چڙيا گهر، هاءِ ڪورٽ، واپڊا هائوس، اسيمبلي هال ۽ الفلاح به ڏسڻ جهڙا آهن.

**راولپنڊي:** هيءُ شهر ڪراچي ۽ افغانستان کي ملائڻ واري شاهي رستي تي آهي. هتي ڪپڙي، هوزري، ڪيميائي شين ۽ بجليءَ جي سامان لاءِ جا ڪارخانا آهن. هتي اٽڪ آئل ڪمپنيءَ جو تيل صاف ڪرڻ جو ڪارخانو به آهي. هتي اسان جي بري فوج جو هيڊڪوارٽر ۽ مرڪزي حڪومت جون ڪيترون آفيسون آهن. شهرواسين جي وندرلاءِ هتي هڪ وڏو باغ لڳايو ويو آهي، جنهن جو نالو 'ايوب نئشنل پارڪ' آهي.

**اسلام آباد:** هي 'پاڪستان' جي گاديءَ جو هنڌ آهي ۽ راولپنڊيءَ کان نون (9) ميلن جي مفاصلي تي،

راندين جي سامان، رٻڙ جي شين، ڪاٺ ۽ چانهه جي ٿانون، وڊ-ڪٽ جي سامان، چربن، ڪاٺن ۽ گهريلو صنعتن سبب مشهور آهي. هتان راندين جو سامان ۽ وڊ-ڪٽ جا اوزار ٻين ملڪن ڏانهن موڪليا ويندا آهن.

**ملتان:** هي هڪ تمام پراڻو تاريخي شهر آهي، ۽ سڪندر اعظم جي حملي وقت ۾ موجود هو. پنهنجي موزون ڀيٽ جي ڪري سدائين تمام وڏو واپاري مرڪز بڻي رهيو آهي. هاڻي هتي ڪپهه ٽاڻ، اوني، سوٽي ۽ ريشمي ڪپڙي جا ڪيترائي ڪارخانا لڳي ويا آهن. ڀاڻ جي فيڪٽري، سوئي گيس مان بجلي پيدا ڪرڻ جو وڏو ڪارخانو، نشتر ميڊيڪل ڪاليج، اسلامي بزرگن جون تربتون ۽ خاص طرح حضرت شاهه رڪن عالم جو مقبرو، جنهن جو گنبذ ايشيا جي وڏن گنبذن ۾ شمار ٿيندو آهي، ملتان جون ڏسڻ وٽان جايون آهن. اُٺن جي کلن مان ٺهندڙ بجلي بتيون ۽ گلدان، رنگين سيرون، شيشي جا برتن، ٿانون ۽ ڪاٺ مان ٺهيل شين تي نقش و نگار، چادرون، رنگين ڪيس، گلم، زريءَ مان ڀريل جتيون ۽ غاليچا ملتان جون مشهور صنعتون آهن.

**لائلپور:** هي راوي ۽ چناب جي وچ واري علائقي ۾ سڀ کان وڏو شهر ۽ ڪپهه ۽ خوراڪ وارين جنسن جو سڀ کان وڏو مارڪيٽ آهي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هتي ڪپهه، ٽاڻ، سوٽي ۽ ريشمي ڪپڙي

اٽو، ڪپڙي ڇپڻ، بناسپتي گيهه، ٽاهه، اٽي پيهڻ، سوجي ۽ ميدي ڪيڻ ۽ هوزريءَ جا تمام گهڻا ڪارخانا لڳي چڪا آهن. ملڪ جي سڀ کان وڏي زرعي يونيورسٽي به هن شهر ۾ آهي.

**گوجرانوالا:** هي شهر لاهور کان 42 ميل پري پشاور ڏانهن ويندڙ ريلوي لائين ۽ روڊ تي آهي. هتي ٽين ۽ لوهه جي پيتين، الماڙين، الومينيم جي ٿانون، بجليءَ جي پکن، ريشمي ۽ سوٽي ڪپڙي اڻڻ، چمڙي رڱڻ ۽ چانورن ڇڙڻ جا ڪارخانا آهن.

**حيدرآباد:** هيءُ سنڌوءَ جي هيٺين ماتريءَ ۾ سنڌ جو نهايت مکيه تاريخي شهر آهي، ۽ سنڌو نديءَ جي ڪناري تي ڪراچيءَ کان 113 ميلن جي مفاصلي تي آهي. هتي ڪپهه ٽاڻڻ، ڪپڙي اڻڻ، چمڙي رڱڻ، شيشي، بناسپتي گيهه ۽ سيمينٽ ٺاهڻ جا ڪارخانا آهن. ان کان سواءِ هيءُ شهر چمڙي جي سامان ٺاهڻ ۽ ڀرت جي ڪم کان به مشهور آهي. هتي يونيورسٽي، سنڌ جي اڳوڻن ڪلهوڙن، ميرن ۽ ٽالپر حڪمرانن جا مقبرا، پراڻو قلعو، بزرگن جون تربتون ۽ ڪوٽڙي بئراج ڏسڻ وٽان آهن.

**سکر:** هيءُ سنڌ جو مکيه شهر سنڌو نديءَ تي، ڪراچيءَ کان اٽڪل 300 ميلن جي مفاصلي تي اتر طرف آهي. هتان سنڌو نديءَ مان ست واهه ڪڍيا ويا آهن، جن سنڌ جي ريگستاني علائقي کي سرسبز ۽ آباد بنائي

ڇڏيو آهي. هتي بسڪوٽن ٺاهڻ ۽ سوٽي ۽ ريشمي ڪپڙي اُڻڻ جا ڪارخانا آهن. درياءَ جي ٻئي پاسي روهڙيءَ جو تاريخي شهر آهي، جتي چُن جي پٿر مان سيمينٽ ٺاهڻ جو ڪارخانو آهي. سکر بئراج هڪ ڏسڻ جهڙي جاءِ آهي.

**ڪوئيٽا:** هيءُ شهر بلوچستان جي گاديءَ جو هنڌ پاڪستان کان افغانستان ۽ ايران ويندڙ شاهي رستي تي آهي. هتي اَنَ صاف ڪرڻ ۽ رڱڻ ۽ ميون کي دٻن ۾ بند ڪرڻ جا ڪارخانا آهن. افغانستان کان انگور ۽ ٻيو ميوو جيڪو چمن کان پاڪستان ۾ ايندو آهي، سو به ڪوئيٽا کان ئي ٻين شهرن ڏانهن موڪليو ويندو آهي. هتان هڪ ريلوي لائين ايران جي سرحد زاهدان ۽ افغانستان جي سرحد چمن تائين ويندي آهي. هيءُ هڪ صحت بخش هنڌ آهي. هتي فوجي آفيسرن کي ٽريننگ ڏيڻ لاءِ ”اسٽاف ڪاليج“ ۽ معدني شين جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ جو ادارو جيو فزيڪل انسٽيٽيوٽ به هتي آهن.

**ايبٽ آباد:** هيءُ 4010 فوٽن جي اوچائيءَ تي هڪ صحت بخش هنڌ آهي، ۽ هزاره ضلعي ۾ راولپنڊيءَ کان 72 ميل جي مفاصلي تي آهي. هتان هڪ رستو سرينگر ڏانهن مانسهرا وٽان ۽ ٻيو ڪاغان جي ماٿريءَ ڏانهن ويندو آهي. پاڪستان جو سڀ کان وڏو فوجي تربيتگاه، هتان کان 5 ميلن جي مفاصلي تي ڪاڪول ۾ آهي.

جا آثار ظاهر ٿيا آهن. اهي سڀ ٿٽل شهر وڏي تاريخي اهميت رکن ٿا.

## اوڀر پاڪستان

**ڍاڪا:** هيءَ اوڀر پاڪستان جي گاديءَ جو هنڌ آهي، ۽ گنگا جي ڪناري تي ٻڌل آهي. ڪنهن زماني ۾ هتي ديسي اڏائن تي تمام سنهي ململ تيار ٿيندي هئي، جا يورپ ڏانهن پڻ موڪلي ويندي هئي. هاڻي به هتي جا ڪاريگر سپن، چانديءَ ۽ سون مان تمام عمديون شيون ٺاهيندا آهن. نارائڻ گنج ۽ ڍاڪا جي وچ وارو سڄو علائقو هنر ۽ ڪاريگرين جو مرڪز آهي. هت سوٽي ڪپڙي آڻڻ، ڪنڊ ٺاهڻ، چمڙي رڱڻ، شيشي ٺاهڻ، ريز، ڏاتن ۽ چمڙي مان جدا جدا شين ٺاهڻ ۽ سٽيءَ مان سوٽلي، چوهين ۽ ڳوڻين تيار ڪرڻ جا ڪارخانا لڳي ويا آهن. پراڻي شهر ۾ قلعو، لال باغ وڏو ۽ ننڍو ڪٽرا ۽ نئين شهر ۾ واپڊا جي آفيس، يونيورسٽي، پبلڪ لائبريري، سيڪريٽريٽ ۽ هاءِ ڪورٽ ڏسڻ وٽان آهن. هاڻي هتي پاڪستان جو ٻيو گاديءَ جو هنڌ "ايوب نگر" به تعمير ٿي رهيو آهي، جنهن ۾ پاڪستان اسيمبلي هال جي عمارت ۽ آفيسون ڏسڻ وٽان ٿينديون.

**چٽگانگ:** هيءَ ڍاڪا کان 120 ميلن جي مفاصلي تي ڪرنافلي نديءَ جي ڇوڙ وٽ آهي، ۽ اوڀر پاڪستان

جو سڀ کان وڏو بندرگاهه آهي. ڪپتائيءَ وٽ
ڪرنافلي نديءَ مان جيڪا پن بجلي حاصل ڪئي ويئي
آهي، تنهن جي ڪري هاڻي هتي ڪپڙي اڻڻ، ڪيمياڻي
شين ٺاهڻ، سٽيءَ جي مختلف شين ٺاهڻ، ڪاٺ چيرڻ،
چانورن صاف ڪرڻ، ماچيسن ٺاهڻ، بناسپتي گيهه تيار
ڪرڻ، چانهه، ڪي ڊبن ۾ بند ڪرڻ، مڇي محفوظ
رکڻ، تيل صاف ڪرڻ ۽ انجنيرنگ جي جدا جدا
شين ٺاهڻ جا ڪارخانا لڳي ويا آهن. هتي هڪ
ريلوي ورڪشاپ به آهي. چٽگانگ گذريل ڏورن
سالن ۾ حيرت انگيز ترقي ڪئي آهي. چٽگانگ کان
ڪجهه پري چندرگونا وٽ بانس مان ريان ۽ شفاف
ڪاغذن ٺاهڻ جو هڪ ڪارخانو قائم ٿيو آهي.

**سلهٽ:** هيءَ سرما نديءَ جي ماٿريءَ جو نهايت
مکيه شهر آهي، هتي سيمينٽ ٺاهڻ، تيل پيڙڻ، چانهه،
ڪي ڊبن ۾ بند ڪرڻ، ماچيسن ٺاهڻ ۽ بيد مان
فرنيچر تيار ڪرڻ جا ڪارخانا آهن. هتي ڪيترن ئي
بزرگن جون قبرون ۽ حضرت شاهه جلال رح، جنهن
جي تبليغ سان آسام ۾ اسلام ڦهليو، تنهن جو
مقبرو آهي.

**کلنا:** هيءَ قاضي بچه نديءَ جي ڪناري تي ٻڌل
آهي، ۽ هن صوبي جي ڏکڻ-الهندي ڀاڱي ۾ هڪ
مکيه واپاري هنڌ آهي. هتي ماچيسن ۽ اخباري ڇني
ٺاهڻ، ڪپڙي اڻڻ، تيلي ٻجن مان تيل ڪڍڻ ۽ ننڍن

جهازن لاءِ تختا ۽ ٽاهه ڪان سواءِ سٽيءَ جا ڪارخانا ۽ قائم ٿيا آهن. هي شهر آگبوٽن ۽ ريلوي جي جنڪشن آهي. هن جي آدمشماري تيزيءَ سان وڌي رهي آهي.

چالنا: هي پسرور نديءَ تي کلنا ڪان 18 ميلن ۽ سمنڊ ڪان 72 ميلن جي مفاصلي تي هڪ بندرگاهه آهي. هن کي اوڀر پاڪستان جي الهندي حصي جي واپار لاءِ ترقي ڏني پيئي وڃي.

ڪاڪس بازار: اهو شهر چٽگانگ ڪان 80 ميل ڏکڻ طرف سمنڊ جي ڪناري تي آهي. هتي سگار ۽ چروٽ ٺاهڻ جا ڪارخانا آهن. هي دنيا ۾ عمدن سامونڊي ڪنارن مان هڪ آهي.

انهن شهرن ڪان سواءِ ڪوميلا، ميمن سنگهه، باريسال، رنگپور، بوگرا ۽ پبنا به مکيه واپاري مرڪز آهن.

## سوال

1- وڏيون وڏيون فيڪٽريون ۽ ڪارخانا شهرن ۾ ڇو تعمير ٿيندا آهن؟

2- پاڪستان ۾ ڪپڙي ۽ سٽيءَ جي ڪارخانن کي وڏيڪ ترقي ڇو ڏني وئي آهي؟

3- ڪراچي، لائلپور ۽ لاهور جي آدمشماريءَ ۾ ايترو اضافو ڇو ٿيو آهي؟

4. ڪراچي ۽ لاهور ۾ ڪهڙي قسم جا ڪارخانا قائم ٿيا آهن؟

5. سيالڪوٽ ۾ ڪهڙيون شيون ٺهنديون آهن؟

6. ملتان، پشاور ۽ حيدرآباد ڇا ڪان مشهور آهن؟

7. بجليءَ جا پکا، پلاسٽڪ جو سامان ۽ ڌاتن جا ٿانو ڪٿي ٺهندا آهن؟

8. اوله، پاڪستان ۾ ڪٿي صحت بخش هنڌ آهن؟

9. نارائڻ گنج ۽ ڍاڪا ۾ ڪهڙن هنرن ترقي ڪئي آهي؟

10. سلهٽ، ڪلنا ۽ چٽگانگ ڇا ڪان مشهور آهن؟

# آمدورفت جا وسيلا ۽ رسل رسائل

ڪنهن به ملڪ جي ترقيءَ لاءِ ضروري آهي ته ان جا شهر ۽ بندرگاهه، ريل ۽ خشڪيءَ رستن وسيلي پاڻ ۾ ڳنڍيل هجن، ڳوٺن ۽ شهرن جي وچ ۾ رستن جو چار پکڙيل هجي، ۽ اهي سامونڊي، خشڪي ۽ هوائي رستن وسيلي ٻين ملڪن سان ڳنڍيل هجن.


آمدورفت ۽ باربرداريءَ جا پنج وسيلا آهن: ريلون، سڙڪون، درياهه، سمنڊ ۽ هوائي رستا. ڏسون ته پاڪستان ۾ انهن وسيلن جو ڪهڙو حال آهي.

1. ريلوي لائين: اولهه پاڪستان جي سرسبز ۽ آباد علائقن ۾، جتي آدمشماري گهڻي آهي، اتي ريلوي لائينن جو چار پکڙيل آهي. ستلج ۽ سنڌونديءَ جي وچ وارن علائقن ۾ ريلوي لائينون ذري گهٽ سڀني وڏن شهرن کي پاڻ ۾ ملائينديون آهن. پاڪستان جي ٻنهي حصن ۾ ريلوي لائينون گهڻو ڪري ندين جي وهڪرن جي رخ تي آهن. يعني اولهه پاڪستان ۾ اتر-اوڀر کان ڏکڻ-اولهه طرف ۽ اوڀر پاڪستان ۾ اتر کان ڏکڻ طرف. ٻنهي حصن ۾ ريلوي جو جدا جدا بندوبست آهي: اولهه پاڪستان ۾ (الف) پاڪستان ويسٽرن ريلوي ۽ اوڀر پاڪستان ۾ (ب) پاڪستان ايسٽرن ريلوي.

(الف) پاڪستان ويسٽرن ريلوي (1) پشاور کان ڪراچي، وايا راولپنڊي. اها سڀ کان وڏي لائين 1045 ميل نوشهري، ڪيمبلپور، راولپنڊي، جهلم، وزيرآباد، لاهور، رائيونڊ، خانيوال، ملتان، سمه سٽه، روهڙي ۽ حيدرآباد کان ٿي، ڪراچي ويندي آهي. پشاور کان ڪراچيءَ وڃڻ لاءِ هڪ لائين ڪيمبلپور کان ميانوالي، ڪنديان، ڀڪر، ليه ۽ مظفرڳڙهه مان ٿيندي، شيرشاهه وٽ وڏي لائين سان اچي ملي ٿي. ٻي لائين لالاموسيٰ کان شروع ٿي، سرگودا ۽ شورڪوٽ جي رستي خانيوال جي جنڪشن تي اچي وڏيءَ لائين سان ملندي آهي، ۽ ٽين لائين وزيرآباد کان شروع ٿي سانگله هل، لائلپور ۽ شورڪوٽ جي رستي خانيوال وٽ اچي وڏيءَ لائين سان ملندي آهي. انهن لائينن کي ڀاڱن ۽ ٽلاڻن واريون ٻيون ننڍيون لائينون به آهن.

2- <u>ڪراچيءَ کان ڪوئيٽا:</u> اها لائين ڪوٽڙي، دادو، لاڙڪاڻي، حبيب ڪوٽ، جيڪب آباد، سبي ۽ سپزند مان ٿيندي، ڪوئيٽا ويندي آهي. اڳتي هلي ان جي هڪ شاخ چمن ڏانهن ۽ ٻي دالبندين جي رستي ايران ڏانهن هلي ويندي آهي.

3- <u>روهڙيءَ کان چمن:</u> اها لائين روهڙيءَ کان شروع ٿي، حبيب ڪوٽ وٽ ڪوئيٽا ويندڙ لائين سان وڃي ملندي آهي.


افغانستان
ایران
کشمیر


4. لاهور کان ماڙي انڊس: اها لائين لاهور کان شاهدري، سانگله هل، چڪ جهميرا، چنيوٽ، سرگوڌا، خوشاب ۽ ڪنڊيان مان ٿيندي، ماڙي انڊس تائين ويندي آهي.

5. لاهور کان لوڌران: هيءَ لائين رائيونڊ، قصور، پاڪ پٽن ۽ عارف والا کان ٿيندي، لوڌران وٽ لاهور-ڪراچي لائين سان وڃي ملي ٿي. انهن لائينن کان سواءِ ڪيتريون ننڍيون ننڍيون لائينون به آهن، جي وڏن وڏن شهرن ۽ مارڪيٽن کي پاڻ ۾ ملائينديون آهن. اولهه پاڪستان ۾ ريلوي لائنن جي ڪل ڊيگهه 5344 ميل آهي. هاڻي هڪ ريلوي لائين ڪوٽ آدو کان ڪشمور تائين ٺاهي پئي وڃي، ان ڪري ديري غازي خان جو ضلعو به ريل جي رستي ٻين علائقن سان ملي ويندو، هن وقت تائين هن ضلعي ۾ ريل نه هئي. ڪوٽ آدو کان ديري غازي خان تائين ريلوي لائين پهچي وئي آهي.

(ب) پاڪستان ايسٽرن ريلوي:

1. ڍاڪا کان چٽگانگ: هيءَ ريلوي لائين ڍاڪا کي ڀيراب رستي اکوڙا، ڪوميلا ۽ چٽگانگ سان ملائي ٿي. اهو فاصلو 198 ميل آهي.

2. ڍاڪا کان ڪلڪتو: هيءَ ريلوي لائين هڪ طرف ڍاڪا ۽ نارائڻ گنج ۽ ٻئي طرف گوالنڊو ۽


نقشو
اوڀر پاڪستان
ريلون ۽ پڪا رستا
ميل 80 60 40 20 0 ميل
اولهه بنگال
آسام (ڀارت)
آسام (ڀارت)
اولهه بنگال (ڀارت)
ڍاڪا
ڪلڪتو
ڪوملا
چٽگانگ
سلهٽ
کلنا
جيسور
باريسال
ڪاڪس بازار
بنگال جو اپسمنڊ
برما
بين الاقوامي سرحد
ريلوي لائين
پڪو رستو

درسانا کي ملائي ٿي، نارائڻ گنج ۽ گوالنڊو جي وچ وارو سفر آگبوٽن رستي ٿيندو آهي. درسانا کان اڳتي اها لائين ڪلڪتي تائين ويندي آهي.

3. ڍاڪا کان بهادرآباد: هيءَ لائين ڍاڪا کي بهادرآباد سان ملائيندي آهي، ۽ ميمن سنگهه سان لنگهندي آهي.

4. اکوڙا کان سلهٽ: هيءَ لائين ڪلنا سان ٿيندي سلهٽ ويندي آهي.

5. چٽگانگ کان ڪاڪتو: هيءَ لائين چٽگانگ کان لڪشم پور سان ٿيندي چاندپور وڃي ٿي، جتان گوالنڊو تائين اهو سفر آگبوٽن وسيلي ٿيندو آهي. ان کان اڳتي هلي اهائي لائين آهي، جا درسانا ويندي آهي.

پاڪستان ايسٽرن ريلوي جون لائينون ڀارت جي ريلوي لائينن سان اٺن هنڌن تي ملن ٿيون. اوڀر پاڪستان ۾ ريلوي لائينن جي جملي ڊيگهه 170 ميل آهي.

2. پڪا رستا: اولهه پاڪستان ۾ پڪا رستا به گهڻو ڪري آباد علائقن مان لنگهن ٿا، ۽ وڏا وڏا رستا گهڻو ڪري ريلوي لائينن سان گڏوگڏ آهن.

1. وڏو شاهي رستو: هيءُ رستو هندستان ۽ پاڪستان جي سرحدي شهر واهگه کان شروع ٿئي،

لاهور، گوجرانوالا، جهلم، راولپنڊي ۽ پشاور مان ٿيندو خيبر لڪ مان لنگهي، تورخم تائين ويندو آهي، جو پاڪستان ۽ افغانستان جي سرحد تي آهي. هيءُ رستو شيرشاهه سوري ٺهرايو هو، ۽ پشاور کان ڪلڪتي تائين وڃي ٿو.

2. لاهور-ڪراچي شاهي رستو: هيءُ هڪ ٻيو وڏو رستو لاهور کان ساهيوال، ملتان، بهاولپور، خيرپور ۽ حيدرآباد مان ٿيندو ڪراچي وڃي ٿو. حيدرآباد کان ڪراچيءَ تائين سپر هاءِ وي سال 1970ع ۾ ٺهيو آهي. هن رستي جو شمار دنيا جي بهترين رستن ۾ ٿئي ٿو.

3. لاهور-ڪوئيٽا شاهي رستو: هيءُ رستو ڪراچي-لاهور شاهي رستي کان ملتان وٽان جدا ٿئي، مظفرگڙهه، ديري غازي خان، فورٽ منرو ۽ زيارت مان ٿيندو ڪوئيٽا پهچي ٿو.

4. ڪوئيٽا-ڪراچي شاهي رستو: هيءُ رستو ڪوئيٽا کان سبي، جيڪب آباد ۽ دادو کان ٿيندو، ڪراچي وڃي ٿو.

5. لاهور کان ميانوالي: هيءُ رستو لاهور کان شيخوپوره، پنڊي ڀٽيان، چنيوٽ ۽ سرگودا کان ٿيندو، ميانوالي وڃي ٿو.

6. لاهور کان ڀڪر: هيءُ رستو لاهور کان لائلپور ۽ جهنگ رستي ڀڪر تائين وڃي ٿو.

7. پشاور کان ڪوئيٽا: هيءُ رستو پشاور کان ڪوهاٽ، بنون ۽ فورٽ سنڊيمن کان ٿيندو، ڪوئيٽا تائين وڃي ٿو. انهن رستن کان سواءِ هن حصي ۾ ٻيا به ڪيترائي ننڍا وڏا رستا موجود آهن، جي مکيه واپاري هنڌن ۽ وڏن شهرن کي ملڪ جي اندروني ڀاڱن سان ملائين ٿا. اولهه پاڪستان ۾ پڪن رستن جي جملي ڊيگهه 9500 ميل آهي، ۽ ڪچن رستن جي ڊيگهه 32500 ميل آهي.

اوڀر پاڪستان ۾ خشڪي رستن جو انتظام اولهه پاڪستان جي ڀيٽ ۾ گهٽ آهي. ڇو ته هتي وڏين وڏين ندين، ڊيلٽائن ۽ ندين جي گهڻين ننڍين ننڍين شاخن جي ڪري رستا ۽ پليون ٺاهڻ آسان نه آهن. ان کان سواءِ ندين ۾ ٻوڏ ايندي آهي. جنهنڪري زمين تي هر طرف پاڻي ئي پاڻي نظر ايندو آهي. انهن ڏينهن ۾ آمدورفت لاءِ ماڻهو ٻيڙيون استعمال ڪندا آهن. اهوئي سبب آهي جو هن حصي ۾ خشڪيءَ جا وڏا رستا گهٽ آهن. وڏا شهر ڀروارن ننڍن ڳوٺن ۽ آبادين سان ننڍين سڙڪن وسيلي ڳنڍيل آهن. پدما ۽ جمنا جي جنڪشن کان ڏکڻ طرف دريائن تي ڪابه پل نه هئڻ ڪري اوڀر کان اولهه طرف وڃڻ لاءِ دريائن کي آگبوٽن ۽ ٻيڙين وسيلي پار ڪرڻو پوندو آهي. اوڀر پاڪستان ۾ ڪي ڪچا رستا به آهن، جي سياري ۾ استعمال ڪري سگهجن ٿا.

8. درياائي رستا: اولهہ پاڪستان ۾ ندين تي، ڪيترن هنڌن تي بند پڌي واھ ڪوٽيا ويا آهن. انهيءَ ڪري ندين ۾ سڄو سال پاڻي هڪجيترري مقدار ۾ ڪو نه هوندو آهي. اهوئي سبب آهي، جو انهن ۾ ٻيڙين وسيلي سفر ٿي نہ سگهندو آهي. سنڌوندي‌ءَ ۾ پاڻي گهٽو هوندو آهي، ۽ ان جي اونهائي بہ ڪافي آهي، انهي‌ءَ ڪري ان ۾ ٻيڙيون هلي سگهنديون آهن.

اوڀر پاڪستان ۾ نديون گهڻيون آهن، انهن ۾ سڄو سال پاڻي وهندو آهي. انهن مان ڪي نديون گهٽو اونهيون آهن، انهي‌ءَ ڪري هن حصي ۾ نديون آمدورفت جو هڪ آسان ۽ سستو وسيلو آهن، جو تہ ريلوي لائينن ۽ پڪن رستن ٺاهڻ تي گهٽو خرچ اچي ٿو، پر ندين ۾ ٻيڙين يا جهازن هلائڻ سان ايترو گهٽو خرچ لڳو اچي.

گنگا ندي (پدما) برهمپترا ندي (جمنا) ميگهنا ندي ۽ ان جي شاخن جي ڊيگهہ 2700 ميلن جي لڳ ڀڳ آهي. ان مان 2200 ميل دريائي رستو ٻيڙين هلائڻ لاءِ موزون آهي. اوڀرين ضلعن جو واپاري مال باريسال کان چٽگانگ تائين ندين جهازن جي وسيلي ٿي ويندو آهي.

9. سامونڊي رستا: اولهہ پاڪستان ۽ اوڀر پاڪستان جي وچ ۾ هڪ هزار ميلن کان وڌيڪ مفاصلو آهي،

۽ هندستان سان اسان جا ناتا ايترا سٺا نہ آهن، جو اولهہ پاڪستان ۽ اوڀر پاڪستان جي وچ ۾ ڪي باقاعدي ريل گاڏيون هلن. انهيءَ ڪري ٻنهي حصن جي وچ ۾ آمدو رفت گهڻو ڪري بحري ۽ هوائي جهازن وسيلي ٿئي ٿي. اولهہ پاڪستان کان سامونڊي جهاز سيلون جي ذريعي کان ٿي چٽگانگ، چالنا يا کلنا ويندا آهن.

ڪراچي هڪ عمدو ۽ قدرتي بندرگاهہ آهي، ۽ ان ۾ گهڻيون ئي گوديون آهن، جتان مسافر ۽ واپاري جهاز ڪافي تعداد ۾ ايندا ويندا رهندا آهن. هتي جهازن ٺاهڻ جو ڪارخانو بہ آهي، جتي نوان جهاز ٺهندا آهن ۽ پراڻن جهازن جي مرمت ٿيندي آهي. اسان جي سموري آمدني ۽ روانگي هن بندرگاهہ تان ٿيندي آهي. مڪران جي سامونڊي ڪناري تي اورماڙو، پسني ۽ گوادر بہ ننڍا بندرگاهہ آهن، پر انهن جي پٺيان جابلو ۽ ويران علائقو آهي ۽ اهي ملڪ جي اندرين ڀاڱن سان ڳنڍيل نہ آهن، انهيءَ ڪري انهن بندرگاهن اهڙي ترقي نہ ڪئي آهي، رڳو مڇي مارڻ يا ڪناري واري واپار لاءِ ئي ڪم اچن ٿا.

چٽگانگ، اوڀر پاڪستان جو سڀ کان وڏو ۽ مکيہ بندرگاهہ آهي. پهريائين هي ايڏو وڏو بندرگاهہ نہ هو، پر هاڻي ڪيس ترقي ڏيئي وڌايو ويو آهي، ۽ هاڻي هتان اڳي کان گهڻو وڌيڪ واپاري سامان جي آمدني

۽ روانگي لئي ٿي. ڪلنا ۽ چاٽگا جي بندرگاهن ڪي به ترقي ڏني پئي وڃي. ملڪ جي ٻنهي حصن جي وچ ۾ گهرو تجارتي سامان سامونڊي جهازن جي وسيلي ٿي اچي وڃي ٿو.

5. هوائي رستا: نقشي ۾ ڏسو ته مشرقي ۽ مغربي ملڪن کي ڳنڍڻ وارا سڀ هوائي رستا ڪراچيءَ کان لنگهن ٿا. ان ڪري ڪراچيءَ کي هوائي اڏي جي حيثيت ۾ گهڻي اهميت حاصل آهي، ڇو ته دنيا جي سڀني وڏين هوائي ڪمپنين جا جهاز، جي مختلف رستن کان آمريڪا، يورپ، آفريڪا، آسٽريليا ۽ ڏور اوڀر ڏانهن وڃن ٿا، سي ڪراچيءَ مان لنگهندا آهن. ان ڪري اولهه پاڪستان هوائي رستن جي ذريعي دنيا جي سڀني وڏن رستن سان ڳنڍيل آهي. جيئن ته ڍاڪا ۽ ڪراچيءَ جي وچ ۾ به باقاعدي هوائي سروس آهي، ان ڪري اوڀر پاڪستان کي مغربي توڙي مشرقي سڀني ملڪن سان آمدورفت جي سلسلي قائم رکڻ ۾ ڪا به ڏکيائي نه آهي. پاڪستان انٽرنيشنل ايئرويز (پي. آء. اي) نه رڳو ڪراچي ۽ ڍاڪا، لاهور ۽ ڍاڪا جي وچ ۾ باقاعدي سروس قائم ڪئي آهي، پر اولهه پاڪستان ۾ پشاور، راولپنڊي، لاهور، ملتان، ڪوئيٽا، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي وچ ۾ به باقاعدي هوائي جهاز هلن ٿا. اتر ۾ چترال ۽ سڪردو تائين به هوائي سفر جون سهولتون موجود

آهن. اوڀر پاڪستان ۾ تيج گائون (ڍاڪا) جو هوائي اڏو آهي، جتان چٽگانگ، جيسور ۽ ڪاڪس بازار ڏانهن هوائي جهاز وڃن ٿا. ڍاڪا، بينڪاڪ ۽ کٽمنڊو کي ٻه هوائي سروس جي ذريعي پاڻ ۾ ملايو ويو آهي.

## پيغام پهچائڻ جا وسيلا

مسافرن ۽ تجارتي سامان آڻڻ-نيڻ جي پنجن وسيلن ڪان سواءِ پاڪستان ۾ پيغام رسائڻ، تعليم ۽ تربيت ۽ گفتگو لاءِ تار، ٽپال، ٽيليفون، ريڊيو ۽ ٽيليويزن به موجود آهن.

ٽپال ۽ تار جا ڪاٽا خط، تارون، اخبارون، رسالا ۽ پارسل هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پهچائيندا رهن ٿا، ان ڪان سواءِ ماڻهو ٽيليفون تي پاڻ ۾ ڳالهائي سگهن ٿا.

پاڪستان ۾ ڪراچيءَ، ڍاڪا، لاهور، راولپنڊيءَ، ملتان، ڪوئيٽا، پشاور ۽ حيدرآباد ۾ ريڊيو اسٽيشنون قائم ڪيون ويون آهن. هاڻي ملتان ۽ ڪيترن ٻين هنڌن تي پڻ ريڊيو اسٽيشنون پڻ قائم ڪيون پيون وڃن، يا پراڻين اسٽيشنين کي وڌيڪ طاقتور بنايو پيو وڃي. انهن جي وسيلي دنيا توڙي پنهنجي ملڪ جون خبرون ۽ واپاري شين جا اگهه، معلوم ٿيندا رهن ٿا. انهن ڪان سواءِ عوام کي صحت جي حفاظت، زراعت، واپار ۽ صنعت ۽ حرفت جي باري ۾ ضروري تعليم ملندي رهي ٿي.

ٽرانسسٽر ريڊيو جي عام ٿيڻ سان ڳوٺاڻا به ريڊيو سان فائدو وٺڻ لڳا آهن.

ٽيليويزن مان اسان نہ رڳو ڪنهن ماڻهوءَ جو آواز ٻڌي سگهون ٿا، پر ان کي ڏسي بہ سگهندا آهيون. اهڙيءَ طرح ٽيليويزن جي وسيلي ڊراما، تقريرون، مڪالما ۽ فلمون ٻڌي ۽ ڏسي سگهون ٿا. ٽيليويزن جون اسٽيشنون اڃا رڳو لاهور، ڍاڪا، راولپنڊي ۽ ڪراچيءَ ۾ قائم ٿيون آهن. هاڻي تجويز آهي تہ ٽيليويزن اسٽيشنون ٻين شهرن ۾ بہ قائم ڪيون وڃن. ٽيليويزن وندر کان سواءِ عوام جي تعليم جو ڏاڍو اثرائتو ذريعو آهي.

## سوال

1- آمدورفت جا ڪهڙا ڪهڙا وسيلا اسان جي ملڪ ۾ موجود آهن؟

2- اولهہ پاڪستان ۽ اوڀر پاڪستان جي ٽن ٽن مکيہ ريلوي لائينن جا نالا لکو.

3- اوڀر پاڪستان ۾ پڪا رستا ٿورا گهٽ آهن ۽ ان جو ڪهڙو سبب آهي؟

4- اوڀر پاڪستان ۾ اولهہ پاڪستان جي ڀيٽ ۾ دريائن جي رستي آمدورفت گهڻي ٿئي ٿي، ان جو ڪهڙو سبب آهي؟

5- اولهہ پاڪستان ۽ اوڀر پاڪستان جي وچ ۾ آمدورفت جا ڪهڙا ڪهڙا رستا آهن؟

6- پاڪستان ۾ ريڊيو ۽ ٽيليويزن ڪهڙي ڪهڙي هنڌ قائم آهن؟

# بجليءَ جي قوت جون رٿائون

ڪو به ملڪ صنعت ۽ حرفت ۾ انهيءَ صورت ۾ ترقي ڪري سگهي ٿو، جڏهن اتي روزمره جي گهرج جون شيون ڪاريگرن جي گهرن ۾ ٺاهڻ کان سواءِ وڏي پيماني تي فيڪٽرين ۽ ڪارخانن ۾ مشينن جي ذريعي ٺهن، ڇو ته مشينون ماڻهن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ۽ بهتر سامان ٺاهي سگهن ٿيون: مثلاً جيڪڏهن هٿ جي آڏائي سان بافتو وڌ ۾ وڌ پندرهن-ويهه وال روزانو ٺهي سگهي ٿو، پر بجليءَ تي هلڻ واري آڏائي سان انهيءَ قسم جو ڪپڙو (80) اسي وال تيار ڪري سگهجي ٿو. اهو ڪپڙو هٿ جي آڏائي تي ٺهيل ڪپڙي کان وڌيڪ سستو هوندو آهي. تنهنڪري ضروري آهي ته جيڪو ڪچو مال، اناج، معدني شيون ۽ جانورن وغيره جي صورت ۾ اسان وٽ آهي، ان مان گهڻي کان فائدي وٺڻ لاءِ مشينون استعمال ڪيون وڃن، پر مشينن کي هلائڻ لاءِ قوت جي ضرورت آهي، جا ڪوئلي، تيل يا بجليءَ مان حاصل ٿئي ٿي، يعني ڪا به مشين يا ته ڪوئلي ۽ تيل جي مدد سان هلي سگهي ٿي يا بجلي ذريعي. اسان وٽ ڪوئلو ۽ تيل آهي ته سهي، پر ڪوئلو هلڪي قسم جو ۽ تيل ٿورو آهي، تنهنڪري اسان وٽ

هاڻي اها ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته ندين ۽ واهن جي پاڻيءَ مان بجلي پيدا ڪري، ان تي گهڻي کان گهڻا ڪارخانا هلايا وڃن. خوش قسمتيءَ سان اسان جي ملڪ جون نديون سڄو سال وهن ٿيون، ڇو ته اهي اهڙن جبلن مان نڪرن ٿيون، جتي برسات گهڻي پوندي آهي، يا جتي تمام گهڻي برف ڄاميل رهي ٿي، جا ڳري، پاڻي موجود ڪندي رهي ٿي.


اوهان هوا تي ڦرندڙ ڪاغذ جي ڦرڻي ڏٺي هوندي. جڏهن ان جي مٿي ڪنيل پاسن سان هوا ٽڪرائجي ٿي ته اها ڦرڻ لڳندي آهي. اهڙيءَ طرح جڏهن پاڻي جي تيز ڌارا کي، هيٺ ڪنهن چڪري تي ڪيرائبو ته اهو ڦيٿو ڦرڻ لڳي ٿو ۽ ان سان ڳنڍيل جنريٽر بجلي پيدا ڪرڻ شروع ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح سان تيل يا ڪوئلي ٻارڻ کان سواءِ بجلي پيدا ڪري سگهون ٿا.

قدرتي آبشارن يا مٿانهينءَ تان هيٺ ڪيرايل پاڻيءَ جي وسيلي جيڪا بجلي حاصل ٿئي ٿي، ان کي پن بجلي يا هائيڊرو اليڪٽرسٽي چوندا آهن. سنڌو ندي ۽ سندس ٻيون ڪيتريون نديون، جتي جابلو علائقي جي اوچاين تان ميداني علائقي ۾ داخل ٿين ٿيون، اتي هٿرادو آبشار ٺاهي سگهجن ٿا. جيئن منگلا وٽ هڪ آبشار ٺاهيو ويو آهي، ۽ ٻيو تربيلا وٽ ٺاهيو پيو وڃي. ساڳيءَ طرح اوڀر پاڪستان ۾ ڪرنافلي نديءَ جي

ميداني علائقي ۾ داخل ٿيڻ واري هنڌ بن بجلي پيدا
ڪئي ويئي آهي. ڏسون ٿا اسان وٽ بجلي پيدا
ڪندڙ ذريعن ڪان ڪيتريقدر ڪم ورتو پيو وڃي.

1- گئس: پاڪستان جي پاڙيسري ملڪن، ايران ۽
عربستان ۾ تمام گهڻو تيل نڪري ٿو، ۽ جيئن ته
پاڪستان ۾ انهيءَ ساڳئي پٽي ۾ آهي جتي قدرتيءَ جي
مٽاچڙي هيٺان تيل موجود آهي، تنهنڪري اسان
ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته ڪٿان تيل لڀي پوي.
تيل ڪڍڻ لاءِ مشينن وسيلي زمين ۾ اونهان سوراخ
ڪرڻا پوندا آهن، ۽ جڏهن معلوم ٿيندو آهي ته
هيٺ تيل موجود آهي، تڏهن انهيءَ سوراخ يا کوهه
تي هڪ پمپ لڳايو ويندو آهي، جو تيل مٿي ڇڪيندو

پاڪستان ۾ قدرتي گئس جي پيداوار



ويندو آهي، هيءَ گئس ان ۾ به استعمال ٿيندي آهي. بلڪسر وٽان به گئس حاصل ڪئي ويئي آهي. ملڪ جي هن حصي ۾ قدرتي گئس زين، اُچ، خيرپور، ڪنڌڪوٽ، مزاراڻي ۽ ماڙيءَ ۾ به ملي آهي. اوير پاڪستان ۾ قدرتي گئس جو هڪ ذخيرو سلهٽ ۾ لڌو ويو آهي. هيءَ گئس سوئي گئس کان سٺي آهي، ۽ ان کي فنچوگنج ۾ ياڻ ٺاهڻ جي ڪارخاني ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو. انهيءَ حصي ۾ ڇٽڪ، رشيدپور، ڪيلاش ٽلا، حبيب گنج ۽ برهمڻ باڙيا جي پرسان به گئس لڌي ويئي آهي. ڇٽڪ جي سيمينٽ فيڪٽري ۾ ان گئس تي هلندي آهي. ان گئس کي پاڻياٺ ۾ تبديل ڪري گهڻيون ڪيميائي شيون ٺاهي سگهجن ٿيون، ۽ پلاسٽڪ ۽ مصنوعي ڌاڳي وغيره جي صنعت کي ترقي ڏيئي سگهجي ٿي.


2. معدني تيل: اسان وٽ تيل ڪيمبلپور ضلعي ۾ کوڙ، ڍوليان، ڪوٽ سارنگ ۽ جهلم ضلعي ۾ جويامير، بلڪسر، چڪوال ۽ ڪرسال وٽ نڪرلدو آهي. ڍوليان مان جيڪو تيل نڪري ٿو، تنهن ۾ گئس به شامل آهي. ان تيل کي هڪ پائيپ لائين وسيلي راولپنڊي آندو ويو آهي، جتي ان کي صاف ڪيو وڃي ٿو. اوير پاڪستان ۾ تيل جا کوهه پٿاريا ۾ پٽيا ۾ آهن. جيئن ته تيل تي هوائي جهاز، موٽر ڪارون، لاريون، ريل جون انجڻيون ۽ فيڪٽريون هلنديون


آهن، تنهنڪري ان جو ڪاڀو ڏينهون ڏينهن وڌندو رهي ٿو. جيتوڻيڪ اسان اڳي کان گهڻو وڌيڪ تيل پيدا ڪريون ٿا، پر ان سان اسان جون گهرجون پوريون نٿيون ٿين. انهيءَ ڪري اسان کي تيل ٻاهرين ملڪن کان گهرائڻو پوي ٿو. جيئن تہ صاف ٿيل تيل جو اگهہ وڌيڪ هوندو آهي، تنهنڪري اسان ٻاهران ڪچو تيل گهرائيندا آهيون، ۽ ان کي ڪراچي ۽ چٽگانگ جي ڪارخانن ۾ صاف ڪريون ٿا.

3. ڪوئلو: اسان وٽ سٺي قسم جو ڪوئلو پيدا نٿو ٿئي، جنهن سان وڏيون انجڻيون هلي سگهن ۽ ڌاتو رجائي سگهجن. هيءَ ڪوئلو رکو لنڊين ٻلين ۾ يا سرن پچائڻ جي ڪم اچي ٿو. هن جون کاڻيون ڏنڊوت، پڊ ۽ مڪڙوال (پنجاب) ميٽنگ ۽ جهمپير (سنڌ)، خوست، شارغ، مرناڻي، سور، ڏگاري، سنجدي ۽ مچ (بلوچستان) ۾ آهن. تنهن کان سواءِ اتر-الهندي وارن جبلن، آزاد ڪشمير ۽ قلات جي علائقن ۾ بہ ڪوئلو لڌو ويو آهي. 1970ع ۾ ديري اسماعيل خان ۾ بہ ڪوئلي جي هٿڻ جي خبر پئي آهي.

اوڀر پاڪستان ۾ سٺو ڪوئلو ستام گنج (سلهٽ) ۽ سب گنج (راجشاهي) ۾ لڌو ويو آهي، ۽ هلڪي قسم جو ڪوئلو فريدپور، کلنا، سلهٽ ۽ ڪوميلا جي ضلعن ۾ ملي ٿو.

پاڪستان ۾ ڪوئلي جي پيداوار






پاڪستان
هوائي ۽ ساموندي رستا
ميل 0 100 200 400 600 ميل
ڪشمير
گلگت
ڪراچي
پسني گوادر جيوني
ڪٽمنڊو
ڀارت
برما
ڪلڪتو
چٽاگانگ
بمبئي
رنگون
عربي سمنڊ
سيلون
ڪولمبو
هندي وڏو سمنڊ
1470 ميل
483
2900
هوائي رستو
ساموندي رستو

4. پن بجلي: مٿي بيان ڪيو ويو آهي تہ اسان وٽ بجلي ندين ۽ واهن تي بند ٻڌي، پاڻيءَ کي مٿانهينءَ تان هيٺ هڪ چڪري تي ڪيرائڻ سان پيدا ڪئي ويندي آهي. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ، اولهہ پاڪستان ۾ اهڙيءَ طرح بجلي پيدا ڪرڻ جو رڳو هڪ ذريعو مالاڪنڊ درگئي هائيڊرو اليڪٽرڪ پروجيڪٽ هو، ان رٿا هيٺ اپر سوات واهہ جي پاڻيءَ کي جبن وٽ، هيٺ ڪيرائي 10700 ڪلوواٽ بجلي پيدا ڪئي ويئي هئي، جنهن کي پوءِ وڌائي، ويهہ هزار (20000) ڪلوواٽ ڪيو ويو. پوءِ جبن کان ان واهہ جو پاڻي درگئي آڻي، هڪ ٻيو پاور هائوس بنايو ويو. جتان وڌيڪ ويهہ هزار ڪلوواٽ بجلي پيدا ڪئي ويئي. پاڪستان بڻجڻ کان پوءِ ملڪ جي وڌندڙ گهرجن کي خيال ۾ رکي، وڌيڪ بجلي پيدا ڪرڻ جون ٻيون رٿائون بہ تيار ڪيون ويون. هاڻي اولهہ پاڪستان ۾ (1219400) ڪلوواٽ بجلي پيدا ٿئي ٿي. ٿورن سالن ۾ ان ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو. پن بجليءَ جي رٿائن جو تفصيل هيٺينءَ ريت آهي:

1. رسول هائيڊرو اليڪٽرڪ پروجيڪٽ: اپر جهلم واهہ ۽ لوئر جهلم واهہ جي سطح ۾ رسول جي ويجهو 85 فوٽن جو فرق آهي، ان مان فائدو وٺي، اتي هڪ جهال جي ذريعي 22000 ڪلوواٽ بجلي پيدا

ڪئي ويئي آهي. ان مان ڪيترن ئي شهرن کي بجلي ملي ٿي، ۽ رچنا دوآب جا ڪيترا ٽيوب ويل به هلن ٿا.

2- <u>وارسڪ ڊئم پروجيڪٽ:</u> پشاور کان 19 ميلن جي مفاصلي تي وارسڪ وٽ ڪابل نديءَ تي هڪ تمام وڏو بند ٻڌو ويو آهي، جنهن مان هڪ 26 ميل ڊگهي ۽ هڪ هزار فوٽ ويڪري ڍنڍ ٺهي پيئي آهي. ان ڍنڍ جي پاڻيءَ کي هيٺ ڪيرائي 160000 ڪلوواٽ بجلي پيدا ڪئي ويئي آهي، ۽ هڪ لک ويهه هزار ايڪڙ زمين آباد ڪرڻ لاءِ، اتان به واهه ڪڍيا ويا آهن.




3- واهن وارن آبشارن تي ٻن بجليءَ جون رٿائون:

اپر جهلم واهه تي شاديوال (گجرات) اپر چناب واهه تي چيچوڪي مليان (شيخوپوره) ۽ نديپور (گوجرانوالا) وٽ واهن وارا آبشار ٺاهيا آهن، انهن مان هرهڪ هنڌ جدا جدا 13500 ڪلوواٽ بجلي پيدا ڪئي ويئي آهي.

4- منگلا ڊئم پروجيڪٽ: جهلم نديءَ تي منگلا وٽ هڪ بند ٻڌي، هڪ وڏي ڍنڍ ٺاهي ويئي آهي، ۽ انهيءَ رٿا هيٺ في الحال ٽي لک ڪلوواٽ بجلي پيدا ٿئي ٿي، پر آخر ۾ ان مان 15 لک ڪلوواٽ بجلي پيدا ٿي سگهندي. ان ڊئم مان دريائن کي وڌيڪ پاڻي ملندو ۽ وڌيڪ پنجاهه هزار ايڪڙ زمين آباديءَ هيٺ اچي ويندي.

5- تربيلا ڊئم پروجيڪٽ: سنڌونديءَ تي اٽڪ کان 32 ميل اتر ۾ هڪ بند ٻڌي، هڪ ڍنڍ ٺاهي ويندي، جنهن مان 3 لک ايڪڙ زمين آباد ٿيندي، ۽ ويهه لک ڪلوواٽ بجلي پيدا ٿيندي. هيءَ پروجيڪٽ شروع ٿي چڪو آهي. 1947ع ۾ اولهه پاڪستان ۾ رڳو 40000 ڪلوواٽ بجلي پيدا ٿيندي هئي. بجلي پيدا ڪرڻ جي ڪم کي ترقي ڏيڻ لاءِ حڪومت هڪ نيم سرڪاري ادارو واپڊا قائم ڪيو، جو پاڻيءَ ۽ ٻوڙ جا وسيلا وڌائڻ ۾ ڪوشش ڪري رهيو آهي. ان اداري جي ڪوشش سان بجليءَ جي پيداوار ۾ نمايان اضافو ٿيو آهي. ان بجليءَ مان نه رڳو




ڪارخانا هلندا، ۾ زمين کي سم ۽ ڪلر کان بچائڻ لاءِ ۽ وڌيڪ پاڻي موجود ڪرڻ لاءِ ٽيوب ويل به لڳايا ويندا. پهرياڻين اسان وٽ رڳو 5 هزار کن ٽيوب ويل هئا، ۽ وڌيڪ بجلي پيدا ٿيڻ سبب انهن جو تعداد 50 هزارن تائين پهچي ويو آهي، ۽ زميندارن کي پنهنجين پوکن لاءِ گهڻو پاڻي ملڻ شروع ٿيو آهي. اهڙيءَ طرح بجليءَ سان ملڪ جي زرعي ۽

هنري ترقيءَ جي رفتار وڌي ويندي ۽ ملڪ جي خوشحاليءَ ۾ واڌارو ٿيندو.

## اوڀر پاڪستان جون رٿائون

**ڪرنافلي هائيڊرو اليڪٽرڪ پروجيڪٽ:**
اوڀر پاڪستان ۾ بجلي مهيا ڪرڻ لاءِ رکيو ڪرنافلي ندي وڌيڪ موزون آهي، جو ته هيءَ چٽگانگ جي جابلو علائقن کان ميدان ۾ داخل ٿئي ٿي. هتي هن نديءَ تي ڪپتائيءَ وٽ بند ٻڌي، هڪ لک ويهه هزار ڪلوواٽ بجلي پيدا ڪئي ويئي آهي.

سنگو ندي ۽ برهمپترا نديءَ تي بند ٻڌي، وڌيڪ بجلي پيدا ڪرڻ جي رٿائن تي به عمل ٿي رهيو آهي، ۽ تازو ڪلنا ۾ بجليءَ جي پيداوار وڌائي ويئي آهي.

اهڙيءَ طرح پاڪستان پنهنجون ضرورتون ڪجهه قدر پن بجليءَ مان پوريون ڪري رهيو آهي. عام طرح ڪوئلي يا تيل جي انجڻين مان بجلي پيدا ٿي ڪئي وڃي، البت ڪرنيءَ ۾ بجلي پيدا ڪرڻ واري انجڻ ڪوئلي مان هلي رهي آهي.

## سوال


1- اسان وٽ قدرتي گئس جا ذخيرا ڪٿي لڌا ويا آهن، ۽ انهن مان ڪهڙو فائدو ورتو پيو وڃي؟

2- تيل جي گهرج ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي، ۽ اسان وٽ تيل ڪهڙين جاين تان ڪڍيو پيو وڃي؟

3- پاڪستان ۾ ڪوئلو ڪٿي موجود آهي؟

4- اولهه ۽ اوڀر پاڪستان ۾ بجلي ڪهڙن هنڌن تي پيدا ڪئي پئي وڃي؟

5- بجليءَ جي وڌيڪ پيدا ڪرڻ سان اسان جي زرعي پيداوار ۾ ڪيئن واڌارو ٿي رهيو آهي؟



نقشو
آفريڪا
مٿاڇرو
ميل 0 250 500 1000 ميل
سمنڊ جي مٿاڇري کان اوچائي
6,000 فوٽن کان وڌيڪ
3,000 فوٽن کان 6,000 فوٽن تائين
1,500 فوٽن کان 3,000 فوٽن تائين
1,500 فوٽن کان گهٽ
اتر ائٽلانٽڪ
وڏو سمنڊ
يورپ
ڪارو سمنڊ
عربستان
ڏکڻ ائٽلانٽڪ وڏو سمنڊ
هندي
وڏو سمنڊ
خط سرطان
خط استوا
خط جدي
ڪالاهاري
موگاديشو
ڊاڪار
20
40
60
0

# آفريڪا

آفريڪا دنيا ۾ ٻيو نمبر وڏو کنڊ آهي. هيءُ کنڊ ٻن ننڍن سمنڊن ۽ ٻن وڏن سمنڊن سان گهيريل آهي. هن جي اتر ۽ اتر-اولهه ۾ ترتيبوار ڀونوچ سمنڊ ۽ ڳاڙهو سمنڊ آهي، ۽ ڏکڻ ۾ هندي وڏو سمنڊ ۽ اولهه ۾ ائٽلانٽڪ وڏا سمنڊ آهن.

اڳي سوئيز جي ڪجهي ڌرتي هن کي ايشيا کنڊ سان ملائيندي هئي، پر سوئيز واهه جي کوٽجڻ کان پوءِ هيءُ ايشيا کنڊ کان جدا ٿي ويو آهي. خط استوا هن جي بلڪل وچ مان لنگهي ٿو، ۽ منڊس گهڻو ڀاڱو سرطان گهيري ۽ جدي گهيري جي وچ ۾ يعني ڪوسي ڪمر بند ۾ آهي. هن جي ايراضي هڪ ڪروڙ ارڙهن لک پنجاهه هزار چورس ميل آهي، ۽ آدمشماري ٽيهه ڪروڙ چاليهه لک آهي.

## مٿاڇرو

هيءُ کنڊ گهڻو ڪري سڌي جو سڌو (مٿاهون پٽ) آهي. هن ۾ اوچا جبل تمام گهٽ آهن ۽ ايراضيءَ جي خيال کان هيٺانهان علائقا به گهڻا نه آهن. هن جي مٿاڇري کي هڪ اونڌي ٿالهيءَ سان مشابهت ڏيئي سگهجي ٿي، يعني منڊس ساموندي ڪنارا گهٽ

ويڪرا جبل ۽ هيٺانهان ميدان آهن، ۽ وچ وارا علائقا اوچا آهن.

<u>جبل:</u> آفريڪا ۾ جبل تمام گهٽ آهن. هن جي اتر-اولهه ۾ ساموندي ڪناري سان گڏوگڏ اٽلس جبلن جي قطار آهي. ٻي قطار حبش جي ٽڪرين کان شروع ٿي، اوڀرندي ڪناري سان ٻور-وچوليءَ تي اتر کان ڏکڻ طرف پکڙيل آهي. جبلن جي اها قطار اصل ۾ مٿانهين پٽ جو اوڀريل ڪنارو آهي، ۽ ٻرندڙ لاوي سان ٺهيل آهي. ڪلي من جارو 19565 فوٽ ۽ ڪينيا 17058 فوٽ اوچو آهي.

<u>مٿاهون پٽ:</u> مٿين جبلن ۽ ڪناري واري سوڙهي علائقي کان سواءِ آفريڪا جو ذري گهٽ سمورو علائقو مٿانهون پٽ آهي. اهو مٿاهون پَٽ اتر ۾ هيٺ ۽ ڏکڻ ۾ مٿي آهي. مٿانهين پَٽ جو وچون ڀاڱو ڏکڻ کان شروع ٿي، هن کنڊ جي وچ تائين هليو ويو آهي. جتان ان جون ٽي ڪشاديون شاخون اتر طرف وڃن ٿيون. آفريڪا جي ڏاکڻي حصي ۾ هن مٿانهين پَٽ جو اوڀرندو ڪنارو گهڻو مٿانهون آهي ۽ ڌرتيءَ تي گهڻو ڪري سنئون بيٺل آهي. هن کي ڊريڪنزبرگ جي نالي سان سڏيندا آهن. اتريون مٿانهون پَٽ جنهن جو گهڻو ڀاڱو صحرا جي رڻپٽ والاري ڇڏيو آهي، رڳو پندرهن سؤ فوٽ اوچو آهي، جڏهن ته خط استوا کان ڏکڻ وارو علائقو ٽي هزار فوٽ يا ان

ڪان ٻه وڏيڪ اوچو آهي. اپرندي ڪناري ڪان ٿورو ٻه پرو حبشه جي ڏکڻ ۾ ڍنڍن جون ٻه قطارون هيٺ تائين هليون ويون آهن. رودف ڍنڍ ۽ نياسا ڍنڍ اپرندي واريءَ قطار ۾ آهن، ۽ البرٽ ڍنڍ، ايڊورڊ ڍنڍ ۽ ٽانگانيڪا ڍنڍ الهندي قطار ۾ آهن. سڀ ڪان وڏي ڍنڍ وڪٽوريا، ٻنهي قطارن جي وچ ۾ آهي. اهي ڍنڍون اصل ۾ جبلن جون ڪاڏل ماٿريون آهن. مٿانهين پٽ ۾ ندين جي طاس واريون ماٿريون هيٺانهان علائقا آهن. ڪانگو نديءَ جو طاس جو مٿانهين پٽ جي وچ ۾ آهي، ۽ نيل نديءَ جي ماٿري ٻه هيٺانهان علائقا آهن. هي ڍنڍون ۽ ڪانگو جي ماٿري نقشي ۾ ڏسو.

ميداني علائقا: اندرين ندين جي ماٿرين ڪان سواءِ آفريڪا جي ڪناري سان گڏوگڏ سوڙهو ۽ هيٺانهون ميداني علائقو آهي. ڪناري واري انهيءَ علائقي ڪان مٿانهين پٽ تائين زمين گهڻو ڪري ڏاڪڻ ۾ اهڙيءَ طرح اوچي ٿيندي ٿي وڃي، جيئن ڏاڪڻ جا ڏاڪا ٿين ٿا. هن مٿانهين پٽ ۾ اهڙي قسم جي هيٺانهين مٿانهين جي ڪري نديون مٿانهين ڪان هيٺ ڪرندي آبشار ٺاهين ٿيون. آفريڪا جي سراسري اوچائي ٻين سڀني کنڊن ڪان وڏيڪ آهي.

نديون: آفريڪا جون وڏيون وڏيون نديون مٿانهين پٽ جي اوچاين يا جبلن مان اڪري، تمام

ڪهڙي مفاصلي تائين، مٿانهين پٽ تي وهن ٿيون. هتي انهن ۾ ٻيڙيون هلي سگهن ٿيون. پر جڏهن اهي مٿانهين پٽ جي ڪناري تي پهچن ٿيون ته ڪناري واري ميدان ۾ داخل ٿينديون نهايت اونهيون ڍنڍون بڻائن ٿيون، ان ڪري اهو ممڪن نه آهي ته جهاز ندين جي چوڙ وٽان ملڪ جي اندريان ڀاڱي تائين وڃي سگهن. آفريڪا جون وڏيون نديون هي آهن:

نيل ندي: نيل نديءَ جي "نيل ابيض" نالي هڪ شاخ يوگنڊا جي ڍنڍ وڪٽوريا مان نڪري ٿي ۽ "نيل ازرق" نالي ٻي شاخ حبشه جي جبلن مان نڪري ٿي. اهي ٻئي شاخون سوڊان ۾ خرطوم جي ويجهو پاڻ ۾ اچي گڏجن ٿيون. نيل ندي چار هزار ميل ڊگهي آهي ۽ اسڪندريا جي پرسان ڊيلٽا ٺاهي، وڃي يونوچ سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي. هن جي ميداني علائقي ۾ اسوان تائين جهازراني ٿي سگهي ٿي، پر ان کان اڳتي مٿين حصن ۾ پهچڻ ناممڪن آهي، ڇو جو اتي اها ندي جابلو علائقن ۾ گهڻن هنڌن تي آبشار بڻائي ٿي. البت خرطوم کان اڳتي نيل ابيض ٻيڙين هلائڻ لائق آهي. اهو علائقو انڪل هڪ هزار ميل ڊگهو آهي. مصر جي قديم تهذيب هن نديءَ جي ڪناري عروج تي پهتي، ۽ اڄ به مصر جي مالي حالتن جو دارومدار گهڻو ڪري انهيءَ نديءَ تي آهي.

نائيجير ندي: هيءَ ندي سيراليون جي جبلن مان نڪري ٿي، ۽ گني، مالي، نائيجر ۽ نائيجيريا مان لنگهي، گنيءَ جي نار ۾ وڃي ڇوڙ ڪري ٿي. سندس ڪل ڊيگهه 2600 ميل آهي.

ڪانگو ندي: هيءَ ندي آفريڪا جي وچ وارن جبلن مان نڪري ٿي. جمهوريه ڪانگو ۽ عوامي جمهوريه ڪانگو جون سڀ نديون انهيءَ مان اچي گڏجن ٿيون، تنهنڪري هن جي ماڙي گهڻي ڪشادي آهي. هن ۾ ڪسن گاني (سٽينلي ول) ڪن شاسا (ليوپولڊول) تائين 1068 ميل جهازراني ٿي سگهي ٿي. هيءَ ندي تمام گهاٽن ٻيلن مان لنگهي ٿي، ۽ انهيءَ علائقي ۾ آمدرفت جو هڪ سٺو وسيلو آهي. هن جي ڊيگهه 2900 ميل آهي، ڪن هنڌن تي هيءَ ڏهه ميل ويڪري آهي.


زمبزي ندي: هيءَ ڏکڻ آفريڪا جي سڀ کان وڏي ندي آهي. زمبيا، روڊيشا ۽ موزمبيق جون ڪيتريون ئي نديون هن کي ڀرتي ڪن ٿيون. آفريڪا جي الهندي جبلن کان نڪري، هيءَ ندي، زمبيا ۽ روڊيشيا جي سرحد مان گذوگذ وهندي، موزمبيق مان لنگهي، هندي وڏي سمنڊ ۾ وڃي پوي ٿي. دنيا جو مشهور آبشار ”وڪٽوريا“ هن نديءَ تي آهي. هن جي ڊيگهه 1600 ميل آهي.


آرينج ندي: هيءَ ندي بسو تولنڊ جي اُتر وارن جبلن مان نڪري، ڏکڻ آفريڪا ۾ اوڀر ڪان اولهہ طرف وهندي، پئسفڪ وڏي سمنڊ ۾ وڃي ڇوڙ ڪري ٿي. هيءَ ندي 1300 ميل ڊگهي آهي.

ڪنارو: آفريڪا جو ڪنارو گهٽ ڪاڌل آهي، ۽ هن ۾ اٽلانٽڪ ۽ هندي سمنڊ تمام گهٽ آهن. ايراضيءَ ۾ هيءُ يورپ کان ٽيڻو آهي. پر هن جو ڪنارو يورپ جي ڪناري کان گهٽ ڊگهو آهي. اهوئي سبب آهي جو آفريڪا جي ڪناري تي قدرتي ۽ سٺا بندرگاهہ گهٽ آهن، انهن مان رکو اسڪندريہ ۽ ڪيپ ٽائون گهڻو مشهور آهن. اسڪندريہ نيل نديءَ جي ڇوڙ وٽ آهي، ۽ ڪيپ ٽائون آفريڪا جي ڏکڻ ۾ هڪ وڏي ساموندي رستي تي آهي. انهن کان سواءِ اترئين ڪناري تي پورٽ سعيد، بن غازي، ٽريپولي، تيونس ۽ الجزائر، الهندي ڪناري تي ڪيسا بلانڪا، ڊاڪار، ڪوناڪري، فري ٽائون، منروويا، ابيجان، ٽڪورادي، ٽيما، لاگوس، ڊوالا، پوائنٽ نوائر، لوانڊا، لوبيٽو ۽ ويلوس بي، اڀرندي ڪناري تي پورٽ ايلزبيٿ، ڊربن، لورين، ڪومارڪس، بيرا، موزنبيق، دارالسلام، زنجبار ۽ ممباسا، ۽ ڳاڙهي سمنڊ جي ڪناري تي پورٽ سوڊان جا بندرگاهہ آهن.

## آبهوا، نباتات، زرعي پيداوار ۽ جانور وغيره

خط استوا، سرطان گهيرو ۽ جدي گهيرو هن کنڊ جي وچ مان لنگهن ٿا، سرطان ۽ جدي گهيرن جي وچ وارا علائقا تمام گرم آهن. هتي مينهن به تمام گهٽ پوندو آهي. آفريڪا جي اوڀر واري ڀاڱي کي ڇڏي، جتي اوچو مٿانهون پٽ ۽ جابلو علائقو آهي، باقي اهو






جي ماٿري ۽ الهندي ڪناري وارن علائقن کي ڇڏي، آفريڪا جو اترين پاڱو، جو سرطان گهيري جي آسپاس آهي، هڪ تمام وڏو ريگستان آهي، جنهن کي

صحرا جو وڏو رڻ پٽ چوائدا آهن. هتي ڏينهن جو ساڙيندڙ گرمي ٿئي ٿي، پر رات جو ٿڌ پوندي آهي. ڏکڻ ۾ آفريڪا جو اهو ڀاڱو، جو جدي گهيري تي آهي، سو آبرندي ڪناري طرف گهڻو اوچو آهي. انهيءَ ڪري ان کان سواءِ باقي سڄو علائقو رڻ پٽ آهي، جنهن کي ڪالاهاريءَ جو رڻ پٽ چوندا آهن. انهن ئي رڻپٽن جي علائقن ۾ جتي ڪي نخلستان آهن، اتي ڪارڪون، ڪڻڪ ۽ مڪائي وغيره پيدا ٿئي ٿي. نه ته ڪٿي ڪٿي ڪنڊن وارا ٻوٽا ٿين ٿا، جن تي رڳو رڍون ۽ ٻڪريون پاليون وڃن ٿيون. هيءُ علائقو گهڻو ڪري غير آباد آهي. صحرا جي رڻ پٽ ۾ هڪ نخلستان ٻئي نخلستان کان گهڻو پري هوندو آهي، انهيءَ ڪري رڻ پٽ جا رهاڪو گهڻي تعداد ۾ اٺ پاليندا آهن، ته جيئن انهن کان سواري ۽ بار ڍوئڻ جو ڪم وٺي سگهجي.

آفريڪا جو اتريون علائقو ۽ آخري ڏاکڻيو ڀاڱو اهڙي هنڌ تي آهن، جتي سياري ۾ سمنڊ کان ايندڙ هوائون مينهن وسائن ٿيون، ۽ موسم پوري ٿڌي ۽ ڪجهه خشڪ رهي ٿي. انهيءَ قسم جي آبهوا کي ٻونوچ سمنڊ جي ڪنڌي واري آبهوا چوندا آهن. اتر ۾ اٽلس جبل جو علائقو ۽ ڏکڻ ۾ ڪيپ ٽائون جو ضلعو هن پٽي ۾ آهن. هن علائقن ۾ اناج کان سواءِ ميوا ۽ گهڻي تعداد ۾ پيدا ٿين ٿا.

## رهاڪو

آفريڪا جي اتر ئين ڪناري واري علائقي ۾ سندس ڏکڻ ۾، رڻپٽ واري پٽي ۾ گهڻو ڪري عرب ۽ بربر مسلمان آباد آهن. ڏکڻ ۽ اوڀر آفريڪا جي اوچي ميدانهين پٽ جي علائقي ۾، جتي آبهوا سٺي آهي، اتي حبشين کان سواءِ مغربي ملڪن جا ماڻهو به آباد ٿي ويا آهن. ڏکڻ آفريڪا ۽ اڀرندي ڪناري واري علائقي ۾ يوگنڊا ۽ ڪينيا ۾ هندستان ۽ پاڪستان جا هندو ۽ مسلمان به موجود آهن. يورپي قومن ۽ انهن حبشين کان سواءِ، جي عيسائي ٿي چڪا آهن، ۽ وچ آفريڪا ۽ ڏکڻ آفريڪا جي قبيلن کي ڇڏي، جيڪي اڃا به پنهنجي قبيلي جي ديوتائن ۽ روحن جي پوڄا ڪندا آهن. گهڻو ڪري سڀني ملڪن ۾ مسلمانن جي گهڻائي آهي.

آفريڪا جا حبشي گهڻن نسلن جا آهن. "بش مين" ڪالاهاريءَ جي رڻپٽ ۾ رهندا آهن. انهن جو رنگ پيلاڻ مائل ڪارو آهي. اهي شڪار مان پنهنجو پيٽ پاليندا آهن، پر جڏهن هڪ هنڌ شڪار ختم ٿي ويندو آهي ته هو شڪار جي ڳولا ۾ ڪنهن ٻئي هنڌ هليا ويندا آهن. ٻندرا حبشي خط استوا جي ٿي ٻنهي جي ٻيلن ۾، ۽ خاص طرح ڪانگو نديءَ جي ماٿريءَ ۾ رهندا آهن. انهن جو رنگ ڪارو، قد ننڍو ۽ وار ميٽائين ڀُرنگ


جا گھنڊيدار ٿين ٿا. اهي باقاعدي گهر ڪري ڪونہ ٿا رهن، پر وڻن جي ٽارين مان جهوپڙيون ٺاهيندا آهن. اهي جهنگلي ميون تي گذر ڪندا آهن، ۽ جانورن جي شڪار لاءِ زهريلا تير استعمال ڪندا آهن، ۽ ”هوٽن ٽاٽ“ ڏکڻ-اولهہ آفريڪا ۽ ڪيپ آف گڊهوپ جي علائقن ۾ رهندا آهن. انهن جي کل ميٽاڻين رنگ جي ٿئي ٿي. اهي جانور پاليندا آهن ۽ جڏهن هڪ چراگاهہ مان گاهہ ختم ٿي ويندو آهي تہ مال کي ٻئي ميدان ۾ ڪاهي ويندا آهن. انهن ٻنهي نسلن جا حبشي آفريڪا جا قديم رهاڪو آهن. انهن کان سواءِ ڪانو، ڪڊونا، عبادن، بنتو، مسائي، زولو ۽ هريرو نسل جا حبشي بہ آهن، جي کيتي ۽ جانور پالڻ ۾ دلچسپي وٺندا آهن. ”زولو“ ڏکڻ آفريڪا ۾ ٽرانسوال ۽ ڏکڻ-اولهہ آفريڪا جي اتر ۾ آباد آهن. اهي قدآور ۽ مضبوط ٿين ٿا. اگرچ تعداد ۾ گهٽ آهن، پر تمام هوشيار آهن. اهي عام طرح جانور پاليندا آهن. ”مسائي“ ڪينيا ۾ وڪٽوريا ڍنڍ جي آسپاس آباد آهن. ’ڪانو‘، ’ڪڊونا‘ ۽ ”عبادن“ نائيجير نديءَ جي ماٿريءَ ۾ ۽ بنتو وچ آفريڪا کان وٺي ڏکڻ طرف ميداني علائقن ۾ آهن.

آفريڪا جي گهڻي وچين ڀاڱي ۾، حبشي بنتو زبان ڳالهائيندا آهن. آفريڪا جي اندروني ڀاڱن ۾ اڪيچ

# آفريڪا جا ملڪ

ملڪي ورهاست: آفريڪا کنڊ ۾ هيئنر ڪان سواءِ ننڍا وڏا 47 ملڪ آهن، جن کي سهولت خاطر اتر آفريڪا، اولهه آفريڪا، ۽ وچ آفريڪا ۽ ڏکڻ آفريڪا جي چئن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

1- اتر آفريڪا: هن حصي ۾ جمهوريه متحده عرب (مصر)، لبيا، تيونس، الجزائر، مراڪش، سوڊان، حبشه، چاڊ، نائيجير ۽ مالي ملڪ آهن. انهن مان پهرين پنجن ملڪن ۾ عرب ۽ بربر مسلمان آباد آهن. سوڊان ۾ هڪ مسلمان ملڪ آهي، توڙي جو هن ۾ سوڊاني



ان زماني جون عبادتگاهون اڄ به مصري تهذيب جي عظمت جي شاهدي ڏين ٿيون.


سوئيز واهه جي ڪري مصر کي وڏي سياسي اهميت حاصل آهي. مصر، لبيا ۽ الجزائر ۾ پيٽرول نڪرڻ ڪري انهن ملڪن جي صنعت ۽ حرفت جي رفتار تيز ٿي ويئي آهي.

انهن ملڪن جو ضروري احوال هيٺين ريت آهي:

| ملڪ | گاديءَ جو هنڌ | ايراضي (چورس ميل) | آدمشماري | بندرگاهه |
|---|---|---|---|---|
| متحده عرب جمهوريه | قاهره | 386000 | ٻه ڪروڙ<br>اوي لک | اسڪندريه ۽<br>پورٽ سعيد |
| لبيا | ٽريپولي<br>بن غازي | 679358 | 15 لک<br>60 هزار | ٽريپولي<br>بن غازي |
| تيونس | تيونس | 48300 | 45 لک<br>65 هزار | تيونس |
| الجزائر | الجزائر | 919353 | هڪ ڪروڙ<br>23 لک | الجزائر-اوران |
| مراڪش | رباط | 171583 | هڪ ڪروڙ<br>30 لک | ڪيسا بلانڪا<br>تنجير |
| سوڊان | خرطوم | 967500 | هڪ ڪروڙ<br>36 لک | پورٽ سوڊان |
| اٿوپيا<br>(حبش) | عديس ابابا | 457148 | ٻه ڪروڙ<br>22 لک | مساوا |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| چاڊ | فورٽ لامي | 455598 | 28 لک<br>30 هزار | |
| نائيجر | نيامي | 601930 | 32 لک | |
| مالي | باماڪو | 584942 | 44 لک<br>30 هزار | |
| فرانسيسي<br>سومالي لينڊ | جبوتي | 8492 | 80 هزار | جبوتي |

اولهندو آفريڪا: هن ۾ اسپيني رڇٽ، موريطانيه، سينيگال، گيمبيا، پرچوگالي گني، سيراليون، لائبيريا،



ترقي ڪئي آهي. ڏکڻ آفريڪا جي سيني ملڪن جو
پيو احوال هيٺين ريت آهي:

| ملڪ | گاديءَ جو هنڌ | ايراضي (چورس ميل) | آدمشماري | بندرگاهه |
|---|---|---|---|---|
| اسپيني رڻپٽ | الايوم | 103243 | 42 هزار | الايوم |
| موريتانيا | نواڪشات | 328185 | 10 لک | نواڪشات |
| سينيگال | ڊاڪار | 77401 | 34 لک | ڊاڪار |
| گيمبيا | باٿرسٽ | 4033 | 3 لک 30 هزار | باٿرسٽ |
| پورچوگالي گني | بسائو | 13948 | 5 لک 25 هزار | |
| گني | ڪوناڪري | 96525 | 34 لک 20 هزار | ڪوناڪري |
| سيراليون | فري ٽائون | 27925 | 22 لک | فري ٽائون |
| لائبيريا | منروويا | 43000 | 10 لک 8 هزار | منروويا |
| آئيوري ڪوسٽ | عبي جان | 183397 | 37 لک 50 هزار | عبي جان |
| اپروولٽا | اواگادوگو | 105841 | 47 لک 63 هزار | |
| گهانا | عڪره | 91844 | 76 لک | ٽيما |
| ٽوگو | لومي | 20733 | 16 لک 42 هزار | |
| ڊاهومي | پورٽونوووو | 42471 | 23 لک | |
| نائيجيريا | لاگوس | 356093 | 5 ڪروڙ 64 لک | لاگوس-پورٽ هارڪورٽ |

## وچ آفريڪا

هن حصي ۾ ڪيمرون، استوائي گني، گيبون، جمهوريه مرڪزي آفريڪا، جمهوريه ڪانگو، عوامي جمهوريه ڪانگو، انگولا، زمبيا، جمهوريه سومالي، ڪينيا، يوگنڊا، رونڊا، برونڊي، تنزانيه ۽ ملاوي شامل آهن. انهن مان اڀرندي ڪناري وارا ملڪ جمهوريه سومالي، ڪينيا، يوگنڊا، تنزانيه، رونڊا، برونڊي ۽ ملاوي اوڀر آفريڪا ۾ شمار ٿين ٿا. ڪيمرون، استوائي گني، گيبون، جمهوريه ڪانگو، ۽ انگولا جو هڪ ڀاڱو ۽ عوامي جمهوريه ڪانگو جو ٿورو ڀاڱو ائٽلانٽڪ وڏي سمنڊ مان لڳي ٿو. استوائي گني



ڪانگو جي ڏکڻ ۾ گھڻي تعداد ۾ موجود آهي. وڪٽوريا ڍنڍ جي پرسان زمبيزي نديءَ تي ڪريبا وٽ دنيا جي هڪ وڏي هٽراڊو ڍنڍ ٺاهي، بجلي حاصل ڪئي ويئي آهي، جا وچ آفريڪا جي گھڻي وڏي علائقي کي پهچائي وڃي ٿي. زمبيا ۾ نڊولا، عوامي جمهوريه ڪانگو ۾ "اولمباشي"، (ايلزبيٿ ول) "ڪنشاسا" (ليوپولڊول) ۽ ڪينيا ۾ "نيروبي" صنعت ۽ حرفت ۾ ڪافي ترقي ڪئي آهي. انهن ملڪن جو پيو احوال هيٺينءَ ريت آهي:


| ملڪ | گاديءَ جو هنڌ | ايراضي (چورس ميل) | آدمشماري | بندرگاهه |
|---|---|---|---|---|
| ڪيمرون | ياؤنڊي | 178368 | 51 لک 50 هزار | ڊوالا |
| استوائي گني | سانتاازابيل | 10836 | 2 لک 67 هزار | |
| گيبون | ليبرول | 90733 | 4 لک 62 هزار | |
| جمهوريه وچ آفريڪا | بنگوئي | 239382 | 13 لک 20 هزار | |
| جمهوريه ڪانگو | برازاول | 175676 | 10 لک 13 هزار | پوائنٽ لوائر |
| عوامي جمهوريه ڪانگو (ليوپولڊول) | ڪنشاسا | 902274 | 1 ڪروڙ 57 لک | ماتادي |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| انگولا | لوانڊا | 481351 | 51 لک 19 هزار | لوبيٽو لوانڊا |
| زمبيا | لوساڪا | 290320 | 37 لک 10 هزار | |
| جمهوريه سومالي | موگادشو | 262000 | 23 لک 50 هزار | |
| ڪينيا | نيروبي | 219730 | 93 لک 76 هزار | ممباسا ۽ ڪلن ديني |
| يوگنڊا | ڪمپالا | 80301 | 75 لک 51 هزار | |
| روانڊا | ڪگالي | 10169 | 30 لک 18 هزار | |
| بروانڊي | بوجمبورا | 10747 | 27 لک 80 هزار | |
| تنزانيه | دارالسلام | 343726 | 1 ڪروڙ 5 لک 14 هزار | دارالسلام |
| ملاوي | زومبا | 36829 | 39 لک | زنجبار |

## ڏکڻ آفريڪا

هن ۾ ڏکڻ-الهند و آفريڪا، بوٽسوانا (بيچوانالينڊ)، روڊيشيا، موزنبيق، جمهوريه ملاگسي، ليسوٿو (بسوٽولينڊ) سوازيلينڊ، ڏکڻ آفريڪا، ڪوموروجا ٻيٽ، ماريشس،

ري يونين ۽ سيچليز شامل آهن. انهن مان ھوبان چار ملڪ ننڍا ننڍا ٻيٽ آهن. ملاگسي هڪ وڏو ٻيٽ آهي، جنهن کي اڳي مڊگاسڪر چوندا هئا. ليسوٿو




(بسوتولينڊ) ۽ سوازيلينڊ ننڍا ننڍا ملڪ آهن. ڪيپ جي هن ڀاڱي ۾ آبهوا ڪجهه سٺي آهي، انهيءَ ڪري هيءُ سڀ کان وڌيڪ ترقي ڪيل علائقو آهي. هن ۾ انگريز ۽ ڊچ قومن گهٽ تعداد ۾ هوندي به، اهڙي حڪومت قائم ڪئي آهي، جنهن ۾ حبشين سان سٺو سلوڪ نٿو ٿئي. هن ملڪ ۾ برصغير پاڪ ۽ هند جا به ڪي ماڻهو آباد آهن. روڊيشيا ۾ به ٻاهران اچي آباد ٿيل انگريزن پنهنجي حڪومت قائم ڪئي آهي، ۽ حبشين کي هڪجهڙا حق نٿا ڏنا وڃن.

آفريڪا جي هن حصي ۾ اڀرندي ۽ ڏاکڻين ڪناري تي ناريل، ڪمند، ڪيلو، ميوو، سيسل (هڪ قسم جي سڻي) ۽ اندروني حصن ۾ مڪائي، ڪڻڪ، تماڪ، چانهه ۽ ڪپهه پيدا ٿئي ٿي. هتي رڍون، ٻڪريون ۽ ٻيو چوپايو مال پاليو وڃي ٿو. پيٽرول کان سواءِ سمورين معدني شين خاص ڪري سون، هيرن، چاندي ٽامي ۽ مينگنيز جون کاڻيون آهن. هيرن جي سڀ کان وڏي کاڻ هتي ڪيمبرلي ۾ آهي، ۽ سون جي وڏي کاڻ جوهنسبرگ ۾ آهي. ڏکڻ آفريڪا دنيا ۾ سڀ کان گهڻو سونُ پيدا ڪندڙ ملڪ آهي. هن ملڪ ۾ ڪيپ ٽائون، ڊربن، پورٽ ايلزبيٿ ۽ جوهنسبرگ ۽ روڊيشيا ۾ سالسبري ۽ ٻلاوائيو مکيه صنعتي مرڪز آهن. انهن ملڪن جو ٻيو احوال هن ريت آهي:

| ملڪ | گاديءَ جو هنڌ | ايراضي (چورس ميل) | آدمشماري | بندرگاهه |
|---|---|---|---|---|
| ڏکڻ الهندو آفريڪا | ونڊهوڪ | 317725 | 5 لک 51 هزار | ويلس بي |
| بوٽسوانا (بيچوانالينڊ) | گيبرونز | 222000 | 5 لک 59 هزار | |
| روڊيشيا | سالسبري | 150333 | 42 لک 60 هزار | |
| موزمبيق | لورينڪو مارڪس | 297731 | 69 لک 14 هزار | لورينڪو مارڪس بيرا، موزمبيق |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| جمهوريه ملاگسي | تناناريو | 241094 | 61 لک 80 هزار | تماتيو |
| ليسوٿو (بسوتولنڊ) | ماسيرو | 11716 | 7 لک 45 هزار | |
| سوازيلنڊ | مباٻني | 6704 | 2 لک 92 هزار | |
| ڏکڻ آفريڪا | ڪيپ ٽائون پريٽوريا | 472733 | 1 ڪروڙ 75 لک | ڊربن، ڪيپ ٽائون پورٽ ايلزبيٿ |
| ماريشس | پورٽ لوئي | 720 | 7 لک 34 هزار | پورٽ لوئي |
| ري يونين | سينٽ ڊينس | 970 | 3 لک 87 هزار | سينٽ ڊينس |
| ڪومورو | موراني | 849 | 2 لک 12 هزار | |
| سيچليز | وڪٽوريا | 157 | 46 هزار | وڪٽوريا |

## سوال


1. مٿاڇري جي خيال کان آفريڪا کنڊ جا ڪيترا حصا آهن؟
2. آفريڪا جي آبهوا ڪهڙي قسم جي آهي؟
3. آفريڪا جي ڪهڙن ملڪن ۾ مسلمانن جي گهڻائي آهي؟
4. آفريڪا کي اونداهو کنڊ ڇو چوندا آهن؟

5. يورپ جي ڪهڙين قومن آفريڪا ۾ علائقا والاري پنهنجون حڪومتون قائم ڪيون؟
6. آفريڪا جي اصلي رهاڪن ۽ حبشين بابت اوهان ڇا ٿا ڄاڻو؟
7. آفريڪا جي اتر ۽ اولهه وارن ڪنارن تي ڪهڙا ڪهڙا بندرگاهه آهن؟
8. آفريڪا ۾ ڪهڙا وڏا درياءَ آهن ۽ انهن مان ڪهڙن ملڪن کي فائدو پهچي ٿو؟
9. لبيا، مراڪش، حبشه، سوماليه، گهانا، نائجيريا، روڊيشيا، تنزانيه، ملاگسي ۽ ڏکڻ آفريڪا جي گادين جا هنڌ ٻڌايو.
10. ڪانگو جي مائٽرين، سوڊان ۽ ڏکڻ آفريڪا ۾ ڇا پيدا ٿئي ٿو؟

# آسٽريليا

دنيا جي نقشي کي ڏسو، آسٽريليا کنڊ ڏکڻ اڀرندي ۾، ايشيا جي ڏکڻ-اوڀر ۾ آهي. هن جي اتر ۽ اوڀر ۾ پئسفڪ وڏو سمنڊ ۽ ڏکڻ ۽ اولهه ۾ هندي وڏو سمنڊ آهي. هيءُ کنڊ ايراضيءَ ۽ آدمشماريءَ جي خيال کان دنيا جي وسايل کنڊن مان سڀ کان ننڍو آهي. سندس ايراضي 581، 74، 29 چورس ميل آهي، ۽ آدمشماري 11002811 آهي. جيتوڻيڪ ايراضيءَ ۾ هيءُ پاڪستان کان اٽڪل ٽيوڻو وڏو آهي، پر آدمشماريءَ جي خيال کان پاڪستان جو نائون حصو آهي. هن مان ظاهر آهي ته هيءُ کنڊ تمام ٿورو وسايل آهي.

آسٽريليا جو لڀڻ ۽ ان جون خاصيتون: هيءُ کنڊ سترهين صديءَ جي شروعات ۾ لڌو ويو. سڀ کان اڳ ۾ هالنڊ جي جهازرانن هن کي ڏٺو ۽ پوءِ يورپ جي ٻين قومن جا جهازران به آيا، پر ان جي باقاعدي دريافت جو سهرو هڪ انگريز جهازران ڪئپٽن ڪڪ جي سر تي آهي، جنهن 1768ع ۾ ان جي ڪناري سان گڏوگڏ 2000 هزار ميل سفر ڪري، هڪ باقاعدي نقشو تيار ڪيو. پوءِ 1786ع کان انگريزن هتي پنهنجن قيدين کي موڪلڻ شروع ڪيو، ۽ هوريان هوريان آسٽريليا


ايشيا
اُتر آمريڪا
اُتر ائٽلانٽڪ وڏو سمنڊ
پئسفڪ وڏو سمنڊ
هندي وڏو سمنڊ
آسٽريليا
ڏکڻ آمريڪا
ڏکڻ آرڪٽڪ وڏو سمنڊ
ڏکڻ ائٽلانٽڪ وڏو سمنڊ
انٽارڪٽڪا
خط استوا
سرطان گهيرو
جدي گهيرو
هوائي ٻيٽ
سوسائٽي ٻيٽ
فيجي ٻيٽ
نيوزيلينڊ
دنيا جي آسٽريليا کنڊ جي ڀيٽ

جانور ايهو آهي، جو آٽ پکيءَ کان ھوءَ دنيا جو سڀ کان وڏو پکي آهي. آسٽريليا ۾ پاڻيءَ جو ھڪ عجيب جانور ملي ٿو، جو دنيا جي ٻين جانورن کان الڳ آهي. ان جو نالو ”ڊڪ بلڊ پلاٽيپس“ آهي. ھن جا وار مخمل جھڙا نرم ۽ چهنب بدڪ وانگر چپٽي ٿيندي اٿس. ھن جي مادي پکين وانگر آنا لاھيندي آهي، پر ٻچن کي ٿڃ پياري پالي ٿي.
آسٽريليا جا اصلوڪا رهاڪو عام حبشين جي نسل مان نه آهن. ھڪ اندازي موجب انھن جو ڪاٺ جو ھڪ لڪڻ جي لڪڻ آهي. بومرينگ سندن عجيب غريب ھٿيار آهي، جو ڪاٺ جو ھڪ ڦڏو اوزار آهي، جو جيڪڏهن ليڪ نشاني تي نه لڳي ته اڇلائيندڙ وٽ موٽي ايندو آهي. رڍون ۽ ٻيو چوپايو مال پالڻ مانھن جو عام ڌنڌو آهي.

## قدرتي ڀاڱا

آسٽريليا جا ٽي قدرتي حصا آهن: اڀرندو جابلو علائقو، الهندو مٿاڇرو پٽ ۽ وچ وارو ميداني علائقو.

1. اڀرندو جابلو علائقو: سوڙهي ڪناري واري علائقي کي ڇڏي، آسٽريليا جي اڀرندي ڪناري سان گڏوگڏ جبلن جي ھڪ قطار اتر کان ڏکڻ طرف پکڙيل آهي. اصل ۾ اهي ٽڪريون نه آهن، پر مٿاڇري پٽ جو مٿيون اڀريل ڪنارو آهي. مري ۽ ڊارلنگ ندين پنھنجين ڀرتي ڪندڙ ندين سميت جبلن جي انھيءَ


نقشو
آسٽريليا ۽ نيوزيلنڊ
مٿاڇرو
ميل 800 400 200 0 ميل
باندا سمنڊ
هندي
وڏو سمنڊ
اولهندو
وچ وارو
ميدان
پئسفڪ وڏو سمنڊ
تسمانيه سمنڊ
تسمانيه
نيوزيلنڊ
نيو هبرائيڊز
نيو ڪيليڊونيا
3.000 فوٽن کان وڌيڪ
1500/ فوٽن کان 3000 فوٽن تائين
600 فوٽن کان 1500/ فوٽن تائين
600 فوٽن کان گهٽ
10
20
30
40
130
140
150
160
170
180

ڦطار مان نڪري، ڏکڻ-اولهه طرف وهن ٿيون. جبلن جي هن قطار ۾ ڪيترن هنڌن تي گهارا آهن، جتان سامونڊي ڪناري واري علائقي کان ملڪ جي اندرين حصي ۾ اچي سگهجي ٿو.

2. الهندو مٿاهون پٽ: آسٽريليا جو الهندو ڀاڱو هڪ وڏو مٿانهون پٽ آهي، جنهن جي اوچائي 600 فوٽن کان 1500 فوٽن تائين آهي. هن جي ايرلنڊي ڀاڱي ۾ ٻه ننڍيون ننڍيون جبلن جون قطارون ميڪڊانل ۽ مس گريو ٻه آهن. باقي سڄو حصو ريگستاني آهي.

3. وچ وارو ميدان: هي تمام هيٺانهون علائقو آهي، ۽ ڪن هنڌن تي سمنڊ جي مٿاڇري کان به هيٺ آهي، جتي "اير" ڍنڍ آهي. اتر-اوڀر ۽ اتر-اولهه کان ايندڙ نديون هن هيٺاهين علائقي ۾ اچي ڇوڙ ڪنديون آهن.

## آبهوا


جڏي گهيرو آسٽريليا جي ذري گهٽ وچ مان لنگهي ٿو، ان ڪري هن جو اتريون اڌ ڀاڱو ڪوسي ڪمربند ۾ ۽ ڏاکڻيو اڌ ڀاڱو پوري ٺڌي ڪمربند ۾ آهي. آسٽريليا جيئن ته ڏکڻ اڌ گول ۾ آهي، تنهنڪري هتي موسمون اتر اڌ گول جي ابتڙ ٿينديون آهن. يعني جڏهن اسان وٽ سيارو هوندو آهي ته اتي گرمي جي مند هوندي آهي، ۽ وري جڏهن هتي اونهارو هوندو آهي ته اتي سيارو ٿئي ٿو.

جدي گهيري جي هن ڪنڊ مان لنگهڻ سبب هن جو گهڻو ڀاڱو اهڙي پٽي ۾ آهي، جتي برسات تمام گهٽ پوندي آهي. جيڪي چوماسي هوائون پئسفڪ وڏي سمنڊ مان اٿن ٿيون، سي اتر ۾ ۽ اڀرندي ڪناري جي جبلن تي مينهن وسائي، گهم کان خالي ٿي وينديون آهن، ۽ ملڪ جو اندروني حصو برسات کان محروم رهجي ويندو آهي. ڪڏهن ته هن حصي ۾ سڄو سال هڪ بوند به نه پوندي آهي. انهيءَ ڪري اڀرندي وارن جابلو علائقن ڪوئينزلنڊ، اترين ڪناري وارن علائقن ۽ ڏاکڻي ڪناري وارن اوڀر ۽ اولهه وارن علائقن کي ڇڏي، جتي 20 انچ يا ان کان به وڌيڪ برسات پوندي آهي، آسٽريليا جو سڄو وچيون ۽ الهندو ڀاڱو هڪ خشڪ علائقو آهي، جتي برسات تمام ٿوري پوي ٿي ۽ گرمي تمام گهڻي اندازي ۾ ٿئي ٿي. آسٽريليا جي ڏاکڻي ڪناري جي اوڀر ۽ اولهه وارين ڪنڊن ۾ سياري ۾ مينهن پوندو آهي، ڇاڪاڻ ته هتي جي آبهوا ڀونوچ سمنڊ جي پٽي جهڙي آهي.

اڀرندي جبلن جو لاهه، اولهه طرف آهي ۽ هتي زمين جي سطح هيٺان گهڻو پاڻي موجود آهي، جنهنڪري زمين ۾ سوراخ ڪرڻ سان پاڻي نڪري ايندو آهي. آسٽريليا ۾ انهيءَ قسم جا آرٽيزي کوهه جام آهن.

## قدرتي پيداوار

ساليانيءَ برسات جي چارٽ کي ڏسو ته آسٽريليا ۾ برسات ڪٿي گهٽ پوي ٿي. هنن علائقن ۾ سدائين ساوا وڻ يوڪيلپٽس جا ڪيترن قسمن جا موجود آهن. انهن کان سواءِ هتي ٻين ڪيترن نمونن جا وڻ به آهن. آسٽريليا جي گهڻي ڀاڱي ۾ جتي مينهن ٿورو پوي ٿو، اتي سوانا گاهه جا ميدان آهن، جن ۾ ڪي ٻوٽا به ٿيندا آهن. ريگستاني علائقي ۾ سالٽ بش نالي ٻوٽو ٿئي ٿو، جنهن کي رڍون ڏاڍي مزي سان




ڪانئيند بون آهن. هاڻي جتي پاڻي آهي، اتي ٻوٽا وغيره صاف ڪري، فصل پوکيا پيا وڃن.

زرعي پيداوار، معدني پيداوار، جانور ۽ ماڻهن

جا ڌنڌا: آسٽريليا ۾ ڦاڙيندڙ جانور نالي طور آهن، ۽ اصلوڪا رهاڪو به تمام گهٽ آهن، انهيءَ ڪري جيڪي ماڻهو آباد ٿين جي ايت سان ٻهريائين هتي آيا، تن هن کنڊ جي ڪشادن ميدانن کي چوپائي مال ۽ رڍن جي پالنا لاءِ موزون سمجهيو. اهوئي سبب آهي جو آهستي آهستي هتي تمام وڏا چراگاهه قائم ٿي ويا، جتي ڪئين ڪروڙ سٺي نسل جون رڍون پاليون وڃن ٿيون. انهن مان عمدي قسم جي اُنَ حاصل ٿيندي آهي، جنهن کي "مرينو" چوندا آهن.

آسٽريليا ۾ بستيون هڪٻئي کان گهڻي مفاصلي تي آهن. هڪ ڪشادي علائقي جا ريڍار ۽ ڌنار هڪ مرڪز قائم ڪري ڇڏيندا آهن، جتي روزمره جون ڪم ايندڙ شيون، پوسٽ آفيس، مشين جي مرمت جا ورڪشاپ، ريڊيو اسٽيشن، اسپتال ۽ پيٽرول پمپ هوندا آهن، اتي ان علائقي جي جانورن جي سنڀال ڪندڙ عملو به رهي ٿو. ريڍار پنهنجا ڌڻ ڪاهي هيڏانهن هوڏانهن ٻڪرجي ويندا آهن. اڳي اهي ڌنار گهوڙن تي چڙهي، ڪتن جي مدد سان پنهنجي رڍن کي ضابطي ۾ رکندا هئا، پر هاڻي انهن موٽرون به استعمال ڪرڻ شروع ڪيون آهن. شام جو هي ريڍار پنهنجا

ڏن موڻائي چراگاهه ۾ مقرر ٿيل وڻاڻ تي آڻيندا آهن.
هتي به ريڊيو جا نشري اوزار لڳل هوندا آهن، ۽
جيڪڏهن ضرورت پوي ته ڏنار ريڊيو جي ذريعي
پنهنجي مرڪز سان ڳالهه ٻولهه ڪري سگهندا آهن،
۽ بيماريءَ جي صورت ۾ ڊاڪٽر دوا به ريڊيو جي
ذريعي ٻڌائيندو آهي، يا هوائي جهاز ۾ چڙهي، چراگاهه
۾ پهچي ويندو آهي. هاڻي گهڻن هنڌن تي آرٽيزين
کوهه لڳائي، پاڻي موجود ڪيو پيو وڃي، ته جيئن
چراگاهه گهڻو گاهه پيدا ڪري سگهن. رڍن جي اُن
۽ گوشت مان آسٽريليا بيشمار دولت ڪمائي ٿو.
ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جي زماني ۾ سن 1939ع کان
1945ع تائين آسٽريليا ڏهن ڪروڙ ڊالرن جي اُن



وڪرو ڪئي ٿي. رڍن کان سواءِ آسٽريليا ۾ ٻيو
جو ٻيو مال به پالهو ويندو آهي، انهيءَ ڪري هتان
سڪل کير، مکڻ ۽ پنير گهڻي مقدار ۾ ٻاهرين ملڪن
کي موڪليو ويندو آهي. رڍن، ڳائين ۽ سوئرن جو
گوشت جهازن جي سرد خانن ۾ رکي، يورپ موڪليو
وڃي ٿو. ڏاکڻين ڪناري وارن علائقن ۾ تسمانيا ۾
هر قسم جو ميوو پيدا ٿئي ٿو، انهيءَ ڪري هتي شراب
۽ مربا وغيره تمام گهڻا تيار ڪيا ويندا آهن. جتي
برسات گهٽ پوندي آهي يا پاڻيءَ جو سٺو بندوبست
آهي، اتي ڪڻڪ، مڪئي، ڪمند، ڪپهه ۽ جوئر
گهڻي ٿئي ٿي. هتي جا هاري پنهنجي گهرجن کان
تمام گهڻو اَن پيدا ڪن ٿا، تنهنڪري آسٽريليا تمام
گهڻي ڪڻڪ ٻاهر موڪليندو آهي. ملڪ ۾ سونُ،
چاندي، لوهه، ڪوئلو، ميگنيز، جپسم، شيهو،
ڪوبالٽ، ٽنگسٽن، ٽامو ۽ جست، تمام گهڻو آهي،
ان ڪري هاڻي هتي صنعت ۽ حرفت تمام گهڻي ترقي
ڪئي آهي، ۽ رُڪ لوهه جي ڪارخانن قائم ٿيڻ
ڪري جهاز ۽ موٽرون به ٺهڻ لڳيون آهن، ۽
ڪپڙي اُڻڻ، رٻڙ مان ٽائرن ۽ ٽيوبن ٺاهڻ، چمڙي
رڱڻ، بوٽ تيار ڪرڻ، ريڊيو سيٽ، سبڻ جي مشين،
شراب ۽ ڪيميائي شين تيار ڪرڻ ۽ ڪاغذ ٺاهڻ جا
ڪارخانا لڳي ويا آهن. ڪيترا ماڻهو پنهنجي روزگار
لاءِ يا ته کاڻين کوٽڻ جو ڪم ڪندا آهن يا وري


ڪارخانن ۾ ڪمائيندا آهن. آمريڪا کان پوءِ آسٽريليا جا مزور دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ خوشحال آهن. هتي ڪائين جو ڪم ايترو ته گهڻو آهي، جو رکو بروڪن هل مان هڪ ڪرب ڏالرن جي چاندي، شيهو ۽ جست ڪڍيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح آسٽريليا جا ماڻهو سال چارڻ، پوک ڪرڻ، ڪائين کوٽڻ ۽ صنعت ۽ حرفت مان پنهنجي روزي حاصل ڪن ٿا.

## ملڪي ورهاڱو

آسٽريليا جو سڄو کنڊ هڪ ئي ملڪ آهي، پر هيٺين ستن جدا جدا رياستن جي گڏجڻ مان ٺهيو آهي:

1. وڪٽوريا: هيءَ سڀ کان ننڍي رياست آهي، هن جي ايراضي 87884 چورس ميل آهي. هتي ڪڻڪ جو، مڪائي، للسپاتيون، زردالو، انگور ۽ نارنگيون تمام گهڻيون پيدا ٿينديون آهن، ۽ ڍڳيون ۽ رڍون جام پاليون وڃن ٿيون. ميلبورن هن جي گاديءَ جو هنڌ ۽ وڏو صنعتي مرڪز آهي.

2. نيو سائوٿ ويلس: هيءَ مري ۽ ڊارلنگ نديءَ جي ماٿري آهي. هن جي ايراضي 309433 چورس ميل آهي. هتي معدني شيون تمام گهڻيون موجود آهن. هتي ڪڻڪ ۽ جانور پيدا ٿين ٿا، سڊني هن جي گاديءَ جو هنڌ آهي، جتان ٿوري مفاصلي تي بروڪن هل ۾ چاندي، شيهي ۽ جست جون کاڻيون


نقشو
آسٽريليا ۽ نيوزيلينڊ
ملڪي ورهاڱو
ميل 200 400 800 ميل
انڊونيشيا
مشرقي نيوگني
پاپوا
تيمور سمنڊ
هندي
وڏو سمنڊ
اُتر آسٽريليا
مغربي آسٽريليا
شاهراه
ڏکڻ آسٽريليا
ڪوئنز لينڊ
نيو سائوٿ ويلز
وڪٽوريا
تسمانيه
پئسفڪ وڏو سمنڊ
تسمانيه سمنڊ
نيوزيلينڊ
ڊارون
ايلس سپرنگ
ڪيرنز
برسبين
نيوڪيسل
سڊني
ڪينبرا
ميلبورن
ايڊيليڊ
پورٽ آگسٽا
پرٿ
البني
اسپرنس
ڪالگرلي
آڪلينڊ
ولنگٽن
ڪرائسٽ چرچ
ڊونيڊن
نيو ڪيليڊونيا
ملڪي حد
آسٽريليا جي گادي جو هنڌ
علائقي جو هيڊ ڪوارٽر
مشهور شهر

آهن. ليوڪاسل هن رياست جو ٻيو وڏو شهر آهي.
هن رياست ۾ هڪ صحت بخش هنڌ تي آسٽريليا جي
گاديءَ جو هنڌ "ڪينبرا" آباد آهي، جو هن رياست
جو حصو شمار نہ ڪيو ويندو آهي، پر گڏيل علائقو
آهي. هن رياست ۾ آرٽيزين کوهہ گهڻي تعداد ۾ آهن،
جن مان پوکن کي پاڻي پهچايو ويندو آهي.

3. ڪوئينزلينڊ: هن رياست جي ايراضي 667000
چورس ميل آهي. هتي ڪمند، چانور، ڪپهہ، مڪائي،
ڪڻڪ ۽ اناس پيدا ٿين ٿا. هن رياست ۾ ڪيترن ئي
قسمن جا ڌاتو ملن ٿا. برسبين هن جي گاديءَ جو
هنڌ ۽ واپاري ۽ هنري مرڪز آهي. "راڪ هيمپٽن"
۽ "ميري برو" سون ۽ چانديءَ جي روالگيءَ ڪان
مشهور آهن. ميڪي، ٽائونزول ۽ ڪيئرنز بہ هن
رياست ۾ آهن، ۽ سمنڊ جي ڪناري تي آهن. هيءَ
رياست پنهنجن عمدن چراگاهن ڪان مشهور آهي.

4. اتر آسٽريليا: هيءَ رياست تمام ٿوري وسايل
آهي. هن جي ڪل ايراضي 523620 چورس ميل آهي،
پر منجهس آدمشماري رڳو 28822 آهي. ڊارون هن جي
گاديءَ جو هنڌ ۽ ملڪ جو مکيہ هوائي اڏو آهي.

5. ڏکڻ آسٽريليا: هن رياست جي ايراضي 380070
چورس ميل آهي. هن جو گهڻو حصو وسايل نہ آهي.
ماڻهو گهڻو ڪري سمنڊ جي ڪناري تي آباد آهن.

ايڊبليڊ هن جو مکيہ بندرگاهہ ۽ گاديءَ جو هنڌ آهي. هتي موٽر ڪارن ۽ عرق ٺاهڻ جا ڪارخانا آهن.

6. اولهہ آسٽريليا: هيءَ سڀ کان وڏي رياست آهي. هن جي ايراضي 975920 چورس ميل آهي. هن جي ڏکڻ-اولهہ واري ڀاڱي ۾ ڀونوچ سمنڊ جهڙي آبهوا آهي. هتي انگور، زردالو، آڙو، ناسپاتيون، ڪڻڪ ۽ جَوَ پيدا ٿين ٿا. هن رياست ۾ ڪالگرلي ۽ ڪولگارڊيءَ وٽ سون جون کاڻيون آهن. پرٿ هن جي گاديءَ جو هنڌ، ۽ فري مينٽل سندس بندرگاهہ آهي. فري مينٽل ريلوي لائين رستي ڏکڻ آسٽريليا سان ڳنڍيل آهي.

7. تسمانيا: هيءَ 26215 چورس ميلن جو هڪ ٻيٽ آهي، جو آسٽريليا جو هڪ ڀاڱو آهي. هوبرٽ هن جي گاديءَ جو هنڌ آهي. هن ٻيٽ جي آبهوا ٻين رياستن جي ڀيٽ ۾ سٺي آهي. هتي ڪڻڪ، جَوَ، صوف ۽ ٻيا ميوا پيدا ٿيندا آهن.

نيوگنيءَ جو اپرندو علائقو، آئيربن جو هڪ حصو ۽ اڌ انٽارڪٽڪا آسٽريليا جي حڪومت هيٺ آهن.

نيوزيلينڊ

هيءَ ٻن وڏن ٻيٽن تي وسايل هڪ ملڪ آهي، جو آسٽريليا جي ڏاکڻين ڪناري جي اوڀر ۾ آهي. هيءَ هڪ آزاد ملڪ آهي. هن جي آدمشماري 2640111

۽ ايراضي 103934 چورس ميل آهي. ويلنگٽن هن جي گادي‌ءَ جو هنڌ آهي ۽ آڪلئنڊ سنڌس سڀ کان وڏو شهر آهي. هتان اَن، گوشت، پنير ۽ ڪاٺ ٻاهر موڪليون وڃن ٿيون.

## سوال

1. آسٽريليا ڪيئن لڌو ويو، ۽ هتي ڪهڙا ڪهڙا عجيب جانور آهن؟
2. آسٽريليا جي قدرتي ڀاڱن ۽ آبهوا متعلق او هان ڇا ٿا ڄاڻو؟
3. آسٽريليا ۾ ڪيتريون رياستون آهن، ۽ انهن جي گادي‌ءَ جا هنڌ ڪهڙا آهن؟
4. آسٽريليا ۾ رڍون گهٽي تعداد ۾ ٿيون ٿين ٿيون؟
5. آسٽريليا ڪهڙيون ڪهڙيون شيون ٻاهر موڪلي ٿو؟
6. آسٽريليا ۾ ماڻهو ڪناري وارن علائقن مان گڏو گڏ رهن ٿا، ان جو سبب ٻڌايو؟
7. آسٽريليا جي گادي‌ءَ جو هنڌ ڪٿي آهي؟

# ڏکڻ آمريڪا

آمريڪا کي نئين دنيا چوندا آهن، ڇو ته هيءَ سرزمين پندرهين صدي عيسويءَ ۾ دريافت ٿي هئي. آمريڪا جا ٻه حصا آهن: هڪ ڏکڻ آمريڪا ۽ ٻيو اتر آمريڪا. انهن ٻنهي کنڊن کي اڳي پاناما جي ڳچي ڌرتي پاڻ ۾ ملائيندي هئي. پر پاناما واهه کوٽجڻ کان پوءِ اهي ٻئي کنڊ هڪٻئي کان ڌار ٿي ويا آهن.

دنيا جي نقشي ۾ آمريڪا جي هنن ٻنهي کنڊن کي ڏسو. ڏکڻ آمريڪا جو گهڻو ڀاڱو ڏکڻ اڌ گول ۾ آهي. خط استوا هن جي اتر واري حصي مان لنگهي ٿو، ۽ جدي گهيرو ذري گهٽ هن جي وچ ۾ آهي، جنهنڪري هن جو گهڻو ڀاڱو گرمي ڪمربند ۾ آهي. رڳو آخري ڏاکڻيو ڀاڱو ٿوري ٿڌيءَ آبهوا جي پٽي ۾ آهي. هن جي اوڀر ۾ ائٽلانٽڪ وڏو سمنڊ ۽ اولهه ۾ پئسفڪ وڏو سمنڊ آهي. هن جي ڪل ايراضي 6894000 چورس ميل ۽ آدمشماري 162000000 آهي.

قدرتي ڀاڱا: مٿاڇري جي خيال کان ڏکڻ آمريڪا جا ٽي ڀاڱا آهن. الهندي ڪناري سان گڏوگڏ انڊيز جبلن جي قطار اتر کان ڏکڻ تائين پکڙيل آهي. هن



نقشو
ڏکڻ آمريڪا
مٿاڇرو
ميل 800 400 200 0 ميل
ڪيريبين سمنڊ
وچ آمريڪا
اُتر ائٽلانٽڪ وڏو سمنڊ
ڏکڻ پئسفڪ وڏو سمنڊ
ڏکڻ ائٽلانٽڪ وڏو سمنڊ
جدي ڳميرو
ليانوز
ماتوگراسو
ڪمپوز
سمنڊجي مٿاڇري کان اوچائي
12,000 فوٽن کان اوچو
6,000 فوٽن کان 12,000 فوٽن تائين
3,000 فوٽن کان 6,000 فوٽن تائين
500 فوٽن کان 3,000 فوٽن تائين
500 فوٽن کان گهٽ

کنڊ جي اتر ۽ ٻين ڀاڱي ۾ برازيل جو تمام وڏو ميدانهون پٽ ۽ اتر ۾ "گي آنا" جا جبل آهن. باقي ميداني علائقي ۾ دريائن جون ماٿريون آهن.


اميزان ندي ۽ ان جي ڀرتي ڪندڙ ندين جي ماٿري، جنهن جي اترئين حصي کي لانوز ۽ ڏاکڻي حصي کي سيلواز چوندا آهن، سا 'برازيل' جي ميدانهين پٽ ۽ گي آنا جي ٽڪرين جي وچ ۾ آهي، ۽ پارانا ندي ۽ ان جي ڀرتي ڪندڙ ندين جي ماٿري جنهن جي ڏاکڻين ڀاڱي کي پمپاس ۽ اترئين حصي کي ڪمپوس چوندا آهن، سا برازيل جي ميدانهين پٽ جي اولهه ۾ آهي. گران چاڪو جي ڏيهه وارو ميدان پارانا نديءَ جي ڀرتي ڪندڙ ندين جي ماٿريءَ ۾ آهي، ۽ پيٽيگونيا جي انڊيز جبل جي ويران ميدانهين پٽ جي ڏاکڻين ڀاڱي جي اوڀر ۾ آهي.

'اميزان' ندي ۽ 'اورينوڪو' ندي اولهه کان اوڀر طرف وهن ٿيون، ۽ 'پارانا' ندي ۽ 'يوروگوئي' ندي اتر کان ڏکڻ طرف وهنديون آهن. اهي سڀ نديون ائٽلانٽڪ وڏي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪن ٿيون. اهڙيءَ طرح هن کنڊ جي اترئين ڀاڱي جو لاهه انڊيز جبل کان ائٽلانٽڪ وڏي سمنڊ جي ڪناري ڏانهن آهي، ۽ ڏاکڻين ڀاڱي جو لاهه کنڊ جي وچ کان ڏکڻ طرف آهي. انهن جبلن، دريائن ۽ ميدانن کي نقشي ۾ ڏسو.

<u>آبهوا، ٻوٽا، جانور ۽ ڏلڏا:</u> هيءُ کنڊ اتر ۾ تمام ويڪرو آهي، ۽ هن جو اتريون حصو ڪوسي ڪمربند ۾ آهي، تنهنڪري برازيل جي اترئين ڪناري، 'ڪي آنا'



جي ٽڪرين جي اوڀر ۾ ڪناري وارن علائقن،
ايمزان نديءَ ۽ ان جي ۃ تي ڪندڙ ندين جي مهڙ
وارن علائقن ۾ برازيل جي مٿانهين پٽ جي ڏکڻ-اوڀر




سڀ بندرگاهه گهڻو ڪري اتر ۽ اوڀر وارن ڪنارن تي آهن. انهن جو بيان اڳتي ايندو.

## ملڪي ورهاڱو

هن کنڊ ۾ تيرهن ملڪ آهن:

1. وينزويلا: هيءُ هن کنڊ جي اتر ۾ آهي. هن جي ايراضي 352143 چورس ميل ۽ آدمشماري 1722000 آهي. ڪيراڪاس هن جي گاديءَ جو هنڌ آهي، جنهن جي آدمشماري 16 لکن جي لڳ ڀڳ آهي. اورينوڪو ندي هن جي وچ مان لنگهي ٿي. هتي ليانوز گاهه جا ميدان آهن، جتي ڪن هنڌن تي ڪافي، مڪائي، تماڪ، ڪمند، ۽ ڪوڪو جي پوک ٿيندي آهي، ۽ ٻيلا به جام آهن. چراگاهن سبب ماڻهو ڳائين، ڏاندن، سوئرن ۽ ٻڪرين جا ڌڻ پاليندا آهن. هتي لوهه ۽ پيٽرول به گهڻو آهي. تيل گهڻي مقدار ۾ ٻاهرين ملڪن ڪي موڪليو ويندو آهي لاگوئيرا ۽ پيورٽوڪيٻيلو هن جا مکيه بندرگاهه آهن.

2. ڪولمبيا: هيءُ وينزويلا جي اولهه ۾ آهي. هن جو اتريون حصو ڪيريبين سمنڊ تي ۽ الهندو حصو پئسفڪ وڏي سمنڊ تي آهي. پاناما رياست هن کي اتر آمريڪا سان ملائي ٿي. هن جي ايراضي 439828 چورس ميل ۽ آدمشماري 17787000 آهي. بوگاٽا هن جي گاديءَ جو هنڌ آهي. هن جو الهندو حصو جابلو ۽ اتريون ۽ اڀرندو حصو ميداني آهن. ڪولمبيا



نقشو
ڏکڻ آمريڪا
سياسي ورهاڱو
ميل 200 400 800 ميل
ڪيريبين سمنڊ
اُتر ائٽلانٽڪ وڏو سمنڊ
ڏکڻ ائٽلانٽڪ وڏو سمنڊ
ڏکڻ پئسفڪ وڏو سمنڊ
جدي گهيرو
ڪولمبيا
بوگوٽا
وينزويلا
برازيل
پيرو
بوليويا
لاپاز
برازيليا
بيلوهاريزانٽا
فورٽاليزا
ريسيفي
سلوادور
بيلم
انٽوفاگستا
سانٽياگو
ڪنسيپشن
باهيا بلانڪا
بيونس ايرز
مانٽي ويڊيو
بين الاقوامي سرحد
دارالحڪومت
مشهور شهر

۾ ڪيلا، ڪافي، ڪمند، تماڪ، ڪوڪو، چانور، مڪائي، ڪڻڪ، ڪپهه ۽ سنڪونا پيدا ٿين ٿا. هن جي ڏاکڻين ڀاڱي ۾ ربڙ جا جهنگلي وڻ به آهن. ملڪ ۾ سون، چاندي، پلاٽينم، زمرد، لوهه جون کاڻيون آهن، ۽ پيٽرول ۽ قدرتي گئس موجود آهي. ڪارٽاجينا ۽ بيرن قوئلا هن جا به مشهور بندرگاهه آهن.

3. ايڪويڊار: هي ننڍو ملڪ ڪولمبيا جي ڏکڻ اولهه ۾ يعني پئسفڪ وڏي سمنڊ تي آهي. هن جي ايراضي 115000 چورس ميل ۽ آدمشماري 51 لک آهي. هن جي گاديءَ جو هنڌ ڪيوٽو آهي، جو گهڻو ڪري خط استوا تي آهي. پر جيئن ته هيءَ 9300 فوٽن جي اوچائيءَ تي آهي، تنهنڪري هن جي آبهوا نهايت وڻندڙ آهي. ايڪويڊار ۾ گهڻي برسات پوي ٿي تنهڪري هتي ڪافي، ڪوڪو، چانور ۽ ڪيلا پيدا ٿيندا آهن. تيل ۽ سون به ملي ٿو. گواڪل هن جو بندرگاهه آهي.

4. پيرو: هيءُ ملڪ ايڪويڊار جي ڏکڻ ۾ پئسفڪ وڏي سمنڊ سان لاڳيتو چليءَ تائين ڦهليل آهي. هن جي ايراضي 513000 چورس ميل ۽ آدمشماري 11650000 آهي. ”ليما“ گاديءَ جو هنڌ اٿس. هتي ڪيلن، ڪافي، ڪوڪو، ڪپهه، ڪمند، چانورن، ڪڻڪ ۽ مڪائيءَ جي پوک ٿئي ٿي، ۽ چاندي، سون، ٽامو، لوهه، ڪوئلو، جست، ٽنگسٽن ۽ پيٽرول

وغيره زمين مان نڪري ٿو. ڪيلائو ۽ موليندو به، مکيا بندرگاهه آهن. هتي لاما نالي هڪڙو جانور لڀي ٿو، جنهن کان سواري ۽ بار ڍوئڻ جو ڪم ورتو وڃي ٿو. هن جي اُنَ تمام قيمتي ٿيندي آهي. اهڙيءَ طرح هڪ ٻيو جانور 'الپاڪا' نالي آهي، جنهن جي اُنَ مان قيمتي ڪپڙو تيار ٿيندو آهي.

5، 6، 7. گي آنا: هن علائقي ۾ ٽي ملڪ گي آنا، سورينام ۽ فرانسيسي گي آنا آهن. جارج ٽائون، پاراماربو ۽ ڪيئن ترتيبوار سندن گاديءَ جا هنڌ آهن. هنن ملڪن ۾ چانور، ڪمند، ڪيلو، ۽ ميني اوڪ (هڪ قسم جو ٻوٽو، جنهن جي نشاستي مان ماني پچائبي آهي) پيدا ٿيندو آهي، ۽ بڪسائيٽ، سونُ، هيرن ۽ مينگنيز جون کاڻيون آهن.

8. برازيل: ڏکڻ آمريڪا جو وڏي ۾ وڏو ملڪ آهي. هن جي ايراضي 3286170 چورس ميل ۽ آدمشماري 82222000 آهي. هي ملڪ 2300 ميل ڊگهو ۽ اتڪل ايترو ئي ويڪرو آهي. هي دنيا جي پنجن وڏن ملڪن مان هڪ آهي. برازيليا هن جي گاديءَ جو هنڌ ۽ رائيوڊيجينيرو سندس سڀ کان وڏو شهر ۽ بندرگاهه آهي. برازيل ۾ 90 سيڪڙو ماڻهو ايرندي ڪناري تي ئي آباد آهن. دنيا جي سڀ کان وڏي ندي ايمزان جي گهاٽن ٻيلن جي قيمتي ڪاٺ، ڪمپوس ۽ سيلواز جي گاهه ۽ جڙين ٻوٽين

ڪان سواءِ هتي ڪافي، ڪمند، ڪپهه، تماڪ، ڪيلو، چانور، ڪوڪو، ربڙ، ونيلا، ميني اوڪ، مڪائي ۽ ڪاٺ گهڻي ٿئي ٿي. معدني شين ۾ هتي سون، بڪسائيٽ، پٽل، يورينيم، نڪل، ڪروميم، هيرا، ڪوئلو، مينگنيز، تيل، ابرڪ ۽ لوهه ملي ٿو. رائيوڊيجينيرو، بيلم، سانٽوس، ريسيفي ۽ سيلواڊور هن جا مکيه بندرگاهه ۽ هنري مرڪز آهن. انهن کان سواءِ سائو پالو، بيلوهاري، زونٽي ۽ پورٽوالجيري مکيه صنعتي شهر آهن. هتان گهڻو ڪري ڪافي، ڪپهه، ڪوڪو، ڪاٺ ۽ کنڊ ٻاهر موڪلجن ٿا.

9. بوليويا: هي ملڪ برازيل جي اولهه ۽ پيرو ۽ چلي جي اوڀر ۾ آهي. هن جي ايراضي 412277 چورس ميل ۽ آدمشماري 37 لکن کان ڪجهه وڌيڪ آهي. لاپاز هن جي گادي جو هنڌ آهي. هن ملڪ ۾ پٽاٽا، ميوو، مڪائي، ڪمند، سنڪونا ۽ چانور پيدا ٿين ٿا، ۽ معدني شين ۾ ٽين، چاندي، سون، ٽامو، پيٽرول، شيهو، سرمو ۽ ٽنگسٽن ملي ٿو.

10. چلي: هي ملڪ پيرو جي ڏکڻ ۾، ۽ کنڊ جي وچ کان آخري ڏکڻ تائين ڪناري سان ڪڏوڪڏ هڪ سوڙهي پٽي وانگر پکڙيل آهي. هن جي ڊيگهه 2600 ميل ۽ ويڪر سراسري 100 ميل آهي. هن جو گهڻو ڀاڱو جابلو آهي، ڇو ته انڊيز جبل هن ملڪ ۾ اتر کان ڏکڻ طرف پکڙيل آهي. هن جي ايراضي

ٻڪريون ۽ لاما گهڻا آهن. ارجنٽينا جو ڏيون حصو پيٽيگونيا جي مٿانهين پٽ تي آهي، جو انڊيز جبل جي اوڀر ۾ آهي، جتي مينهن تمام ٿورو پوي ٿو. هتي ڪاٻہ پوک نٿي ٿئي، البت رڍون گهڻيون پاليون وينديون آهن. هتي پيٽرول ۽ قدرتي گئس جام آهي. تنهن ڪان سواءِ چاندي، ٽامو، ٽنگسٽن، جست، شيهو، مينگنيز، ٽين، ڪوئلو ۽ لوهہ بہ آهي. بيونس ايرز ڪان سواءِ باهيا، بلانڪا، روساريو، سانٽافي، ڪارڊوبا ۽ مينڊوزا ۾ بہ مختلف هنري ڪارخانا آهن. هتان ڪڻڪ، اٽو، ٿڌو گوشت، انَ ۽ کلون ٻين ملڪن کي موڪليون وينديون آهن.

12. يوروگوئي: هيءُ ننڍو ملڪ ارجنٽينا ۽ برازيل جي وچ ۾ سمنڊ جي ڪناري تي آهي. هن جي ايراضي 72172 چورس ميل ۽ آدمشماري 2682000 آهي. مانٽي وڊيو هن جي گادي، جو هنڌ ۽ بندرگاهہ آهي. آدمشماري 12 لکن کان وڌيڪ آهي.

13. پيراگوئي: هيءُ ملڪ کنڊ جي اندروني حصي ۾ آهي. هن جي ايراضي 150518 چورس ميل ۽ آدمشماري اٽڪل 20 لک آهي. گادي، جو هنڌ اسونشن آهي. هتي تماڪ، پيراگوئي-چانهہ، ميڻي اوڪ، ڪپهہ، ۽ مڪائي، جي پوک ٿئي ٿي، ۽ چوپايو مال پاليو ويندو آهي. هن ملڪ جي اڌ زمين غيرآباد ۽ پوک لائق نہ آهي.

## سوال

1. ڏکڻ آمريڪا کنڊ جا مٿاڇري جي خيال کان ڪهڙا ڀاڱا آهن، ۽ انهن جي آبهوا ڪهڙي قسم جي آهي؟
2. گاهه جي وڏن ميدانن جا نالا ۽ انهن جي پيهڪ ٻڌايو.
3. برازيل، ارجنٽينا ۽ چليءَ جي مکيه پيداوار ۽ معدني پيدائش ٻڌايو.
4. اينڊي ڪاما جو رڻپٽ ڪٿي آهي ۽ هتي ڇا پيدا ٿيندو آهي؟
5. ڏکڻ آمريڪا جا وڏا وڏا درياءَ ۽ انهن جا لنگهه ٻڌايو.
6. ڏکڻ آمريڪا مان ڪهڙيون شيون ٻاهر موڪليون وڃن ٿيون؟
7. اترئين ڪناري ۽ اڀرندي ڪناري وارن بندرگاهن جا نالا ٻڌايو.